# سنڌي ذات هنجن

## رسول بخش پليجو

(ڇاپو پهريون ...... آڪٽوبر، 1983ع)

سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي
ٽاڏي ٽانو، حيدرآباد سنڌ

# سَنڌِي ذاتِ هَنجَن

سَرُ وڃايو سُرهو، ڪُوڙن ڪانيرن،
آڏيءَ رات اُٺي ڪري، ڏَدا ڏانهون ڪن،
سنڌي ذات هَنجن، مُنهن ڪوڙي موتي چُٽي.

(شاهه)

# انتساب

**نالي**
**پورهيت سانگين ۽ جهانگين**
**جي طرفدار ۽ خدمتگار،**
**سائڻ توڙ تائين وفادار،**
**باخبر، باشعور، باضمير ۽ باصلاحيت**
**اديب ۽ فنڪار ڪاهوڙين جي.**

---

’وڳ ڪيئن وسرياءِ‘ جي شايع ٿيڻ کان اٺ مهينا پوءِ هي ڪتاب آڪٽوبر 1983ع ۾ اداري طرفان شايع ڪيو ويو. هن ڪتاب جو مسودو 1978ع ۾ اشاعت لاءِ تيار هو، پر ڪن مجبورين سبب بروقت شايع نه ٿي سگهيو.

# فهرست



| | | |
|---|---|---|
| مهاڳ | محمد ابراهيم جويو | 4 |
| باب پهريون | ’هوئج هوشيار! ترڪڻ آهي تڙ ۾‘ | 9 |
| باب ٻيو | خاص ادبي پُڙي | 22 |
| باب ٽيون | دلين جو درد ـ نئين ڪوجنا؟ | 32 |
| باب چوٿون | ڇاءِ ڏک رڳو تباهه ڪندڙ آهن؟ | 43 |
| باب پنجون | ’آٽيو آب اکين ۾، ڏيھ ڪي ڏيکارين ...‘ | 52 |
| باب ڇهون | خالص ادب جو ڍونگ | 64 |
| باب ستون | ادب تخليق ڪرڻ لاءِ رڳو احساس ۽ جذبا ڪافي آهن ڇا؟ | 78 |
| باب اٺون | ماضيءَ جو ادب | 90 |
| باب نائون | دنيا ڪي ليڪ! | 100 |
| باب ڏهون | اڳوڻو ترقي پسند ادب | 109 |
| باب يارهون | ’هڻ تي فريدا! شاد ول ....‘ | 120 |
| باب ٻارهون | نوان هيرا | 126 |
| گيت | جهان ڪي ڏيو مبارڪون.... رسول بخش پليجو | 138 |



ٽيڪسٽ انٽري ۽ اِي بُڪ ڪمپوزنگ: سڪندر علي ابڙو، قمبر علي خان

# مهاڳ

هيءُ ڪتاب، ’سَنڌي ذاتِ هَنجَن‘، ادب جي پرک جو هڪ ڪتاب آهي، جيڪو اسان جي سڄاڻ ساٿيءَ، اسان جي اڄ جي ادبي حالتن ۾، اسان لاءِ لکڻ مناسب سمجهيو آهي ـــ اُئين ئي جيئن هُن 1960ع ڌاري ’اَنڌا اُونڌا ويڄ‘ اسان لاءِ لکيو هو.

هيءُ اسان جو بهادر ساٿي گذريل چئن سالن کان لاهور جي لکپت جيل ۾ بند آهي، بيمار گذاري ٿو ـــ پر اسان جي حالتن کان باخبر آهي، ۽ اسان لاءِ سوچي رهيو آهي. دراصل اُتي هو اسان جي ئي ڏوهن جو ڪُفارو ادا ڪري رهيو آهي ـــ جيتوڻيڪ تازو پنهنجي شعور ۽ ارادي جي زنده هجڻ جو جيڪو ثبوت اسان وٽان کيس مليو آهي، اُن کيس بيحد خوش ڪيو هوندو.

پنهنجي هِن پياري ساٿيءَ سان اسان جا انيڪ لاڳاپن جا ڌاڳا ـــ رات جي اُپ ۾ سدا چمڪندڙ چنڊ ۽ تارن جا ڌاڳا، ڏينهن جي اوجل صبح جا ڌاڳا، اسان جي حالَ جا ڌاڳا ـــ ڳنڍيل آهن، ۽ ڪو هڪ ڌاڳو به ڇڪجي ٿو، ته ٿوري ئي ڪا اُن ڪي ساهَ اچي ٿي، ته هُن جو مَنُ ضرور اُتي لرزيو هوندو. پر خاص طرح اسان جي ٻولي، جيڪا اسان جو ساهُ آهي ۽ جنهن سان اسان جو مَنُ جيئي ٿو، اُها هُن کي ۽ اسان کي (اِن کان اسين باخبر هجون يا نه) هڪ گهڙي به جدا ٿيڻ نه ٿي ڏئي.

’ٻولي‘، آوازُ ـــ ڏانهَن ۽ ڏانهَن جو جواب ـــ ٻوليءَ جا لفظ، ٻوليءَ جون ڳالهيون زندگيءَ جي وڏي وٿ آهن ۽ اُن لاءِ وڏو آڌت آهن، بلڪ ماڻهن لاءِ ماڻهپي سان جيئڻ جو بنياد آهن. روسي اديب ترگينيف (83 ـ 1818ع)، جنهن پنهنجي عمر جو سڄو اڌ عرصو ڪنهن طرح بي وطنيءَ ۾ گذاريو هو، پنهنجي روسي ٻوليءَ لاءِ هڪ موقعي تي چيو هو: ”جڏهن به مان شڪ ۾ ويڙهجي وڃان ٿو، جڏهن به پنهنجي ملڪ تي ويچارينديءَ منهنجو من لرزجي ٿو، تڏهن او منهنجي عظيم، سگهاري، سچار، آزاد روسي ٻولي! تون ئي مون کي ڏڍ ڏين ٿِي ۽ مون کي بچائين ٿِي. جي تون نه هجين، ته پڪ ئي پڪ، جو ڪجهه منهنجي وطن تي وهي رهيو آهي، اُن کي ڏسي، آءٌ هوند ڊهي، ٻنهي پٽ اچي پوان: پر، ڪو اِئين آخر ڪيئن ٿو مڃي

سگهي تہ ھھڙي عظيم ٻولي عظيم قوم ڪان گهٽ ڪنهن قوم کي مليل هوندي!“ اسين بہ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ چئي سگهون ٿا تہ اُها اسان جو ڏِيَ آهي، آٿت آهي، ۽ اسان جا شڪ ۽ نراسايون دور ڪري ٿي؛ ۽ جيڪا ٻولي اسان کي اڄ ’سنڌي ذات هنجن‘ جھڙو نثر ڏيئي سگهي ٿي ۽ اُن جهڙي پرک ڏيئي سگهي ٿي، اُها ٻولي ڪيئن نہ عظيم هوندي! ۽ نيٺ اِئين ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ ھھڙي عظيم ٻولي عظيم قوم ڪان گهٽ ڪنهن قوم کي ملي هجي!

ترگينيف جو لاش جڏهن ٽيهن سالن جي غريب الوطنيءَ ڪان پوءِ روس جي مٽيءَ ۾ پورجڻ لاءِ پئرس مان وڃي رهيو هو، تڏهن مشهور فرينچ اديب، فيلسوف ۽ تاريخ نويس، رينان، اٿي چيو هو: ”ترگينيف ڪان وڌ دنيا ۾ اڄ ڪو شخص ڪونهي، جو هڪُ پنهنجي سڄيءَ قوم جو ترجمان بنجي سگهيو هجي: هُن جي وڏن جا ڪيئي خاموش نسل جيڪي صدين جي ننڊ ۾ ٻُڏل هئا، اُنهن کي بہ هِن جي ذريعي آواز مليو آهي، ۽ اُهي وري زنده ٿيا آهن.“ سچ پچ، ٻولي قومن جو آبِ حيات آهي ـــ انساني روح جو سدا تازو، پريو پاڪيو، پاڪ چشمو، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجو ماضي گڏ ڪري رکن ٿا، ۽ پنهنجي تمنائن جو، چاڻ جو، تجربي جو ۽ اڳ ويچار ۽ پروڙ جو عڪس ڏسن ٿا. ۽ اِهو سڄو ڪم سندن سگهڙَ اديب ۽ شاعر ڪن ٿا. ترگينيف نثرنويس هو ۽ همہ وقتي اديب هو. شعر جي دنيا ۾ اسين بہ پنهنجي تاريخ جي هڪ دور ۾ هڪ اهڙو محسن رکون ٿا ـــ لطيف ـــ جيڪو هڪُ ئي سڄورو شخص اسان جو پورو ترجمان هو، ۽ پوءِ اسان کي ٻيا بہ ڪي شاعر پنهنجي پنهنجي دور جا ڪجھ ڪجھ ترجمان مليا: پر اسان جِي نثر جي دنيا اجا اَهڙن ئي رڳو ڪجھ ڪجھ ترجمانن سان آباد آهي، اُن کي اجا ڪنهن دور جو هڪ ئي پورو ترجمانُ نہ مليو آهي. اسان جي هِن رهنما اديب ۽ نقاد ساٿيءَ رسول بخش پليجي، ۾ اُها ذات ۽ ڏانءُ هئا، جو هو ادب جي نثري صنف ۾ پنهنجي دور جو پورو ترجمان بنجي سگهي ها ـــ پر، افسوس، هُن جي سياسي مصروفيتن هُن کي اُها فرصت نہ ڏني.

هلندڙ صديءَ جي پوئين اڌ شروع ٿيڻ سان اسان جي ادبي دنيا ۾ هڪَ تازه دم چرپر شروع ٿي، ۽ اسان جا قلمڪار، شاعر ۽ اديب، ملڪي آزاديءَ جي مسئلن سان مُڪاميل ٿيندي ئي، ۽ اُنهن جي پهرينءَ اجنبيت ۽ دهشت تي غالب پوندي ئي، پنهنجي وطن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا ـــ پنهنجي ماڻهن جون، اُنهن جي غريبيءَ جون، اُنهن جي سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي حقن جون ۽ سندن روزمره جي مسئلن

جون .... ۽ اِئين ڪجھ وقت ئي نہ گذريو تہ سنڌن حيرت جي حد نہ رهي، جو مٿن تهمتن ۽ بهتانن جا بند ٻڌجڻ شروع ٿي ويا، ۽ ري گناهہ هو ڪافر بنجي ويا، غدار بہ ٿي ويا، ۽ ڪيئي قسم جا لقب مٿن لڳي ويا. ڳالھ ڪي ڪجھ ڪَنائيندي، ڏٺائون تہ اُهي ڏوڙيا مٿن اُتان ٿي اُٿيا، جتي جهالت هئي، بيجا عصبيت هئي ۽ هٺ ڌرمي هئي، ۽ وڏي ڳالھ تہ جنهن پاسي دولت ۽ دولت جا ذريعا هئا ۽ اقتدار هو، ۽ اُنهن جو اونو هو، ۽ اُنهن تي ڏاڍو وڏو آڌارُ ۽ گهمنڊُ هو. ترت ئي پوءِ خود منجهن بہ ڪي اِهڙا نڪورا نوان اديب اسري ميدان تي آيا، جيڪي سامراجي يورپ جي انساني زوال کان متاثر 'جديديت' جا سڏا يا اُن جي اثر ۾ آيل ڪجھ اُهڙي اردو ادب ۽ ڪجھ هڪ ٻن ٻارت جي اُهڙن سنڌي اديبن وسيلي، ايترا تہ هڪدم عادي ۽ اصلي متوالا بنجي پيا، جو پنهنجي ادب جي محب وطن ۽ انسان دوست ڪردار کان لادعوا ٿي، 'بيزاريءَ ۽ فرار' جي مُوڊ ۾، ادب ۾ 'ڳالھ' کي ڇڏي 'فن' جا دعويدار ٿي بيٺا، ۽ ڪي تہ اَهم واد (Egotism) ۾ اچي، خاص طرح 'جسم جي پنٿ' (Cult of Body) کي 'جوانيءَ جي راهہ' (Way of Youth) سڏيندي، ڪي اِهڙا سطحي ۽ سهل، ابتا ۽ لاتعلق 'فنپارا' پيش ڪرڻ لڳا، جو عصري ادب جي سرمايہ پسند ۽ اقتدار پرست اصلوڪن عداوتين کي پنهنجي تهمت بازين ۽ بهتان تراشين لاءِ ويٺي ويٺي ڪافي گهٽو مواد ملندو رهيو ـــ جيئن هاڻي بہ اُنهن کي وٿانئن ملندو رهي ٿو. هِن ڪتاب جي مصنف، اسان جي سُجاري اڳواڻ سائيءَ جيئن سنڌي ادب جي پهرئين سڌي ۽ پڌري مخالف گروهہ جي وارَ جو بروقت پنهنجيءَ جاندار تصنيف 'انڌا اونڌا ويچ' ۾ تُز جواب ڏنو هو، تيئن هُن پنهنجيءَ هِن املھ تصنيف، 'سنڌي ذات هنجن'، ۾ اُن ٻئي، 'پنهنجن' جي ويس ۾، لِڪل ۽ وڌيڪ خطرناڪ دشمن گروهہ جي هاڃيڪاريءَ جو وقتائتو جائزو ورتو آهي، جنهن لاءِ سچ تہ سنڌي ادب سندس سدا ٿورائتو رهندو.

جيئن پراڻيءَ شيءِ جو پراڻو هجڻ ئي اُن جي قدر جو ماڻ نہ آهي، تيئن نئينءَ شيءِ جو نئون هجڻ بہ اُن جي چڱائيءَ جو دليل ڪونهي. نظرياتي طور، اسان جا 'جديدي' دوست پاڻ بہ پنهنجيءَ اِن 'جديديت' جي ڪنهن انساني وٿ يا قدر جا قائل نہ آهن ـــ بلڪ هو پنهنجي 'جديدي ادب' کي انسانَ ۽ انسان جي دنيا کان پري رکڻ ئي پنهنجو منصب سمجهن ٿا. اصل ۾، خود فن بہ هُنن لاءِ ڪا اهميت ڪانہ ٿو رکي ـــ فن کي هو هڪ کيل، هڪ سانگُ ئي سمجهن ٿا، ۽ چون ٿا تہ زندگي، جيڪا ڳنڀير ۽ ڳري آهي، اُن سان فن کي ملائڻ ئي نہ کپي، چو تہ فن نِرو

فن ئي رهڻ ڪپي. اِئين هو زندگيءَ کان فن کي پري رکي، جيئن ادب کي تيئن اُن جي فن کي به پنهنجي انفرادي مرضيءَ ۽ ريجهڪ جي تابع رکڻ چاهين ٿا، بلڪ اُن لاءِ هو هر تسليم ٿيل ۽ پسند پيل ادبي ۽ فني معيار جي مذاق اُڏائين ٿا، ۽ جديديت جي عشق ۾، اُن لاءِ پنهنجي نفرت، بلڪ ڪراهت، جو اظهار ڪن ٿا. کُليو کُلايو هو چون ٿا ته هنن جي 'تخليق' مخصوص ماڻهن لاءِ، بلڪ سندن پنهنجي پاڻ لاءِ آهي — هُنن کي ئي اُن مان مسرت حاصل ڪرڻي آهي. ۽ اُن لاءِ هُنن جي اِها ڪوشش ٿي رهي ته پنهنجي فنپاري مان انساني دلچسپيءَ جي ڳالهين يا مسئلن کي جيئن پوءِ تيئن گهٽائيندا وڃن — ويندي سندن ادب ۾ سندن ٻولي به ماڻهن جي ٻولي نه رهي — تان جو باقي جيڪا سندن ڪاوش بچي سا خالص سندن 'فن' هجي، ۽ پوءِ اُهو اَهڙو فن هوندو، جو اُن کي فقط فن جا خاص ڄاڻو، يعني آخري طور رڳو هو پاڻ ئي، سمجهي سگهندا، ۽ اُن مان سچي جمالياتي مسرت ۽ پيو به جو ڪجهه اُن ۾ باقي هجي سگهندو، سو اُهي پاڻ ئي اُن مان حاصل ڪري سگهندا!

هيءَ جديديت، 'جدت براءِ جدت'، 'جدت پنهنجي ريجهڪ ۽ رؤنشي لاءِ'، ادب ۽ فن جو اِئين جيڪو حشر ڪري ٿي، اُن مان ڏسي سگهجي ٿو ته فائدو نيٺ ڪنهن کي آهي. جيڪڏهن اُن مان انساني ڪارجُ، انسان کي بهتر انسان بنائڻ جو ڪارجُ، انساني سماج جي تبديليءَ جو ڪارجُ، سِڌ نه ٿيو، ته باقي اُن مان فقط هڪ ئي ڪارج سِڌ ٿيندو يعني بيٺل ۽ موجود سماج جي خيريت ۽ سلامتي ۽ اُن جو تحفظ. ۽ اِهو ئي اسان جا هي، فقط ڏِک ۽ نالي لاءِ، پاڻ کي 'نئين کان نوان' ترقي پسند چوندڙ دوست چاهين ٿا — جو ته هو (عالمي توڙي ملڪي، ڪنهن به سطح جي) انقلاب کان ڊڄن ٿا ۽ ڪين اُن کان نفرت آهي، جيڪو مٿن ذميداريون رکڻ چاهيندو، ۽ هو انساني مسئلن جي سلسلي ۾ ڪابه ذميداري قبولڻ لاءِ تيار نه آهن.

عالمي سطح تي، مغرب جو سامراج اڄ کُليو کُلايو انسان دشمن فسطائي راهه تي بيٺو آهي ۽ ڪٿي به، ڪنهن به صورت ۾ انقلاب نٿو چاهي. دنيا جو هر سُک ۽ چڱائي ۽ اُن جي دولت جا سڀ وسيلا هو پاڻ لاءِ پسند ڪري ٿو، ۽ ان لاءِ هو جيئن سائنس کي تيئن ٻئي علم، ادب ۽ فن کي پنهنجي عوام ۽ پوئتي پيل محڪوم دنيا جي قومن ۽ عام انسانن جي خلاف استعمال ڪرڻ چاهي ٿو — سائنس کي هڪ دڙڪي طور يعني اُن جي ڊيڄاريندڙ ۽ ناس ڪندڙ حيثيت سان،

۽ علم، ادب ۽ فن کي هڪ دلبي طور يعني انهن جي مَنفي اِبلاغي حيثيت ۾. محڪوم ۽ پوئتي پيل دنيا ۾ هِن سامراج جي ’گراهڪ‘ قومن جون حڪومتون ۽ اُتان جا حڪمران طبقا ــ چاڪاڻ تہ اُهي بہ پنهنجي پنهنجي ملڪ جو هر سُک ۽ چڱائي ۽ اُن جي دولت جا سڀ وسيلا پاڻ لاءِ پسند ڪن ٿا ـــ مغرب جي اِن انسان دشمن سامراجي منصوبي ۾ شريڪ آهن، ڇو تہ اِن ۾ اُهي پنهنجي فوري خيريت ۽ سلامتي ڏسن ٿا. ادب ۽ فن ۾ ’جدت براءِ جدت‘ جو رجحان، انسان ۽ انسان جي مسئلن ڏانهن بي تعلقيءَ جو رجحان، ادب ۽ فن کي سندن اُن منفي ابلاغي حيثيت ۾، عالمي سامراج لاءِ ۽ اُن جي گراهڪ قومن جي حڪمران طبقن لاءِ، اُنهيءَ دلبي طور استعمال ڪرڻ جي ڪوشش آهي. اُهي جيڪي عالمي سامراج ۽ اُن جي ملڪي حڪمران گروهن جي منصوبن کي ڄاڻن ٿا، ۽ اُنهن سان شامل نہ آهن، سي هرگز پنهنجي ادب ۽ فن کي، جديديت جي چَڪمي ۾، ائين دلبي طور استعمال نہ ڪري سگهندا.

اسين پنهنجي محترم عزيز ساٿيءَ جا دلي شڪرگذار آهيون، جو پاڻ اسان کي هيءُ وقتائتو ۽ اهم ڪتاب ڏنو اٿن. ادب ۽ فن ۾ جديديت جي فتني لاءِ، جنهن جا مغرب جي سامراجي دنيا ۾، جتي اُن جي اوسر ٿي، گهڻيئي دلڪش نالا ۽ گهڻيون ئي مٺي ڦير تاويلون موجود آهن، اُن سڀ لاءِ پاڻ اسان کي هِن ڪتاب ۾ جيڪا تفصيلي ڇاڻ ۽ پرک جي ڪسوٽي ڏني اٿن، اُها اسان لاءِ پنهنجي ادب کي وطن دوست، عوام پسند، انقلابي راهہ تي قائم رکڻ ۾ املهہ رهبريءَ جو ڪم ڏيئي سگهندي ــ ۽ اِها راهہ ئي اسان لاءِ پنهنجي ادب ۽ فن جي سچي ترقي پسند انساني راهہ آهي.

حيدرآباد سنڌ

13 ـ 9 ـ 1983ع

**محمد ابراهيم جويو**

## باب پھريون

# هوئج هوشيار! ترڪڻ آهي تڙ ۾ ! (شاھ)

سنڌي ادب مقدار توڙي اهميت جي خيال کان هن ملڪ جو ٻيو نمبر اهم ادب آهي. ملڪ جي غير سرڪاري عوامي زبانن مان ڪنهن به زبان جي ادب اهڙي ترقي نہ ڪئي آهي جيتري سنڌي ادب. سنڌي ماڻهن جي سجاڳي ۽ واڌاري جي گهڻ طرفي جدوجهد ۾ سنڌي ادب جو هڪ خاص ڪردار رهيو آهي جيڪو سمورين ڪمزورين جي باوجود، پنهنجي حد اندر، نهايت اهم رهيو آهي.

دنيا جي ڪيترن ٻين اسرندڙ ادبن وانگر سنڌي ادب بہ هميشہ طوفانن وچان اڳتي وڌيو آهي. ان کي وک وک تي اندروني توڙي ٻاهرين رڪاوٽن کي منهن ڏيڻو پيو آهي ۽ نت نون مسئلن کي حل ڪرڻو پيو آهي.

اڄ بہ سنڌي ادب هر طرح جي مسئلن ۾ گهيريل آهي. انهن جي حل نہ ٿيڻ ڪري اهو ڪن ڳالهين ۾ اڳتي وڌڻ سان گڏوگڏ ڪيترين ٻين بنيادي ڳالهين ۾ پوئتي موٽ کائيندو رهيو آهي. انهن مسئلن مان ڪي تہ "اپ اکين پيو ڏسجي آگر سڄي چا ڪبو" وانگر سيڪنهن کي اکين اڳيان آهن تہ ڪي وري اهڙا آهن جن کي چڱيءَ طرح کولي بيان ڪرڻ جي ضرورت آهي.

اٽڪل ويهہ سال اڳ ، 1960ع کان وٺي، اسان جي ادب جي خلاف هڪ زبردست طوفان اٿيو هو. هي طوفان سالن جا سال هليو هو ۽ اسان جي ادب جي زندگي ۽ بقا کي سخت خطري ۾ وجهي ڇڏيو هئائين. سنڌي ادب جي اسان سمورن گهڻگهرن ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سالن جا سال سنڌي ادب جي زندگي ۽ بچاءَ جي اها جنگ لڙي هئي ۽ ان طوفان جو ڪامياب مقابلو ڪيو هوسين. اهو طوفان مڪمل طرح نہ ختم ٿيو. اهو موقعو ملڻ تي رکي رکي وري تيز ٿيندو آهي ۽ جيسيتائين موجوده نظام قائم آهي تيسيتائين سدائين وقت بوقت تيز ٿيندو رهندو. پر ان وقت اسان سندس بنيادي زور توڙي رکيو هو ۽ في الحال منجهس اڳوڻو دم ڪونهي. اها سنڌي ادب توڙي سنڌي ماڻهن جي شاندار سوڀ هئي. ان جي ڪري سنڌي ادب لاءِ سنڌي ماڻهن جي بهتر خدمت ڪرڻ جي راهہ سالن جي لاءِ صاف ٿي ويئي ۽ اهو ڪافي وڏيون ٻرانگهيون ڀري اڳتي وڌيو.

ڪجھ سالن کان، هند ۽ پاڪستان جو ادب هڪ زبردست عالمي ادب دشمن طوفان جي لپيٽ ۾ اچي ويو آهي. اهو مجموعي طور هندستان ۽ پاڪستان توڙي ٽئين دنيا جي هن دور جي ادب کي هڪ نهايت غلط ۽ خطرناڪ واٽ ڏانهن ڌڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي، جنهن جي ڪري اهو مجموعي طور اڳتي وڌڻ بجاءِ پوئتي موٽ کائي رهيو آهي.

هند ۽ سنڌ جي سنڌي ادب تي بہ ان طوفان جا نهايت برا اثر پيا آهن ۽ سالن جا سال اسان جو ادب اڳتي وڌڻ بجاءِ پوئتي موٽ کائيندو رهيو آهي. شڪر آهي تہ هاڻ ڪجھ سٽائو واءُ وريو آهي ۽ اسان جي اديبن، ادب دوستن ۽ پڙهندڙن ان طوفان خلاف جدوجهد ڪري ان کي جهڪو ڪيو آهي. پر ان جدوجهد ۾ اجا گهرائي ۽ وسعت نہ آئي آهي. ان جا نظرياتي بنياد نہ رکيا ويا آهن، ان ڪري مرض جون پاڙون نہ پٽجي سگهيون آهن.

جيڪڏهن ان مسئلي ۽ اهڙن ڪن ٻين بنيادي مسئلن کان چڱي طرح واقف ٿي، انهن جا حل ڳولي نہ ڪڍيا ويا ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ مخالف طوفانن سان چيلھہ ٻڌي مقابلو نہ ڪيو ويو، تہ اسان جو ادب هلي هلي نيٺ مجموعي طرح رجعت پرست، عوام دشمن ۽ سامراج پرست ادب بہ ٿي سگهي ٿو.

جنهن عالمي ادب دشمن طوفان سڄي دنيا جي ادب کي، هندستان ۽ پاڪستان سميت ٽئين دنيا جي سمورن ملڪن جي ادبن کي، ۽ هند ۽ سنڌ جي سنڌي ادب کي وڪڙ ۾ ورتو آهي سو آهي هڪڙي پاسي مارڌاڙ واري جادوئي، ڪرامتي ۽ تاريخي "ادب" ۽ ٻئي پاسي نااميدي ۽ مايوسي ڦهلائيندڙ نام نهاد نئين يا جديد ادب جو عالمي ادب دشمن طوفان.

اسين هتي ان رجعت پرست ادب ۽ ان سان لاڳاپيل ڪجھ ادبي، فني ۽ عملي مسئلن جو جائزو وٺنداسين.

هيسيتائين هن قسم جا جائزا اڪثر نام نهاد "طبقن کان بالاتر"، نقطہ نظر کان ورتا ويندا رهيا آهن. هي جائزو اسين ان منافقيءَ کي رد ڪندي، دنيا جي عوام جي اڪثريت جي باخبر ۽ باشعور عالمي نقطہ نگاه ۽ بيهڪ کي اختيار ڪندي، وٺڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

## عالمي ميدان جنگ

هر اخبار پڙهندڙ ۽ دنيا جي ٿوري گهڻي ڄاڻ رکندڙ ماڻهوءَ کي خبر آهي تہ دنيا جي سامراج اڄ سڄي دنيا کي عوام خلاف جنگ جو ميدان بنائي ڇڏيو آهي. تعليمي

ادارن کان وٺي راند جي ميدانن ۽ ورزش جي آکاڙن تائين، ادبي ڪچهرين ۽ مشاعرن کان وٺي سَٽي مارڪيٽن ۽ جواخانن تائين، فوجي پريڊ گرائونڊن ۽ بارڪن کان وٺي، مندرن، مسجدن ۽ ڪليسائن تائين، رڻن پٽن، ميدانن ۽ پهاڙن کان وٺي سمنڊ جي ترن ۽ خلائن جي ڏورانهين بلندين تائين، هو هر جاءِ، هر هنڌ کي پنهنجي جنگي اڏي ۾ تبديل ڪري رهيو آهي.

هن کي جيڪا به شيءِ نظر اچي ٿي تنهن کي هو هٿيار ڪري استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. عام تباهيءَ جي بين پيانڪ ۽ لڳ ڪاندارينڊڙ بمن، راڪيٽن ۽ شعاعن کان سواءِ هن اهڙيون قاتل گئسون ناهيون آهن جيڪي پکي پکڻ، ماڻهو، جانور، وڻ ٽڻ، بوٽا، گاهه ۽ فصل، هر شيءِ تباهه ڪريو ڇڏين ٿيون. جيوڙا ناهيا اٿس جيڪي ملڪن ۾ هتراڏيون اڻ ڏٺيون ۽ اڻ ٻڌيون خوفناڪ وبائون ٿا ڦهلائين. ٻيو ته نهيو، گگدام جانورن کي تربيت ڏيئي کانئن قاتلن جو ڪم پيا وٺن. ٻلهڻين ۽ ٻين سامونڊي جانورن کي تربيت ڏني اٿن ته پاڻ سان ٻڌل تارپيڊي سميت وڃي پراون جهازن سان ٽڪرائين ۽ انهن کي غرق ڪن! جي ڪنهن کي ان خلاف دانهن ڪوڪ ڪرڻي هجي ته پلي وڃي مئل ٻلهڻ کي چالان ڪرائي!

پر عوام دشمنن جي رڳو مارَڻ ڪونه ماريو آهي. گهڻو ماريو ته سندن منجهائڻ ئي آهي. گهڻي ۾ گهڻا گهوٽ مونجهارن جا ماريل ۽ گمراهين جا گهايل ئي هوندا آهن. تڏهن مارئيءَ به چيو آهي:

مارن منجهه مياس، نه ته ماڙين ماريس ڪينڪي (شاهه)

هيسيتائين ڪوبه عوام دشمن، سموري عوام کي ماري چٽ ڪري ، پورو پئي ڪونه سگهيو آهي. ان ڪري عوام دشمنن جو ڳجهو نعرو آهي "عوام کي مارڻ سان گڏ منجهايو، برغلايو ۽ مت مان ڪيو! اول ڪين منجهايو، برغلايو ۽ مت مان ڪيو، ۽ پوءِ فقط انهن کي ماريو جيڪي منجهائڻ سان مري نه سگهن."

ماڻهن جي ذهنن ۽ دلين ۾ بهتر زندگيءَ جي آس ۽ اميد ئي نه سرجي، سندن دماغن ۾ سندن زندگين کي زهر بنائيندڙ سان مقابلي جو خيال ئي پيدا ٿي نه سگهي ۽ جي پيدا ٿئي ته اسرندي ئي ختم ٿي وڃي، ان لاءِ هنن ماڻهن جي ذهنن ۽ روحن، احساسن ۽ جذبن ۽ سوچن ۽ نظرين کي ڪوڙهيو ڪري ڇڏڻ واسطي، ڪئين ذهني ۽ روحاني وبائي مرض، ۽ وچڙندڙ بيماريون هتراڏيون تيار ڪرائي، سڄي دنيا ۾ پکيڙي ڇڏيون آهن. هنن پنهنجي ثقافتي هٿيارن جي فئڪٽرين ۾ هتراڏا "علم" ۽ "سائنسون"

تيار ڪرايون آهن، ويندي هتراڏا سامراج پرست ”مذهبي“ فرقا ۽ ”مذهب“ بہ تيار ڪرائي دنيا ۾ ڦهلائي ڇڏيا اٿن. دنيا جي ڄاتل سڃاتل قديم مذهبن جون بہ، هنن پنهنجيون نيون نکوريون هتراڏيون سامراجي تشريحون ۽ تفسير تيار ڪرائي ڇڏيا آهن.

## نئَون عالمي زيارتگاهہ!

وچ مشرق (فلسطين کان وٺي عربن تائين وغيره) دنيا جي ڪئين مذهبن جو پينگهو سڏيو وڃي ٿو. پر جيترا ”مذهبي“ فرقا ۽ خود ڪي بلڪل نوان ”مذهب“ عالمي سامراج گذريل ٿورڙي عرصي ۾ تيار ڪرايا آهن، تن جي مقابلي ۾ وچ مشرق جڻ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو آهي. جيترو صدق اوچتو ئي اوچتو امريڪي ۽ يورپي ارب پتي سرمائيدارن ۽ خاص ڪري سي ـ آءِ ـ اي ڪاتي جي عملدارن کي دنيا جي سيني پُراڻن ۽ نون مذهبن لاءِ ٿي پيو آهي سو جيڪڏهن واقعي سچو هجي ها تہ جيڪر ڪو سرمائيدار يا سي ـ آءِ ـ اي وارو ڪليسائن، سناگاگن، مندرن ۽ مسجدن کان ٻاهر مشڪل ليي ها. سڀ رات ڏينهن يا تہ انهن عبادتخانن جي اندر عبادت ۾ مشغول نظر اچن ها يا وري منجهانئن هڪڙا انگ ڀيوت ٿيا، ڪنهن اوچي پهاڙ جي چوٽيءَ تي هڪ ٽنگ تي بيهي تپاسيائون ڪندا نظر اچن ها، تہ ٻيا غارن ۽ چُرن ۾ رياضتون ڪندا لين ها. هڪڙا سر روزا اڌ ڪارڪ تي ڪوليندا وتن ها تہ ٻيا خانقاهن ۾ چاليها ڪيندا يا ڪوهن ۾ اونڌا لٽڪندا نظر اچن ها.

سڀئي دنيا جي پادرين، پنڊتن، يهودي ربيّن، ٻوڌي ڀڪشوئن ۽ دنيا پرست عالمن سڳورن ۽ ٻين اهڙي قسم جي پلارن بزرگن جون ڳاٽيتي کان ٻاهر جنسون سال ۾ ڪيئي ڀيرا ولرن جا ولر ۽ قافلن جا قافلا ڪريو، ڪن ولايتن کان کهيو اچيو فيض جي چشمن مان سيراب ٿيڻ لاءِ امريڪا ولايت جي ڪينجهر جي ڪنڌين تي ڪنا ٿين.

هلو هلو ڪاڪ تڙين، جتي نينهن اچل،
نڪا جهل نہ پل، سيڪو پسي پرينءَ کي.

وارو ڪم لڳو پيو آهي. هر ملڪ جي اهڙن پلارن جي هڪڙي ٽنگ ڳوٺ آهي تہ ٻي هِتي. ڪي بزرگ تہ پنڌن ۽ رولڙن کان بچڻ لاءِ، مورڳو ٻارين ٻچين لڏي پلاٽي اچي هن نئين پلاري ولايت ۾ راڄ ڳوٺ ٻڌي وينا آهن. اهڙيءَ ريت اڄ هي ملڪ هڪڙي اهڙي بين المذهبي زيارتگاهہ بنجي ويئي آهي، جنهن جو مثال تاريخ ۾ نٿو ملي. مڪي ۽ مديني شريف ڪاشي، روم ۽ بيت المقدس ۾ فقط ڪنهن هڪڙي يا وڌ ۾ وڌ ٻن مذهبن

جا زيارتي گڏ ٿين ٿا. پر ھت تہ دنيا جي سمورن مذھبن جا خاص پيلارا بزرگ، جن جي مٿان نـر پڪي پيـو ھڪلجي ۽ جيڪي ھونئن ھڪٻئي جي مذھب جو نالو ٻڌي مرڻ مارائڻ لاءِ تيار ٿي وجن ٿا ۽ ھڪٻئي جي مذھبن خلاف ڪئين الماڙيون ڪتابن جون پريو وينا آھن ۽ زباني چرا ۽ ڪات ڪٽيو ھلندا وتن، سي ھتي پھچڻ سان شينھن ٻڪريءَ وانگر ھڪڙي ئي گھاٽ تي فيض ۽ برڪت جا پاٽي پين ٿا. مجال آھي جو ڪو ڪنھن کي الف مان ب بہ ڪٿي چئي! اھڙيءَ ريت سامراجي امريڪا اڄ نہ رڳو بين الاقوامي پر بين المذھبي زيارتگاھ (Holiest of Holy Places) بنجي چڪو آھي.

ھي جو روز اخبارن ۾ پڙھندا اچون تہ اڄ فلاڻي ھنڌ مذھبي دنگا فساد ۽ ڪوس ٿيا، ھيترا ڦٽيا، ھيترا مئا، اڄ فلاڻي سامراج دشمن حڪومت جو تختو اونڌو ٿيو، اڄ فلاڻي ليڊر جو ڪم لھي ويو، سو رڳو ائين پاڻمرادو تہ ڪونہ ٿو ٿئي! ان ۾ بين ڳالھين سان گڏ انھن پيلارن بزرگن جون ڪجھ دعائون، ڪجھ ڪرامتون ۽ ڪجھ ھٿ جون صفايون بہ شامل ھونديون آھن.

## ثقافتي ھٿيار

جنگ ۾ ھر قسم جا ھٿيار ڪپن. جن ماڻھن تي اھڙن پيلارن بزرگن جو ڦيٽو چٽو بہ نہ ٿو ھلي سگھي، تن لاءِ وري ٻيون قسمين قسمين نشي آور پڙيون آھن جن جو ڪم بہ آھي ماڻھن کي عقل ۽ ھوش مان ڪڍي ڇڏڻ. عقل ۽ ھوش ويو تہ باقي چا رھيو؟ لک فوجن جي سورھيہ سپہ سالار کي ننڍ جي گوري ڏيئي پوءِ پل تي ڪپڙا بہ لاھي وٺوس! ڪنھن ارسطو ۽ بوعلي سينا ۽ انيسٽائين جھڙي کي آفيم جي پنڪيءَ ۾ وجھي ڇڏيو. سپ وجائون وسري ويندس! ٻڪي جو ڪوڙو بہ ڪونہ ٻڌائي سگھندو!

جاسوسي، جنس پرست، جادوئي، ڪرامتي ۽ وحشي مارا ماريءَ وارو سامراجي ادب ۽ فن ماڻھن جي ذھنن ۽ دماغن کي مڏو ۽ موڳو ڪري، سندن قدرتي طرح صحتمند احساسن ۽ جذبن کي باد فرنگ ۽ ڪوڙھ لڳائي، ماڻھوءَ کي روحاني طرح پنڪي خور، موالي ۽ ھيپي ڪريو يا ٻنھي پڙن مان ٻاھر ڪڍيو ڇڏي يا بي حس ۽ بي رحم، جھنگ جو چتو مرون بنايو ڇڏي.

## ”ادبي“ ڊائجيسٽون

پنڪيون ڏيندڙ، ڪوڙھئي ۽ باد فرنگي ادب کي وبا وانگر سڄي جھان ۾ ڦھلائڻ ۾ ”ادبي“ ڊائجسٽون سڀ کان اثرائتو وسيلو ثابت ٿيون آھن. انھن ۾ ٻن چئن عوام جي

پلي جي سنين لکيتن جي آڙ ۾، ڪنڊ چڙهيل زهريلو مال هلايو ويندو آهي. دنيا ۾ انگريزي ريڊرس ڊائجيسٽ ڪان وڌيڪ مشهور ۽ مقبول ڊائجيسٽ ٻي ڪانهي. ان ۾ ڪن تمام سنن ڪارائتن ۽ خوبصورت مضمونن جي آڙ ۾ نهايت بي حيائيءَ ۽ بي شرميءَ سان سامراج پاران زهريلي ۽ چِٽي عوام دشمن پروپيگنڊا ڪئي ويندي آهي. عوام جي قاتل دشمنن ۽ غدارن کي سنڌن محسن ۽ هيرو ڪري پيش ڪيو ويندو آهي ۽ حقيقي محسنن ۽ هيرن کي بدمعاش، مجرم ۽ پاڳل ڪري پيش ڪيو ويندو آهي. هر ٽئين چوٿين پرچي ۾ سامراجي موت جي واپارين يعني عام تباهيءَ جا هٿيار تيار ڪري، هٿراڌا جنگيون جهيڙا ڪرائي، ملڪن کي پاڻ ۾ ويڙهائي، پنهنجي هٿيارن جو وڪرو وڌائي، ارب پدم ڊالر پيدا ڪندڙ ڪارخانيدارن ۽ واپارين پاران هڪڙو اهڙو مضمون ضرور شايع ٿيندو تہ ”جنگ سر تي بيٺي آهي، پاڻ وٽ هٿيار ذات ڪونهي. بجيٽ سڄي فضول ڪمن تي يعني تعليم، صحت، سماجي بهبود تي خرچ ٿي ويئي ۽ بکيا ڪائي ويا! ملڪ خطري ۾ آهي. مغربي تهذيب آخري پساهن تي آهي! ٻيا فضول خرچ هڪدم بند ڪري جنگ لاءِ تيار ٿي وڃو! فوج وڌايو، هٿيارن جا زبردست نوان آرڊر ڏيو!“

# في سبيل الله شاهدي

هر ملڪ ۾ سامراج جا ”مشهور معروف“ اديب، صحافي، دانشور ۽ محقق وغيره ذاريل آهن ۽ ڪئين ”مشهور معروف“ رسالا ۽ ڊائجيسٽون ڪڍايل آهن. پنهنجي ڪوڙي پروپيگنڊا کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ ”چانديا چور شباٽي شاهد“ واري ڳالهہ وانگر سامراج جا هندستان ۾ ذاريل پالتو، ”مشهور معروف“ اديب، صحافي ۽ رسالا ۽ ڊائجيسٽون وغيره، مصر جي ”مشهور معروف“ سامراجي چاڙتن، اديبن، صحافين، رسالن ۽ ڊائجيسٽن جي شاهدي واريندا ۽ سندن حوالا ڏيندا. اهي وري پاڪستان وارن جي واريندا ۽ اهي جرمنيءَ وارن جي واريندا. دنيا ۾ ڏيڍ سؤ کان مٿي ملڪ آهن، انهن مان ڪنهن بہ ملڪ جا سامراجي، پالتو ”اديب، دانشور ۽ عالم“ ڪنهن ٻئي ملڪ جي پالتوئن جي شاهدي وجهن ۽ حوالا ڏين تہ وس وارا آهن. شاهدي اها ملندي جيڪا موت جي واپارين، سندن سي ـ آءِ ـ اي جي ڳالهہ کي سچو ڪندي. تر جو بہ فرق ڪونہ پوندو.

# جاسوسي ڪهاڻيون

ڪارنل وولرچ ۽ ٻئي اهڙي هڪ اڌ جاسوسي ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻين کي ڇڏي باقي ٻيو سمورو سرمايہ دار جاسوسي ادب ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ مان ڀروسو ڪڍيو ڇڏي.

دنيا جي عوام جون وڏي ۾ وڏيون ضرورتون آھن ھڪٻئي سان ھمدردي ۽ پيار، ھڪٻئي تي ڀروسو، پاڻ ۾ ٻڌي ۽ تنظيم. جي جاسوسي ڪھاڻين واري ڳالھہ سچي آھي ۽ اڪثر ماڻھو واقعي ايتري قدر نيچ، پئسي جا پٽ آھن جو ٻِن ھزارن لاءِ سڳيءَ ماءُ جو ڪنڌ لاھيندي دير نہ ڪندا تہ پوءِ عام ماڻھن جي پاڻ ۾ گڏجڻ، ھڪٻئي جو حال ڀائي ۽ ھمدرد ٿيڻ، ٻڌي ڪرڻ ۽ تنظيم ناھڻ، سڄي عمر پنھنجي قول تي پورو ۽ وفادار رھڻ ۽ گڏجي سر جون سَٽون ڏيڻ جو سوال ئي ڪيئن ٿو پيدا ٿي سگھي؟ سامراج ڪي ڪپي ئي اھا ڳالھہ تہ عوام تي اھو عام تاثر ھجي تہ "پاڻ ۾ ٻڌيون وري ڇا جون؟! سڀ ماڻھو بي ايمان، دوکيباز، چور، ڌاڙيل ۽ رھزن آھن. آءٌ ڇو پوئتي رھان؟" ھي ڪھاڻيون اھو بہ اثر ٿيون ويھارين تہ "غريب ماڻھو وري ڇا جا مظلوم ۽ اشراف آھن؟ اشراف ۽ مظلوم تہ ويچارا ڪروڙپتي، ارب پتي سيٺيون ۽ سيٺياڻيون آھن جيڪي پکھر جي پورھئي مان محل ماڙيون اڏائين ٿا ۽ ھيرا جواھر خريد ڪري رکن ٿا جن کي غريب ماڻھو ھر وقت تاڙيندا ۽ چورائيندا رھن ٿا." اھو بہ سبق ٿو ملي تہ حاڪم طبقن جي چاڙتي پوليس ۽ سندن عدالتي نظام اجايا، رحمدل ۽ نرم دل آھن. انھن ھٽي بڪين بدمعاشن جو دماغ خراب ڪري ڇڏيو آھي ۽ ڪين ڏاڍي مشڪل سان ڪا ٿوري گھٽي سيڪٽ مس ٿي ملي. ھجي ڪو ملڪ ۾ مڙس ماڻھو جو ڏکويل سيٺين ۽ سيٺياڻين کي حرام خور ۽ مجرم غريب ماڻھن کان بچائي دعا ڪٽي!"

ڪي سمجھو ماڻھو بہ سوچيندا ھوندا تي امريڪا ۽ يورپ سامراجي ملڪ آھن. اتي برابر اڪثر ماڻھو اھڙا ئي بدمعاش ھوندا. پر اتي رڳو سامراجي سيٺيون نہ پر عوام بہ رھي ٿو. مظلوم بہ رھن ٿا. سنا ۽ اشراف ماڻھو بہ رھن ٿا. اتي جي عام ماڻھن ۾، پنھنجين خاص حالتن مطابق، خامين سان گڏ خوبيون بہ آھن. اتي بہ ظالمن سان گڏ ظلم سان مقابلو ڪري ھڪ نئون جھان اڏڻ وارا ماڻھو موجود آھن. سرمايہ دار سامراجي جاسوسي ڪھاڻيون جيڪو امريڪي ۽ يورپي عوام جو نقشو چٽين ٿيون سو مجموعي طور سراسر ڪوڙو، گمراھ ڪندڙ ۽ بي ايمانيءَ وارو آھي.

## جادو! اسرار! ڪرامتون!

پنھنجي حالتن کي بدلائڻ بابت سوچيندو ۽ ان لاءِ جاکوڙ ۽ ويڙھہ ڪندو اھو، جنھن جا پير پٽ تي ھجن ۽ دماغ جاءِ تي ھجي. جادو ۽ اسرار جون ڪھاڻيون ماڻھوءَ جا پير ڌرتيءَ تان ڪٽيو ڇڏين ۽ دماغ کي بولاٽيون ڪارايو ڇڏين. ھو سڄو ڏينھن پيو سوچيندو تہ "ڇا جا پڙھڻ، ڇا جا پورھيا، ڇا جا ڪشالا، ڇا جا گھرگھات؟! قسمت ياوري

ڪري ته بس رڳو ڪو پراڻو ڏيئو يا لالٽين اهڙو هٿ چڙهي وڃي جنهن ۾ ڪو جن ويٺل هجي! پوءِ ته پئون ٻارهن! سڀ سٺايون! نه ته وري ڳس هلندي ڪا اهڙي مومل ملي وڃي جا ڏسندي ئي رڙ ڪري ڇهتيو وڃي! ڇي "توکي ته مون الائي ڪيترن جنمن کان الائي ڪهڙين ڪهڙين دنيائن ۾ پئي ڳوليو! تون هتي ويٺو آهين!" هڪدم ٻڪ وجهي کڻي وڃي ڪنهن ٻي زماني ۽ ٻيءَ دنيا ۾ رسائي. پوءِ ته مزا ئي مزا!"

## مارامارِيءَ وارو "ادب"

مارامارِيءَ وارو ادب عوام کي بي رحمي، سفاڪي ۽ وحشانيت سيکاري ٿو ۽ ڪيس اهڙو وحشي درندو بنائڻ گهري ٿو جو منجهانئس پنهنجي پرائي جي ساڃاهه ئي نڪري وڃي ۽ جيڪو سامهون اچيس تنهنجي نڙي وڍي رکي. اهڙي انساني "مال" مان سامراج کي عوام خلاف ڪارائتا ڪرائي جا قاتل، جاسوس ۽ ايجنٽ ملن ٿا، جيڪي چند ڏوڪڙن عيوض پنهنجي وطن جي عوام خلاف توڙي دنيا جي عوام خلاف ڪهڙو به غداريءَ، درندگيءَ ۽ شيطاني وارو جرم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا.

## ڪرامتي "ادب"

ڪرامتي ادب ۽ جادوئي اسراري ادب جو ڀاءُ آهي. پير جي هڪڙي ڦوڪاري يا تعويذ سان ئي لُڏڻ ڪنوار ملي وڃي ۽ سڀ مشڪل آسان ٿي وڃي ته ماڻهو ڀيا جوڳ ڇو پچائي؟

ڪرامت باز ليکڪ ڪرامتن بيان ڪرڻ ۾ اهڙيون اهڙيون ٻائونڊريون ۽ چڪا ٿا هڻن جو عمران خان ۽ دنيش لليءَ پارا پنهنجي گهر وڃن! ڪي نه ڪي ماڻهو ضرور انهيءَ سوچ ۾ به پئجي سگهن ٿا ته "جي اهو حساب آهي ته دنيا جون حڪومتون ڏاڍيون ڪي پورڙيون آهن جو ايڏا ڪروڙ ۽ ارب خرچي هيڏا سارا هٿيار ۽ فوجون گڏ پيون ڪن ۽ ملڪ جي اقتصادي حالت کي ٽيڪ ڏيارڻ لاءِ هيڏا سارا پاپڙ پيون پٽين! دنيا ۾ هرويرو اهڙي صفا سچ به ڪانه هوندي! هي جو هيڏو سارو جهان پيو هلي سو به ڪن جي ڪري ته هلندو هوندو! انهن خاسارن جي بدران ڇو نه ٽيون ڪنهن ڪاني ڪرامت واري کي ڪٽان ڳولي هٿ ڪن، جيڪو هڪڙي ئي ڦوڪاري سان دشمن جا راڪيٽ ۽ بم ڀسم ڪري ڇڏي ۽ ٻن ڇئن تعويذن سان، ڏڪار دور ڪري، فصل ڀلا ڪري، پيداوار وڌائي ۽ غيرملڪي واپار ۾ ڪوٽ پوري ڪري ملڪ جو ٻيڙو تاري ڇڏي!"

## ”تاريخي“ ڪهاڻيون

ادب جي روپ ۾ سامراجي پروپيگنڊا جي زهر جو ٻيو قسم آهي تاريخي ڪهاڻيون.

هر نئون ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقو يا ٽولو پهريائين عوام جي مدد سان اڳئين حاڪم طبقي سان مقابلو ڪري ان جو تختو اٿلائي ٿو. پوءِ ڪم نڪرڻ ڪان پوءِ عوام سان ڪيل وعدن کي پاڻي ڏيڻ بدران اهو پنهنجي دشمنن يعني اڳوڻن حاڪم طبقن ۽ ٽولن سان سمجهوتو ڪري، انهن کي پنهنجو چوٽو پائيوار بنائي، انهن سان گڏجي پنهنجي مددگار عوام کي ڪچلي ٿو. دنيا جي هر ملڪ جي جاگيردارن پهريائين عوام سان گڏجي غلام دارن جو تختو اونڌو ڪيو. پوءِ هنن عوام سان ڌوکو ڪري، شڪست کاڌل غلام دارن سان ناهه ڪري، ساڻن سازباز ڪري، پنهنجي مددگار اسرنڌڙ عوام کي ڪچلي چڏيائون.

## تاريخي مها زٽ

18 ۽ 19 صديءَ ۾ جڏهن سرمايه داري اجا اسري رهي هئي ۽ نئون جوپن هوس، تڏهن ان، مردار جاگيرداريءَ جي لعنتي نظام تي، هر ميدان ۾ زبردست ۽ قاتلانه حملا ڪيا ۽ ان جي بنيادن ۾ زلزلا وجهي ڇڏيا. پر هاڻ هن صديءَ ۾ جڏهن سرمايه داري پاڻ آدم خور پوڙهي ٻانڊي ٿي ويئي آهي تڏهن ”چندو چنڊي کي سؤ ڪوهن تي ڳولي لهي“ واريءَ ڳالهه وانگر هن جا جاگيرداريءَ جي مرڻ ڪنڌيءَ تي پهتل ڏائڻ کي پنهنجو ننڍو پائيوار بنايو آهي ۽ ان کي رت جون بوتلون چاڙهي، منجهس ڪجهه نئون ساهه وجهي، ڪيس نئين سر عوام جي خلاف استعمال ڪرڻ لڳي آهي. سامراج جي سرپرستيءَ ۽ مدد سان، هر ملڪ جا جاگيردار پرست، عوام دشمن، جاگيردار ثقافت جي بدبودار لاشن کي قبرن ما ڪوٽي، ڪڍي، ڪين ٽيڪون ڏيئي، ويهاري، سندن ڳڻ ڳائي ۽ ڪين جيئرو پيرو ڪري پوڄارائي رهيا آهن. جاگيردار طبقي جا ڪئين نئين دور جا ادبي پٽ ۽ مڱٽهار دهل ڳچين ۾ وجهيو، رسالن، ڪتابن، ريڊين، ٽي وين ۽ فلمن ۾ سرمائيداري نظام کان سوين دفعا بدتر بڇڙي ۽ بيهودي جاگيرداري نظام جا، جاگيردار طبقي جا ۽ اميرن، امرائن، بادشاهن ۽ ٻئي جاگيردار طبقي جي فردن جا هٽراڏا ۽ ڪوڙا ڪارناما بيان ڪريو، ڪين ڌرتيءَ جا سوڍا پٽ ڪريو پيا ڳائين وڄائين. انهن هٽراڏن ۽ ڪوڙن قصن کي ”تاريخي“ ڪهاڻيون ۽ ”تاريخي“ ناول ڪري سڏيو ويندو آهي.

# ڏرتيءَ جي هڪڙي ڪوڙيءَ تان ڪوڙي لٽيت

هن ڌرتي جي اڪثر بنيادي ڪان بنيادي ڳالهين بابت جيڪي ڪوڙين ڪان ڪوڙيون لڪيتون موجود آهن، تن ۾ هڪڙي ڪوڙين ڪان ڪوڙي لڪيت اها آهي، جنهن کي اسين ”تاريخ“ سڏيون ٿا. هن ۾ ڏينهن کي رات ۽ رات کي ڏينهن ڪري ڏيکاريو ويو آهي. ظالم کي مظلوم ۽ مظلوم کي ظالم ڪري سڏيو ويو آهي. ڦورڙن ۽ ڌاڙيلن کي سخي ۽ ڏاتار ڪوٺيو ويو آهي. الله جي مخلوق لاءِ قيامتون برپا ڪندڙ وحشي درندن کي سلطان، عادل ۽ الله جو پاڇو سڏيو ويو آهي ۽ پنهنجيون جانيون، مال، لڄون بچائڻ جي ڪوشش ڪندڙن کي ڳس تان ٽڙيل، نافرمان ۽ باغي سڏيو ويو آهي. جاهل ۽ بيهودن غنڊن کي روشن ضمير ۽ دانائيءَ جو سمنڊ ڪوٺيو ويو آهي ۽ دانائن کي ڪل ٽڙيل ۽ پاڳل سڏيو ويو آهي. هڪڙو ڪمينو ۽ لوفر بدمعاش ڏهه ٻيا پاڻ جهڙا بدمعاش، ڪمينا ۽ لوفر ساڻ ونئي، ڪنهن جون ٻڪريون ۽ رڍون ڦُري ٿو، ڪنهن جي ڪري کي باهه ٿو ڏئي، ڪنهن جي ڌيءَ يا زال ڪڍي ٿو يا ڪنهن کي ماري وجهي ٿو ته سماج ان کي چور، ڦورو ۽ ڌاڙيل سڏي ٿو ۽ ان کي سوريءَ تي چاڙهڻ کي مناسب سزا نهرائي ٿو. پر جي ٻيو رولاڪ لوفر ۽ بدمعاش رهزن پاڻ سان پنجاهه هزار يا لک ٻيا پاڻ جهڙا رولاڪ لوفر ۽ بدمعاش رهزن ونئي، مسڪين ماڻهن جون لک رڍون ٻڪريون ۽ اٺ گهوڙا ڦري ٿو، ڳوٺن جا ڳوٺ ۽ شهرن جا شهر ۽ ملڪن جا ملڪ ساڙي رک ڪري ڇڏي ٿو، هزارين لکين ماڻهو ري گناهه قتل ڪري ڇڏي ٿو، ماڻهن جون هزارين لکين نياڻيون ۽ لڄون پڃائي ڪڍي وڃي انهن جي پاڻ ۾ لڄالٽ ڪري ٿو ۽ ٻين لوفرن ۽ بدمعاشن هٿان ٻه سندن لڄالٽ ڪرائي ٿو ۽ ان ڪان پوءِ انهن کي ڍورن وانگر بازارين ۾ ٽين وال ڪري ٿو، ته جعلي تاريخ ان کي مهابلي، مهاراج، اڌيراج، امير، غازي، سلطان، بادشاهه، شهنشاهه، ظل الله، قيصر ڪسرىٰ، محافظ دين و الملت Defender of the faith جي لقبن جا هار پهرائي، آفرينون ڏئي ۽ سندس انهيءَ انسانيت سوز ڏوهن کي ”فتح“ ۽ ”ڪشورڪشائيءَ“ جو لقب ڏيئي، انهن پيانڪ بين الاقوامي ڏوهن کي قابلِ فخر ڪارناما نهرائي ٿي.

ان ڳالهه جو بنيادي سبب اهو آهي، جو دنيا جي تاريخ ذري گهٽ سڄي جي سڄي يا ته حاڪم طبقن جي ٽڪريل چاڙتن طرفان لکي ويئي آهي جيڪي حاڪم طبقي منجهان يا ان جي رحم ڪرم تي هئا، ۽ ڪيڏو ٻه چاهين ها ۽ سماج ۽ تاريخ بابت پوري ڄاڻ ۽ سمجهه ٻه رکن ها (جيڪا ڳالهه گذريل دورن ۾ سماجي سائنس جي موجود نه هئڻ

جي ڪري ناممڪن هئي) تہ بہ انساني سماج ۾ تاريخ جون بنيادي حقيقتون بنيادي طرح سچي نموني لکي نہ ٿي سگهيا.

## سنڌي تاريخ جا ماخذ

پري وڃڻ جي ضرورت ڪانهي. رڳو سنڌي تاريخ جي بنيادي ماخذن جهڙوڪ چچ نامي، تاريخ معصومي، تاريخ طاهري، ترخان نامي، مظهر شاهجهاني، نوائي معارڪ وغيره جي لکندڙن کي وٺو، جن مان پهرئين ڪان سواءِ ٻيا سڀ سنڌ جا رهندڙ ”سنڌي“ هئا. سندن لکيل ”تاريخن“ کي پڙهي فيصلو ڪريو تہ جنهن ملڪ جي تاريخ پئي لکيائون تنهن جي ماڻهن جا سڄڻ هئا يا انهن کي ڦريندڙ ماريندڙ سامراجين جا ٻولڙيا ۽ ڍنڍورچي؟

## ڳجهي تاريخ

دنيا جي عوام جي باشعور نقطي نگاهہ ڪان اجا دنيا جي مفصل ۽ مستند تاريخ ڪانہ لکي ويئي آهي. پاڻ کي دنيا جي اڳوٽي تاريخ ۾ شايد فقط هڪڙو اهڙو ڪتاب ملندو جنهن جي لکندڙ پنهنجي دور جي جابر حڪمرانن بابت، پنهنجي ذاتي ڄاڻ ۽ طبقاتي سوچ ۽ سمجهہ آهر، ڪنهن بہ ”يعني“، ”مگر“، ”چونڪہ“، ”چنانچہ“ ڪان سواءِ، سندن اهڙو ڪچو چٺو کولي کٽي سڄيءَ دنيا اڳيان رکيو آهي، جنهن جو مثال روءِ زمين تي اڄ تائين مشڪل ملي. اهو ماڻهو پنهنجو داستان ڪجهہ هن قسم جي لفظن ۾ شروع ٿو ڪري: ”مون اڳ فلاڻا فلاڻا تاريخي ڪتاب لکيا آهن، انهن ۾ شهنشاهہ ۽ ملڪہءِ عالم جي حڪومت ۽ سندن ذاتي خوبين جو مفصل ذڪر ڪيو اٿم. انهن تاريخن جو لفظ لفظ ڪوڙو آهي. اهي تعريفون بي ايمانيءَ واريون آهن. منهنجو ضمير مون تي ملامت ٿو ڪري. هاڻي پڇي اچي هتي هڪڙي تهہ خاني ۾ لکي، هيءَ تاريخ لکان ٿو جنهن ۾ لفظ لفظ سچ لکندس.... هي سٿون بہ وينو لکان ۽ ڏکان بہ پيو تہ متان پوليس ڇاپو نہ اچي هٽي....“

ان تاريخ جو انگريزي ترجمو ڇپيل آهي. ان جو نالو آهي ڳجهي تاريخ (Secret History) ان جو لکندڙ هڪ يوناني مورخ آهي، جنهن جو نالو آهي پروڪوپيس Procopious هن اها تاريخ 14 صديون اڳ قسطنطنيہ جي هاڪاري رومي شهنشاهہ جسٽينين جنهن کي عيسائي ذري گهٽ وليءَ جو درجو ڏيندا آهن، تنهن ۽ سندس ملڪہ ٿيوڊورا Theodora جي عقل چرخ ڪندڙ شيطاني ڪارنامن جي باري ۾ لکي آهي. پنجاب ۾ چوندا آهن تہ

”جنهن لاهور نہ ڏٺو سو ڄڻ تہ ڄائوئي ڪونہ.“ سو ان ڳالھ وانگر جنهن پروڪوپيس جي ڳجهي تاريخ نہ پڙهي تنهن بہ، چئبو، ياعمر ٻنان ملاوت واري، حال سارو اصلي، تاريخي چيز جو چشڪو نہ ورتو.

جيڪڏهن سموري تاريخ ”ڳجهي تاريخ“ وانگر لکيل هجي ها تہ پوءِ جيڪر خلفاءِ راشدين، خليفي عمر بن عبدالعزيز ۽ ٻين اهڙن ڳاڻ ڳڻين، اڻ لڀ ۽ ٻي مثال حاڪمن کي ڇڏي، باقي دنيا جي ٻين اهڙن ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقن جي فردن يعني جاگيردارن، اميرن، نوابن، سلطانن، راجائن، مهاراجائن، قيصرن، ڪسرائن ۽ ڏنڊي جي زور تي نهيل هٽراڏن اميرالمومنينن ۽ خليفن جا سياه ڪارناما پڙهي ماڻهن جو رت ٽهڪي پوي ها [چئن خليفن (رضي الله تعالیٰ عنهم) جي خلافت راشده جي اسلامي روح مطابق حڪومت اڌ صديءَ کان بہ گهٽ عرصي تائين هلي. اموي ۽ عباسي حاڪمن انهيءَ، حالتن آهر، نسبتاً جمهوري حڪومت کي ختم ڪري، بادشاهي طرز جي عام جاگيرداري آپيشاهي حڪومت قائم ڪئي ۽ پاڻ کي ڏنڊي جي زور تي اميرالمومنين ۽ خليفو سڏايو. مسلمان عالم جهڙوڪ مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا عبيدالله سنڌي ۽ خود مولانا مودودي وغيره، پاڻ ۾ ٻين ٻي انداز ڳالهين تي سخت اختلاف رکڻ جي باوجود، انهيءَ نڪتي تي متفق آهن، ۽ انهن اموي ۽ عباسي نام نهاد خليفن جي حڪومت کي ڪڏهن بہ اسلامي حڪومت تسليم نہ ڪيو ۽ ان کي عام رواجي آپيشاهہ بادشاهي ڪري ئي لکيو. (پڙهو: مولانا مودوديءَ جو ڪتاب ”خلافت و ملوڪت“.) اهڙيءَ ريت، گذريل چوڏهن صدين ۾ اسلامي طرز جو راڄ پاءُ صدي کن مس هليو. باقي سموريون صديون اسلامي ليبل هيٺ جاگيردار آمريت جي ڏنڊي شاهي هلندي رهي آهي.]. هنن ماڻهن پنهنجي حياتين ۾، خدا ۽ انسانيت جي مهذب قانونن جي خلاف، جيڪي خدا جي مخلوق سان ويل وهايا آهن ۽ انهن خلاف سنگين ۽ ڪڏهن بہ معاف نہ ڪرڻ جهڙا جرم ڪيا آهن سي سڀ رڪارڊ ڪيا ويا هجن ها ۽ انهن جي ڪين عام ماڻهن وانگر پوري پوري سزا ڏجي ها تہ ڏيئي ئي نہ سگهجي ها! جيڪر سزا طور سنڌن جيئري کلون لاهي، سنڌن بدن وڍي، ٽڪر ٽڪر ڪري، تيل جي ڪڙاهين ۾ ڪاڙهي ۽ پوءِ سنڌن ٽڪر سڀ، ڪين سورين تي چاڙهيو وڃي ها ۽ گذريل سموريون صديون هو ائين ٽنگيا پيا هجن ها ۽ هجن بہ جيئرا ها، تہ بہ جيڪر سنڌن ڀيانڪ شيطاني ڪرتوتن جي سزا ملي پوري ڪانہ ٿئي ها.

ڪڏهن نہ ڪڏهن اهو ڏينهن ضرور اچڻو آهي. جڏهن عوام جي ازلي ۽ ابدي دشمنن يعني شيطان صفت آدمخورن کي هٽراڏي نموني عوام جو گهٽگهرو، محسن،

محبوب هيرو ۽ معصوم فرشتو بنائي کين عوام تي ذهني طرح مڙهڻ وارن ضميرفروش ۽ بي حيا جعلي تاريخ نويسن جي ڪوڙيءَ شهرت جي لاش کي دنيا جو سجاڳ عوام قبرن مان ڪڍي ڪتن جي حوالي ڪندو.

## بغداد ۾ ڏاڙي هڻڻ جو سرڪاري ٺيڪو!

نام نهاد تاريخي ڪهاڻين ۽ تاريخي ناولن ۾ بيون سڀ ڳالهيون آهن سواءِ انهن ٻه ٽڪا اصلي ڳالهين جي، جيڪي ان دور جي تاريخن ۾ قسمت سانگي لکجي ويون آهن. ڪا به ڊائجيسٽ اسان کي اها تاريخي حقيقت ڪانه ٻڌائيندي تہ عباسي خلافت جي پوئين دور ۾ بغداد جي قاضيءَ جي عهدي کي باقاعدي نيلام ڪيو ويو ۽ قاضيءَ ڪان لڪائي ورتو ويو تہ رشوت مان هيترا پيسا سرڪاري خزاني ۾ پيارينديں! نڪو ان ڳالهہ جو ذڪر ايندو تہ ڪنهن وقت بغداد کي لُٽڻ لاءِ بہ باقاعدي سرڪاري طرح احمدي ڌاڙيل کي نيڪو ڏنو ويو جنهن جا ماڻهو نيڪي ڪٽڻ ڪان پوءِ باقاعدي ڏينهن ڏٺي، شمعدان باري، گهرن مان مال لٽيندا هئا (پڙهو: تاريخ طبري ۽ تاريخ خلافت از علامہ جلال الدين سيوطي وغيره وغيره). حوالو رڳو حاڪمن جي ”نوازشن“، ”حلم“، هڪڙي ڏينهن قاضيءَ اڳيان تابعدار ٿي بيهڻ، ٽوپيون سبي وڪڻڻ ۽ ان مان گذر ڪرڻ، ڪنهن پوڙهيءَ کي انعام ڏيڻ جو ايندو! انهن ڀٽن نمائشي ڊرامن جي پويان جيڪا خدا جي مخلوق مٿان صدين جون صديون قيامت برپا رهندي آئي آهي تنهن جو نالو نشان گم ڪيو ويندو رهيو آهي.

## باب ٻيو

# خاص ادبي پڙي!

ڏُنگي وچ درياهه ، کي ٻڏي کي اپڙي،
هو جي واڙي واٽيا، سي سونهن سڀ سڙيا،
معلم ماڳ نہ اڳئين، ڦلنگي منجهہ ڦريا،
ملاح تنهنجي مڪڙيءَ، اچي چور چڙهيا،
جتي ڊينگ ڊريـــا، اتي تاري تنهنجي!

(لطيف)

جادوئي، ڪرامتي، جاسوسي، نام نهاد تاريخي وغيره ادب ڪي هونئن تہ سڀ پڙهن ٿا پر اهو خاص ڪري گهٽ پڙهيل ماڻهن ۾ وڏيڪ مقبول هوندو آهي. ڪُجھ پڙهيل اديب ۽ دانشور قسم جا ماڻهو جيڪي خود پنهنجي سر عوام جي راءِ تي گهڻو اثر وجهي سگهن ٿا، تن جي ذهنن کي مائوف ڪرڻ لاءِ هڪڙي ٻي خاص زهريلي ادبي جنس تيار ڪري، ڪُجھ عرصي کان دنيا ۾ هلائي پئي وڃي. اُها هڪ وچڙندڙ وبا وانگر ڏسندي ڏسندي دنيا جي ملڪن کي وڪوڙي ويئي آهي. خاص ڪري ٽينءَ دنيا جي اسان جهڙن غريب ملڪن ۾ ان موذي مرض هاجا ڪري ڇڏيا آهن. ان ادب جو زهريلو پيغام اهو آهي تہ ”ماڻهو نہ ڪجهہ ڪري سگهيو آهي ۽ نہ ڪري سگهندو. زندگيءَ جو ڪوبہ مطلب، ڪوبہ مقصد، ڪابہ معنىٰ ڪانهي. ان ۾ ڪابہ آس اميد رکڻ اجائي آهي. چوطرف صرف اوندهہ هئي، اوندهہ آهي ۽ اوندهہ رهندي. سماجي قيامت اچي ويئي آهي. اڳتي مايوسين ۽ پيڙائن جي دوزخ جي باهہ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪونهي. قسمت جي ڪوريئڙي جي ڄار ۾ ڦٽڪڻ اجايو آهي. ڪو ڪنهن جو ڪونهي. هڪٻئي کي ڇڏيو! هڪٻئي کان پري ڀڄو! اڪيلي وجود جي ٻر ۾ گهڙي وڃو! ڊڄو! ڀڄو! لڪو! گم ٿيو! روئو پِٽيو، اوچنگاريون ڏيو، ختم ٿيو! ختم ٿيو!“

## ”چوِ مئلن کي ٿو مارين!“

اهو ادب اڻ ڄاڻائيءَ، جهالت ۽ گمراهيءَ جي هٿان اڳ ۾ ئي اڌ مئل عوام کي اجا بہ ٻيا نوان ڊپ ڏيئي، وهم وجهي، مت مان ڪڍي، آسن اميدن ۽ مقصدن کان خالي

ڪري، مورڳو وائڙو، ۽ بتال بنائي ٿو ڇڏي. اھو ڪين پنھنجو پاڻ مان، پنھنجي سموري زندگيءَ مان ۽ ھن سموري جھان مان بيزار ۽ مايوس بنائي، يا تہ جيئرو لاش بنائي ٿو ڇڏي يا وري ھڪبئي جا ٻوٿ پٽي ڪائڻ لاءِ تيار درندا بنائي ڇڏي ٿو.

اھو ادب ماڻھن ۾ بي مقصد ميڪ ميڪ ڪري، ڪنجھڻ ڪرڪڻ، روئڻ، پڇڪڻ جو مرض وجھيو، منجھن بي اعتمادي، بي ھمتي ۽ بزدلي پکيڙي ٿو. اھو ماڻھن جو اندر ڪائي، سندن ذھني صحت ۽ روحاني مڙسي ختم ڪري، ڪين ذھني طرح پنگلو ۽ روحاني طرح خصي ڪريو ڇڏي.

اھو ثقافتي ڳوڙھا آڻيندڙ گيس "Tear Gas" آھي. جيڪو ماڻھن جي اکين ۾ زبردستي ڳوڙھا آڻي، ڪين روئاڙي، بيھوش ڪري، دشمن جو شڪار بنائي ٿو.

سامراج جو ھي گولو غلام ادب جيڪو سندس ھٿ جو باز ۽ عوام جي ثقافتي صفن ۾ سندس ففٿ ڪالم ايجنٽ آھي. تنھن ۾ گھٽو ڪري ڪوبہ سُرتال ڪونھي. نہ منجھس رس آھي ۽ نہ وندر ۽ نہ ڪنھن بہ قسم جو حقيقي فن. ھن جا علمبردار علي اعلان چون ٿا تہ ھي ادب عوام لاءِ ڪونھي. ان ۾ ماڻھن جي سمجھڻ يا ڪين سمجھائڻ جھڙيءَ ڪنھن بہ ڳالھ جو ھجڻ ضروري ڪونھي. ھو چون ٿا تہ ان مان ماڻھن جي ڪا ڀلائي ٿئي يا برائي تنھن سان اسان جو واسطو ڪونھي. ان ۾ ڪنھن بہ معنیٰ ھجڻ جي ضرورت بہ چون ٿا تہ ڪانھي. ھو ٻوليءَ، ان جي گرامر ۽ ان جي عام استعمال جي مجيل طريقن کي رد ڪن ٿا. ھو چون ٿا تہ انسانن جي ٻولي اسان جي احساس، جذبن ۽ خيالن جو اظھار نٿي ڪري سگھي. تنھنڪري ھُنن ٿورن اکرن ۽ گھٽين عجب ۽ سوال جي نشانين، ٻُڙين، ڊئشن، ليڪن ۽ ڏاڪڻين واري ھڪ ابتي اڌ اکري بہ ايجاد ڪئي آھي.

جيئن تہ ھن ادب جي اظھار جو طريقو سڪٽي ڪٻگي ۽ ڊِڍ پِٽ آھي، تنھنڪري جيڪڏھن ٻيا ادب "ادب براءِ ادب" ۽ "ادب براءِ زندگي" وغيره سڏجن ٿا، تہ ھن کي "يخي براءِ يخي" سڏي سگھجي ٿو بشرطيڪ يخيءَ جو مطلب رڳو اجائي بي مقصد بڪ بڪ نہ پر بيھودي ۽ بڇڙي جھڳي، ولل ۽ واويلا ورتو وڃي. ھن وللي واويلائي ۽ جھڳي باز ادب کي دنيا جي ادبي بازارين ۾ "نئن ادب" يا "جديد ادب" جي ليبل ھيٺ ھلايو وڃي ٿو.

## نوان بانڪا

لکنو ۾ جڏھن زوال آيو ۽ حاڪم طبقن مان سچ پچ زنده رھڻ ۽ وڙھڻ جي پھچ نڪري ويئي، ھو سماجي طرح سُجا ۽ خصي ٿي پيا ۽ ڪنھن بہ حقيقي سورھيائيءَ

واري ڪارنامي جي لائق نہ رهيا، تڏهن منجهن بانڪن جو رواج پيو. انهن بانڪن جو مکيہ مقصد هو بي مقصد ”نواڻ“ پيدا ڪرڻ.

ان ”نواڻ“ جي پنيان انهن مان ڪي اڏ متي ڪي پاڪي هٽايو ۽ اڏ متي تي ڪلهن تائين ڏگها وار رکايو گهمندا هئا. ڪي مڇ جو هڪڙو پاسو ڇٽ ۽ ٻيو سڄو سارو رکيو پيا هلندا هئا. ڪي فقط ململيون پايو، تهه سيارن ۾، شهر گهمندا هئا ۽ اونهاري ۾ اُنّ جا گڏلا پايو، ننهڻ اُس ۾ جهنگ ۾ شڪار ڪرڻ نڪرندا هئا. ڪي تہ ڪاوڙ ۾ اچي، ٻين ڪي سيڪ ڏيڻ لاءِ، پاڪيءَ جي هڪڙي رهڙ سان، خود پنهنجا نڪ چپ وڍي ڏيکاريندا هئا. مطلب تہ پنهنجي ذاتي ۽ سماجي ڏيوالي کي لڪائڻ لاءِ ڪئين رنگ ڪندا هئا. اڄ ڪلهہ جڏهن، تاريخي حساب سان، سامراج ۽ سرمايہ داريءَ جا پويان ڏينهن آهن تڏهن بہ مٿئين طبقي جا يورپي ۽ امريڪي جوان ۽ جوانڙيون، گهر گهاٽ ۽ ڪم ڌنڌا ڇڏيو، ڪنڌن ۾ هار وجهيو، انگ پيوت ڪريو، چرس جا سوٽا هڻيو، ملنگ ٿيو، سڄيءَ دنيا ۾ هلندا وتن. هن ادب کي بہ بانڪو يا هِپي ادب سڏي سگهجي ٿو. فرق هي آهي تہ بانڪا ۽ هپي بنيادي طرح رڳو خود سندن واسطي نقصانڪار آهن پر هي ادب عوام لاءِ قاتل زهر آهي.

## ڪوڙن جا قسم

ڪوڙن جا ڪيترائي قسم آهن. هڪڙن ڪوڙن جا پير هوندا ئي ڪونہ آهن. انهن کي ننڍڙو ٻار بہ ٺڏي تي پڪڙي سگهندو. ٻيا ڪوڙ اهڙا هوندا آهن، جن جون پاڙون ذري گهٽ جڻ تہ پاتال ۾ هونديون آهن. اهي ڳوهہ وانگر اڳواٽ ڪيتريون اونهيون ڏريون ڪوٽيو وينا هوندا آهن. ڪين ٻوڙائي ٻوڙائي جهلبو، تہ ڪنهن هڪڙيءَ ڏر ۾ گهڙي ويندا. اها ڏر ڪوٽي، پانئبو تہ پڪڙيا، تہ اوچتو لُوهہ ڪري، ٻيءَ ڪنهن ڏر ۾ گهڙي ويندا! ٻيءَ مان ٽينءَ ۾، ٽينءَ مان چوٿينءَ ۾، چوٿينءَ مان وري پهرينءَ ۾....

هن ”نئين“ ادب جا علمبردار بہ هزاري ڪوڙا آهن. ههڙن شرطي ڪوڙن کي پڪڙڻ لاءِ بہ ڪافي ذهني ڊڪ ڊوڙ ۽ علمي ڪوٽائي نہ ڪبي ۽ ڪين سيني ٻرن مان نُڪائي ٻاهر نہ ڪيبو، تہ اهي وٺ ئي ڪونہ ڏيندا. چي ”اسين سچا! ڏٺو َا! ڪو پڪڙياسين؟“

اچو تہ هنن جديد ڪوڙن جي لڪڻ جون سموريون ڏريون ڪوٽي ڏسون.

”نئين“ ادب جي پرچارڪ هن ”نئين“ ادب جي انوکيءَ ۽ اچرج جهڙيءَ ”نواڻ“ جي حمايت ۾ طرحين طرحين جا دليل ۽ حجتون پيش ڪن ٿا. هو چون ٿا تہ هينئين ۽ ٻين

سببن جي ڪري ”پراڻو“ ادب موجوده دور جي ترجماني ڪرڻ جي لائق نہ رھيو آھي ۽ فقط ”نئون“ ادب ئي اھو فرض انجام ڏئي سگھي ٿو:

(1) ھي نئون ۽ نرالو دور آھي. دنيا بلڪل بدلجي ويئي آھي. زندگيءَ جون پراڻيون بنيادي ڪان بنيادي حقيقتون بدلجي ويون آھن. پراڻا مقدس ڪان مقدس لاڳاپا ۽ اعلىٰ ڪان اعلىٰ قدر ڀڄي ڀُري، پرزا پرزا ٿي چڪا آھن. رشتا ناتا ٽٽي چڪا آھن. اڄ جي نئين نسل ۽ پراڻي نسل جي وچ ۾ پيڙھي وڇوٽيءَ جي اٿاھ ڪاھي آھي. ھن دور جي پراڻي پوڙھي پيڙھيءَ ۽ نوجوان نئين پيڙھيءَ جي وچ ۾ بنان اعلان جي اھڙي جنگ ھلي رھي آھي، جنھن ۾ ڪنھن بہ ناھ ۽ سمجھوتي جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي.

(2) ڳوناٺو سماج ٽُٽي رھيو آھي. ٻھراڙيءَ جا ماڻھو ڏڙا ڏڙ شھرن ۾ اچي رھيا آھن. اجوڪو انسان، خاص ڪري ٻھراڙين ڪان شھر ۾ آيل انسان، اڪيلائپ، اڻ سلامتيءَ، بي حسيءَ، وائڙپ، بي مقصدائيءَ، مونجھاري ۽ پيڙا جو شڪار آھي. سندس شخصيت ڀڄي ڀُري، ڀور ڀور ٿي پيئي آھي. سندس اندر ڪاڏل آھي. سندس ظاھر ۽ باطن ۾ تضاد آھي. ھو پاڻ تي ھڪڙو ھٿراڌو خول چاڙھي ھلڻ تي مجبور آھي. سندس ٻين ماڻھن سان واسطو بي واسطيداريءَ جو واسطو آھي. ھو جيڪي ڏسي ٿو سو ناھي. ان جي ابتڙ آھي.

(3) انساني ٻولي انسان جي اندر جو فقط محدود حدن اندر اظھار ڪري سگھي ٿي. ان جي اظھار جي صلاحيت اجا شروعاتي ڏاڪي ڪان مٿي ناھي چڙھي ۽ فقط اٽڪل روءِ پنھنجو ڪم ڪري سگھي ٿي. اھا ڪنھن بہ دور ۾ انسان جي اندر جي احساسن، جذبن ۽ سوچن جي مڪمل ترجماني نہ ڪري سگھي آھي. چو تہ اھا ڪري ئي نٿي سگھي. ان ڪري نئون ادب نئين انسان جي اندر جي دنيا جي اظھار لاءِ پاڻ کي روايتي اڻ پوريءَ ٻوليءَ تائين محدود رکي نٿو سگھي.

(4) زندگيءَ توڙي ادب ۽ فن جا پراڻا قدر ۽ پراڻا ادبي ۽ فني ٽيڪنيڪ، پراڻي زماني جي زندگيءَ، فن ۽ ادب لاءِ مناسب ۽ موزون ھئا تہ ھئا، پر اڄ جي نئين دور جي نئين انسان جي نئين شخصيت ۽ ان جي نوَن مونجھارن ۽ پيڙائن جي ترجماني ڪري نٿا سگھن.

(5) فن ۽ ادب جي لاءِ ڪنھن بہ قسم جي اجتماعي، سماجي يا عوامي مقصد ھجڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانھي. ان جي حقيقي ۽ صحيح مقصد فقط فنڪار ۽ اديب جي اندر جي مونجھارن ۽ پيڙائن جو اظھار آھي. زندگيءَ جون جيڪڏھن ڪي اجتماعي حقيقتون، مسئلا، مونجھارا ۽ حل ھوندا تہ اھي پاڻيھي ڪنھن نہ ڪنھن اديب يا فنڪار

فرد جي احساسن ۽ سوچن جو روپ وٺي پاڻمرادو پيش ٿي ويندا. جو تہ اديب ۽ فنڪار بہ تہ ڪي آسمان مان ڪونہ ڪرن. اهي بہ هن سماج جو حصو آهن. انهن جي سوچ لازمي طرح پاڻمرادو ماڻهن ۽ سندن سماج جي احساسن، جذبن ۽ سوچن، مسئلن ۽ مونجهارن جو عڪس پيش ڪندي. ان ڪان الڳ ڪنهن بہ اجتماعي ۽ سماجي سوچ جو تصور ادب ۾ داخل ڪرڻ، ادب جي بي ادبي ۽ نعريبازي ٿيندي.

(6) ادب ۽ فن هرڪنهن جي سمجهہ ۾ اچڻ جهڙيون ڳالهيون ناهن. انهن ڪي آباديءَ جو فقط اهڙو تهہ يا طبقو چڱيءَ طرح سمجهي ۽ پروڙي سگهي ٿو، جنهن جو ان ڏانهن خاص لاڙو هجي ۽ جنهن ان باري ۾ خاص مطالعو ۽ تجربو حاصل ڪيو هجي.

(7) ان ڪري فن ۽ ادب عام ماڻهن لاءِ نہ آهن، نہ هئڻ گهرجن ۽ نہ وري ٿي سگهن ٿا. اديب ۽ فنڪار جو اهو فرض ڪونهي تہ ڪو هرويرو پنهنجو ادب ۽ فن پڙهندڙن جي دماغ ۽ ذهن تائين رسائين، سندن سمجهہ ۾ آڻين. سندن ڪم آهي تہ جيڪي سندن اندر ۾ آهي تنهن جو ادبي ۽ فني نموني اظهار ڪري ڇڏين. پريان ڪو سمجهي يا نہ سمجهي، تنهن سان هو بڏل ڪونهن.

(8) سچو پچو ادب ۽ فن پنهنجا تنقيدنگار پاڻ آهن. ڪوبہ بيو ماڻهو، چاهي اهو ڪيڏو بہ وڏو نقاد ڇو نہ هجي سو سندن اهڙي پرک نٿو ڪري سگهي، جيڪا سندن سمورين ڳالهين بابت هميشہ لاءِ صحيح ۽ قائم رهي. درحقيقت ڪنهن بہ دور جي ماڻهن جي اقليت يا اڪثريت پنهنجي دور جي ڪنهن بہ ادبي يا فني تخليق بابت اهو قطعي فيصلو ڪري نٿيون سگهن تہ هن دور جي فلاڻيءَ تخليق جو رتبو فلاڻو آهي. اهو فيصلو ڪرڻ گهڻن نسلن، دورن ۽ صدين جو ڪم آهي، تہ فلاڻيءَ تخليق جو تاريخي ملهہ ڇا آهي. ان ڪري نئين ادب ۽ فن کي ماڻهن جي ٿورائي يا گهڻائيءَ جي پسند يا ناپسند جو محتاج رکي نٿو سگهجي. انهن کي ڪنهن جي تعريف ۽ گلا کان بي نياز ٿي، پنهنجو رستو وٺي، اڳتي وڌندو رهڻ گهرجي.

(9) نئون ادب خالص ۽ نجو ادب آهي. اهو زمان ۽ مڪان کان بي نياز هڪڙي آفاقي، ازلي ۽ ابدي شيءِ آهي. شيڪسپيئر، ورجل، هومر، ڪاليداس، ميران بائي ۽ لطيف جي عظمت کي ڪنهن خاص زماني يا جاگرافيائي ٽڪري اندر قيد ڪري نٿو سگهجي. ڪنهن خاص طبقي، قوم يا مذهب تائين محدود ڪري نٿو سگهجي. گلاب جو گل هر زماني ۽ هر علائقي ۾ گلن جو بادشاهہ آهي ۽ سندس خوشبوءِ بي مثال رهندي. روشنيءَ ۽ خوشبو وانگر ادب ۽ فن جو ڪو بہ دين ڌرم، ڪو بہ طبقو يا مذهب، ڪو بہ

رنگ يا نسل ڪونهي. نئون ادب هر گروهي نظريي ۽ طبقاتي مفاد کان پاڪ ۽ بالاتر آهي.

(10) هيستائين جنس کي ادب ۾ جاگيرداري منافقيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي. ان مسئلن جو صحيح، ڀرپور ۽ جرئت ڀريو اظهار فقط ”نئون“ ادب ڪري سگهي ٿو، وغيره وغيره.

ڪاغذ جا گل ڏسڻ ۾ سهڻا پر خوشبوءِ کان خالي هوندا آهن. ڪيترين ڳالهيون به ڪاغذ جي گلن وانگر هونديون آهن. مٿيون ڳالهيون به ائين آهن ـــ ڏسڻ ۾ دلفريب پر حقيقت جي خوشبوءِ کان خالي. منجهن حقيقت واجبي ساجبي ۽ وڏاءُ هڪ طرفائي ۽ ڪوڪلي لفاظي گهڻي آهي. مجيل حقيقتن ۾ زباني مرچ مصالحا ۽ لفاظيءَ جو گيهه وجهي، منجهانئن وات جو پلاءُ تيار ڪيو ويو آهي.

اچو ته انهن دليلن ۽ دعوائن کي ورائي ڦيرائي، ڏسون ته منجهن حقيقت ڪيتري قدر آهي ۽ مرچ مصالحو ڪيترو.

## ”نواڻ“ جي طوطي ۾ ساهه

سندن هن کان اڳ بيان ڪيل دعوائن ۽ دليلن جي پهرئين کان وٺي آخري نقطي جو تت هڪڙي ئي اکر ۾ اچي وڃي ٿو يعني لفظ ”نئين“ ۾. مثلاً ”نئون دور“، ”نئون انسان“، ”نئين دور جا نوان مسئلا“، ”نئين دور جو نئون ادب“، وغيره.

جيئن قديم قصن ۾ جادوگرن جو ساهه اڪثر ڪري ڪنهن طوطي ۾ هوندو آهي تيئن هنن غلط ۽ گمراهه ڪندڙ دعوائن ۽ دليلن جو ساهه لفظ ”نئين“ جي هتراڏي ۽ ڄڙتو معنيٰ جي طوطي ۾ سمايل آهي. ان طوطي جي چڱيءَ طرح خبر وٺبي ته هنن جي سموري جادونگريءَ جو مانداڻ ڊهي اچي پٽ پوندو.

لفظ ”نئين“ جي اوٽ ۾ هنن موجوده دور کي هڪڙو ازغيبي برڙ باڪاس بنائي وڌو آهي. هنن اهو ڄڻ ڪنهن راڪاس ناهيندڙ فئڪٽريءَ مان خاص آرڊر ڏيئي، پنهنجي پسند جي ماپ ۽ ڊزائن تي، خاص پنهنجي ذاتي استعمال لاءِ نهرائي، هينئر ئي آندو آهي. ان برڙ باڪاس سان نه ڪو فطرت جو قاعدو قانون لاڳو آهي، نه انسان جو. ان جي نه ڪا اڳ آهي نه پٺ. اهو نه ڪٿان آيو آهي ۽ نه ڪيڏانهن ويندو. بس پنهنجي سر پاڻ آهي. ذري گهٽ ”نه ڪنهن ڄائو ڄام ڪي، نڪو ڄام وياءِ“ وارو لقاءُ آهي! ڄڻ ان جي اچڻ سان سموريون تاريخون ۽ جاگرافيون، سمورا فطري ۽ سماجي ۽ جدلي ۽ منطقي قانون قاعدا، سمورا علم ۽ سائنسون منسوخ ٿي ويا. جيڪي اڳ هو سو سمورو رد. ماضيءَ

کي ليڪ. روايت کي ليڪ. ورثي کي ليڪ. تاريخ ۽ سماج جي ڳانڍاپي ۽ تسلسل کي ليڪ. زندگيءَ جي صفحي تان ٻيو هرڪو اکر، ”نئين“ جي رٻڙ سان ميسارجي ويو. هاڻ فقط سفيد اڇو پنو رهيو. اهو آهي نئون دور. ان سفيد اڇي پني تي اسان جا جديدي لکڻ وارا جيڪي لکندا سوئي هلندو. ٻي هر شيءِ رد ۽ باطل. ماڻهن کي اهو لکيو پنهنجي نصيب جو لکيو سمجهي قبول ڪرڻو آهي. ”لکڻ واري جيڪي لکيو! لکيو! هئہ ڙي لکيو!“

## نئون!

”نئين“ جو تصور نهايت پيارو ۽ من موهيندڙ آهي! اهو هروقت سورنهن سينگار ڪريو، اسان جي تخيل جي سيج تي وينو آهي. اسان جي ذهن جو تصوير گهر، سوين هزارين نين شين ۽ ڳالهين جي خوبصورت تصويرن سان سينگاريل آهي. نئين جي تصور ۾، بهار جي تازين ڪڙيل، ماڪ پنل، مکڙين جون سرهاڻيون، سانوڻ جي پهرين وسڪارن جا سُر ۽ ساز، ڪنوڻين جا تجلا، پهرين پيار پريل نگاهن جا جادو، پهرئين پيار جا خمار، پهرئين انجام جون ٻي قراريون ۽ پهرئين وصل جون سرمستيون ۽ سرشاريون، نين ڪنوارين جون لڄاريون، مرڪون ۽ مائرن جي هنجن ۾ معصوم ٻارن جا ٽهڪڙا سمايل آهن.

ٻين ٻي انداز خوبصورت ۽ من موهيندڙ شين ۽ ڳالهين وانگر، هن خوبصورت من موهيندڙ تصور کي بہ عوام دشمن پنهنجي مردار ۽ پليت مطلبن لاءِ ناجائز طرح ڪتب آڻيندا رهيا آهن. جديدي بہ ائين ڪن ٿا.

ان ڪري اڇو تہ ٿورو پنهنجي دماغ کي تڪليف ڏيئي ويچار ڪريون تہ ”نئين“ جي تصور ۾ درحقيقت ڪيتري قدر حقيقي نواڻ آهي ۽ ڪيتري قدر ڪانهي. خود نواڻ ڪهڙين حالتن ۾ ماڻهن جي فائدي لاءِ آهي ۽ ڪهڙين حالتن ۾ نہ. آخر ۾ اهو بہ پتو ڪيندا هلون تہ هي جديدي همراهہ جو ”نئين“ جي لفظ لاءِ هيئن ”قربان!“ ”قربان!“ پيا ٿين ۽ ”نئون! نئون!“ ڪريو اصل مريو ٿا پون، تنهن جو اصل راز ڪهڙو آهي.

سڀ کان پهرين سوال اهو آهي تہ ڇا هر نئين شيءِ يا ڳالهہ لازمي طرح سٺي آهي، ۽ ان معنيٰ ۾ ”نئين“ سڏائڻ جي لائق آهي جنهن معنيٰ ۾ ماڻهو ”نئين“ تي فدا آهن؟ ”نئين“ جي اکري معنيٰ آهي اها ڳالهہ يا شيءِ جيڪا اڳ ڪانہ هئي ۽ اڄها هاڻ پيدا ٿي يا آئي آهي. ڪيتريون ئي نيون شيون ۽ ڳالهيون تمام خراب ۽ بڇڙيون بہ ٿي سگهن ٿيون. مثال طور: نئين برطرفي، نئين بيماري، نئون ڏوڪو، نئون ڪيس، نئون

ايڪسيڊنٽ، اهي سڀ لفظي معنىٰ ۾ نوان ٿي آهن پر جنهن معنىٰ ۾ نئين شيءِ سمجهبي آهي ان معنىٰ ۾ نوان يعني خوبصورت ۽ پيارا ناهن. بلڪ ان جي ابتڙ آهن.

تنهن ڪان پوءِ سوال آهي ته ڇا دنيا ۾ واقعي ڪي اهڙيون قطعي نيون شيون ٿينديون آهن ڇا، يا ٿي سگهن ٿيون، جي اڳي ڪنهن به صورت ۾ ڪنهن به حد تائين موجود نه هجن ۽ بلڪل قطعي طرح هر ڳالهه ۾ نيون نڪوريون ۽ بنهه هينئر ئي پيدا ٿيل هجن؟ جواب آهي ته ائين نه ٿي سگهي ٿو ۽ نه ڪڏهن ٿيو آهي. انگريز انهيءَ ڪري چوندا آهن ته There is nothing new under the sun. ”هن آسمان هيٺان ڪابه شيءِ نئين ناهي.“ سائنس اسان کي ٻڌائي ٿي ته سڀ شيون مادي مان نهيل آهن ۽ مادو ڪڏهن به قطعي طرح ختم نٿو ٿئي. فقط پنهنجي صورت بدلائي ٿو. گرميءَ ۾ سمنڊ جو پاڻي ڦري بخار جي صورت ۾ اچي ٿو. بخار مان ڪڪرن جي صورت وٺي ٿو. ڪڪرن مان پاڻيءَ جي صورت وٺي زمين تي ڪري ٿو. زمين تي اهو گاهن ۽ ٻوٽن ۾ جذب ٿي، ٻوٽن جي نون خلين جي حصن جو روپ وٺي ٿو. اتان اهو جانورن جي پيٽ ۾ داخل ٿي ان جو جزو بنجي ٿو. ماڻهوءَ جي بدن مان اهو پگهر وغيره بنجي گرميءَ ۾ بخار جو روپ وٺي، فضا ۾ ٻئي بخار ۾ شامل ٿئي ٿو ۽ نيٺ ڪڪر بنجي، مينهن جو پاڻي بنجي، وسي ٿو ۽ سمنڊ جي پاڻيءَ سان گڏجي سمنڊ ٿئي ٿو. وري ساڳيو چڪر شروع ٿي وڃي ٿو.

اها ڳالهه رڳو اجوڪن نه، پر اڳوڻن سائنسدانن کي به معلوم هئي. اڍائي هزار ورهيه اڳ يوناني سائنسدان ائناڪساگوراس (500 ق.م ـــ 422 ق.م) چيو ته ”ڪائنات ۾ مڪمل ۽ قطعي طرح نيون شيون ٿينديون ئي ناهن“.

دراصل ڪائنات ۾ ڪابه شيءِ يا ڳالهه قطعي ڪانهي. هر شيءِ، هر ڳالهه نسبتي يا مشروط آهي يعني فقط ڪن حالتن ۾ ۽ ڪنهن حد تائين آهي. جيڪو ٻار ٻنهه ٻه منٽ اڳ ڄائو آهي ڇا اهو به نئون ماڻهو آهي؟ سندس اکيون ۽ نڪ چڱيءَ طرح جاچي ڏسو! ڇا اهي گهر جي ڪنهن نه ڪنهن ماڻهو جي اکين ۽ نڪ جهڙيون ناهن؟ ويندي منجهس ڄائي ڄمندي بيماريون به اهي ئي پراڻيون ٿي سگهن ٿيون جيڪي سندس مائٽن ۽ وڏن ۾ پشتاپشت هلنديون اچن! اهو ٻار بيشڪ نئون آهي پر قطعي نئون ڪونهي! اهو فقط نسبتي طور ۽ هڪ حد تائين نئون آهي.

ڪالهه چاول چيني ۽ جپاني ٻار جو نڪ اهڙو ئي مِنو ۽ اکيون اهڙيون ئي پيٽل هونديون جهڙيون ايامن کان وٺي ان نسل جي ماڻهن جون هلنديون اچن!

## خصوصيت ۽ عموميت

هر شيءِ ۽ هر ڳالهه جو هڪ خاص پاسو ۽ هڪ عام پاسو هوندو آهي. هر ڳالهه ۾ ساڳئي وقت ڪافي ذاتي خصوصيتون به آهن ته ٻين سان گڏيل ڪي هڪجهڙايون يعني عموميتون به آهن.

ان ڪري اها ساڳئي وقت خاص به آهي ته عام به آهي. هن خاص ماءُ پوٽينڙيءَ جو ٻار اڄهو اڄ ڄڻيو آهي. هن خاص ڇوڪريءَ پنهنجي محبوب کي سلام پهريون ڀيرو اڄ موڪليا آهن. انهن لاءِ اهي خاص ڳالهيون آهن. پر مائون، پوٽينڙيءَ جا ٻار لکين سالن کان ڄڻينديون اچن ۽ جوان پنهنجي محبوبائن کي پهريان سلام ڳُڻن کان ڏيندا اچن. ان ڪري دنيا لاءِ اهي عام ڳالهيون آهن.

اڄهو هينئر تازي پاڻيءَ سان پرجي آيل جيڪو گهڙو اسان جي اڳيان رکيو آهي، ان جو پاڻي تازو به آهي تي ڪروڙين سال پراڻو به آهي. ڇو ته ڪروڙين سالن کان ڌرتيءَ تي هڪڙو به پاڻيءَ جو اهڙو ڦڙو ڪونه وُنو آهي جيڪو قطعي نئون هجي!

اڄوڪو دور نئون برابر آهي پر قطعي ۽ مڪمل طرح نئون ڪونهي. اهو فقط نسبتي طرح نئون آهي. ڪن ڳالهين ۾ ۽ ڪنهن حد تائين نئون آهي.

## نوان دور

نوان دور ڄڻن کان ايندا رهيا آهن. رڳو سياسي تاريخ جي خيال کان ئي ونجي ته ويهه سال اڳ هتي 1954ع ۾ پهريون دفعو ون يونٽ جو ”نئون دور“ آيو هو. هوبهو ان جهڙو دور اڳ ڪونه هو. ان کان اڳ 1843ع ۾ انگريزن جو ”نئون دور“ آيو هو. تنهن کان اڳ ڪلهوڙن جو ”نئون دور“، مغلن جو ”نئون دور“، ترخانن، ارغونن، سومرن، سمن، عربن، برهمڻن ۽ راءِ گهراڻي جا ”نوان دور“ آيا هئا. ان کان اڳ سڪندر اعظم جي نئين ڪاهه هڪ ”نئون دور“ آندو هو. ان کان اڳ ٻي انداز نوان دور آيا هئا. اهي سڀ نوان دور هئا. سڀ هڪٻئي کان تمام گهڻو مختلف ۽ نرالا هئا. پر ڇا اهي قطعي ۽ مڪمل طرح نرالا ۽ هڪٻئي کان قطعي ۽ مڪمل طرح مختلف هئا؟ منجهن ڪابه شيءِ مشترڪ ڪانه هئي؟ مثال طور، ڇا انهن سمورن دورن ۾ ماڻهن جي وڏي اڪثريت ساڳئي نموني پورهيا ڪندي ۽ بکون ڪانه ڪاٽيندي هئي ۽ ماڻهن جا ننڍڙا ٽولا موجون ڪونه ماڻيندا ۽ حڪم ڪونه هلائيندا هئا؟ ڇا ماڻهو ساڳئي نموني گذر لاءِ ڪشالا ڪونه ڪيندا هئا؟ پيار ۽ دوستيءَ لاءِ ڪونه واجهائيندا هئا؟ پاڻ ۾ رسندا ۽ پرچندا ڪونه هئا؟

وصل ۽ وچوڙي جا گيت ڪونہ ڳائيندا هئا؟ لڙايون، جنگيون ڪونہ ڪندا هئا؟ ڇا انهن سيني دورن ۾ پوليس جا پهرا، جيل، جلاد، بيماريون ڪونہ هيون؟ هڪ طرف تعجب، نفرت، ظلم، ٻئي طرف محبتون، قرب ڪچهريون ۽ شغل ڪونہ هوندا هئا؟

انسانن جا مسئلا ساڳئي وقت وقتي ۽ نوان بہ آهن تہ دائمي ۽ پراڻا بہ آهن.

# باب ٽيون

# دلين جو درد ــــ نئين ڪوجنا ؟

سورن سانديياس، پورن پالي آهيان،
جيڪر آءٌ هياس، ڪا ڳري ڳوندر ول جي.
(لطيف)

پيڙهي وچوٿيءَ جي ڳالھ ڪي ونو. ڇا، ماڻھن اولاد فقط ھن دور ۾ ڄمڻ شروع ڪيو آهي؟ اولاد ۽ مائٽن جي خيالن ۾ فرق فقط ھن دور ۾ ئي پيدا ٿيو آهي؟ ڇا اڳين دورن جا ماڻھو سدائين ائين سوچيندا، چوندا ۽ ڪندا ھئا جيئن سندن مائٽ سوچيندا، چوندا ۽ ڪندا ھئا؟ جي ائين ھجي ھا تہ ماڻھو اڄا تائين غارن ۾ ڪونہ وينا ھجن ھا؟ ڇا نئون نسل، ھينئر ئي، ھن دور ۾ ئي، آسمان جي ڳڙي وانگر متان ڪريو آهي؟ ڇا اڳي نوان نسل ڪونہ ھوندا ھئا. اھي اڳين نسلن سان زبردست اختلاف ڪونہ رکندا ھئا؟

هرڪا شيءِ ڪنھن ٻيءَ شيءِ مان پيدا ٿي آهي ۽ سندس پيٽ ۾ سيان پيدا ٿيڻ واري ڪا ٻي شيءِ سرجي رھي آهي. ھر شيءِ جنھن مان پيدا ٿي آهي تنھن جو ۽ جيڪي منجھانئس پيدا ٿيڻ وارو آهي تنھن جو ميلاپ آهي. ھر شيءِ ۾ ڳالھ ماضي، حال ۽ آئيندي جو سنگم آهي. ھر شيءِ ۾ ڳالھ ٻي انت ڪائنات ۾ ٻي انت وقت جي ڇوواٽن تي بيٺل زمان ۽ مڪان جو ھڪ اھڙو سنگ ميل ۽ حد نشان آهي جيڪو سيني ڏِسن ۽ زمانن کي پاڻ ۾ ملائي ٿو.

## خلا ۾ لٽڪيل، سيل مھر ٿيل دور؟!

اڄوڪو دور ڪو اھڙو خلا ۾ لٽڪيل، چئني طرفن کان سيل مھر ٿيل دور ڪونھي، جنھن ۾ ٻين دورن جي ھوا بہ اچي نہ سگھي، جيڪو قطعي نرالو، قطعي بي مثال ۽ قطعي ڌار ھجي.

ان جي خصوصيتن توڙي عموميتن ٻنھي کي ڌيان ۾ رکڻ بدران ان جي فقط خصوصيتن ۽ نرالاين تي اجايو زور ڏيڻ ۽ سندس عموميت کي، سندس ٻين دورن سان

ھڪجھڙاين کي صفا نظرانداز ڪرڻ، ھن دور جي تصور کي بگاڙڻ ۽ ماڻھن کي گمراھ ڪرڻ آھي.

هي دور ھڪ اھڙو نئون دور آھي جنھن ۾ نہ رڳو ماضيءَ جي سمورن دورن جو سلامت رھڻ جھڙو سماجي جوھر سمايل آھي، پر سنڌس پيٽ ۾ ايندڙ نون سماجي دورن جا ٻج بہ موجود آھن ۽ موري رھيا آھن. سياڻي اھي پنھنجا سلا ۽ گونچ ڪيندا.

ھن دور جي ٻين دورن سان تسلسل، ساڻن لاڳاپن ۽ ھڪجھڙاين کي نظرانداز ڪري، ان کي ھڪڙو ابُوبھر ڪري ڇو ٿو پيش ڪيو وڃي؟ ان ڳالھ جو ”روحاني راز“ ڪھڙو آھي؟

## جديدي ماما پٺ ۾ ڇو پيا آھن؟

ڳالھ ڪندا آھن تہ ٻار ماءُ کي چيو تہ ”امان! ماما چريو ٿي پيو آھي! اڄ وچ بازار ۾ پَٽ تي سمھي رھيو!“ ماءُ چيو، ”ابا! مامھين واپاري ٻچو آھي. ان چرپڻ جو بہ ڪو مطلب ھوندو. ڪو پيسو پٽ تي ڏٺو ھوندائين جو ھونئن لڪائي نہ ڪٽي سگھيو ھوندو، تہ ائين ڪنيو ھوندائين!“ ڳالھ بہ اھا ھئي.

سو ھن ”نئين دور“ جي رٽ ۾ بہ ھنن ”جديد“ اديب ماماڻن جو وڏو مطلب آھي. ھن دور کي ھو، اجھو ھينئر، آسمان مان ڪريل، ڳڙو ڪري، انھيءَ لاءِ پيش ٿا ڪن تہ جيئن ان ھتراڏي، خاص الخاص ”نواڻ“ جي آڙ ۾، ھو ھن دور کي، پنھنجي پر ۾، سماجي ۽ ادبي تاريخي تسلسل، اڳ پُٺ ۽ رشتن ناتن کان ڪاٽي، ڪيس اڪيلو ئي اڪيلو، لاوارث ڇورو ڇنو سماجي دور ”ثابت ڪري“ پاڻ کي سنڌس اڪيلو وارث ثابت ڪري، ڪيس ھر ڳالھ ۾ نرالو ئي نرالو ڏيکاري، مٿس پنھنجو نرالو ادب ۽ نراليون ادبي ڪسوٽيون ۽ نرالا ثقافتي فرمان مڙھي سگھن. ان مھا نواڻ جي امرت ڌارا سان ھو ھر ”مرض“ جو علاج ڪري سگھن ٿا ۽ ھر ”مصيبت“ کي منھن ڏيئي سگھن ٿا.

مثال طور چئبن تہ ”ٻوليءَ جي ٻيڙي نہ ٻوڙيو!“ تہ چوندا، ”نئين“ دور جي ”نون“ ماڻھن جي ”نون“ احساسن ۽ جذبن جي ترجماني ڪندڙ ”نئون“ ادب پراڻيءَ ٻوليءَ ۾ لکي نٿو سگھجي!“ چئبو تہ ”ادب عظيم مقصدن ۽ عظيم فن جو، سھڻيءَ صورت ۽ سھڻيءَ سيرت ٻنھي جو سنگم ۽ ميلاپ ھئڻ گھرجي“، تہ چوندا تہ ”اھا پراڻي دور جي ڳالھ آھي. ’نئين‘ دور سان پراڻا ادبي قدر ۽ ڪسوٽيون لاڳو ٿي نٿيون سگھن.“

اھڙيءَ ريت لفظ ”نئين“ جي بيھودي رٽ لڳائڻ سان ھنن کي ادب خلاف ھر جھالت ۽ بيھودگي ڦٻي سگھي ٿي. ان ڪري ھو رڙ ڪري لفظ ”نئون“ کي چھٽي پيا

آهن ۽ ان کي ڍال بنائي، بنان روڪ ٽوڪ جي، ادبي ۽ فني ميدان ۾ عوام خلاف سنگين ثقافتي جرم ڪري رهيا آهن.

## پيڙا جي ”ايجاد!“

جديدين جي چوڻ موجب سندن جڙتو جديد ادب جيڪو وڏي ۾ وڏو تير ماري ٿو سو آهي انسان جي اندر جي پيڙا جو اظهار ڪرڻ. ان ڳالهه کي هو ”اندر جي پيڙا“، ”پيڙا جو احساس“، ”ذات جي انڪشاف“، ”اندر جي برڻ ۽ ٽٽڻ“، ”پُرڻ ۽ پَجڻ جي ماتم“، ”ذات جي اظهار جي سچائي“، ”ٽڙندڙ پڪڙجندڙ، پجندڙ پُرندڙ قدرن“ ۽ ”علامتن جو ترجمان“ ادب سڏين ٿا ۽ ”هيءَ پيڙا، هي سناٽو، منهنجي اندر جو!“ جا نعرا هڻي، وڏي فخر سان چوطرف لوٽا هڻي، پنهنجي ان ڪوڪليءَ لفاظيءَ ۽ مخرج جو داد طلب ڪن ٿا.

ڇا انسان جي دل ۾ درد، ڪا نئين سائنسي کوجنا آهي جيڪا هينئر هن ”جديدي سماجي سائنسدانن“ اوچتو ڪري وڌي آهي؟ ڇا اڳ انسانن کي ڏک ڪونه هئا؟

برابر، اڄ عوام دشمن قوتون انسانيت کي عام تباهيءَ جي اوڙاهه جي ڪناري بيهاريو، ڪيس ان ۾ ڌڪو ڏيڻ جي سعيي ۾ آهن. برابر اڄ جي هٽلرن، مسولينين، پهلوين ۽ سندن جانشينن، عوام لاءِ اهڙا اهڙا وحشي عذاب ايجاد ڪيا آهن جن جو چنگيزن ۽ هلاڪوئن ۽ نادرن کي پتو به ڪونه هو. برابر اڄ به انسانن جي اڪثريت جي زندگي جڻ جيئري دوزخ جي برابر آهي. پر ڇا هاڻي وانگر اڳي به غلامداري ۽ جاگيرداري ۽ پيداواري لاڳاپن ۽ انهن جي پيڙهه تي اڏيل غلامداري جاگيرداري ريتن رسمن جا راڪاس ” آدم بوءِ، آدم بوءِ!“ ڪندا، انسانن جي جسمن ۽ روحن کي چيپاٽيندا ڪونه رهندا هئا؟ ڇا طبقاتي سماجن جي قائم ٿيڻ جي روز ازل کان وٺي، ڊڪٽيٽري نظامن جي وحشي اونداهين جي پيانڪ، نه ڪٽندڙ رات ۾، قورو ۽ ظالم طبقن هٿان عام انسان اندر ۾ سڙندو، برندو، پچندو ۽ رجهندو ۽ وهه جا وٽا پيئندو ڪونه رهيو آهي؟ هنن هومرن، ورجلن، شيڪسپيئرن، حافظن، رومين، ڪبيرن، تسليداسن، ميران باين، لطيفن ۽ سانوڻ فقيرن، پنهنجي درديلن گيتن، نغمن ۽ بيتن ۾ سمايل لافاني درد جا املهه موتي تڏهن ڪنهن جي دلين جي ڏک جي سمنڊن جي پاتال مان ڳولي هٿ ڪيا هئا؟ هن گونگي ٻوڙي ڌرتيءَ جي سيني ۾ جيڪي دٻيل دانهن ۽ گهٽيل آهن جا طوفان ۽ گونگن لڙڪن جا سمنڊ دفن ٿيل آهن سي تڏهن ائين سڪٽا بي سبب آهن؟

ڇا اندر جو حال اورڻ ادب ۽ فن ۾ اهڙي پراڻي ڳالهه ناهي جهڙا هن ڌرتيءَ تي پاڻي، وڻ ۽ پٿر!

اٽڪل سوا ٻه سؤ، اڍائي سؤ سال اڳ لطيف پنهنجو پڇنڊڙ اندر هيٺين لافاني سٽن ۾ اوريندو هو:

ڪڏهن ڪڏهن جيڏيون، ڪو پهه اچيو پوءِ،
سو پڻ ساڙو هوءِ، جو آهي ساهُ سرير جو!

---

مٺ مٺ سورن سيڪنهن، مون وٺ وتاٽان.

---

سور مَ ڏي ڏوڻ ، آءٌ اڳيئي ڪاهري،
جا پر پاٽيءَ لوڻ، سا پر منهنجي جندڙي!

---

اڏوهيءَ جيئن ڏڪڙا،چڙهيا چوٽيءَ سيئن!
گوندر مٽان جندڙيءَ ، وريا ولين جئن!

ڪانئس هڪ صدي پوءِ دهليءَ ۾ مير تقي مير پنهنجي حال تي هيئن افسوس ڪندو هو:

سرشام هی، بجها رهتا هے،
دل هوا هے چراغ مفلس کا!

(ڪنهن مسڪين جي ڏيئي وانگر منهنجي دل سانجهيءَ کان ئي وساٽي وساٽي پيئي آهي.)

۽ سندس هم عصر خواجه مير درد هيڙا درديلا غزل چوندو هو:

زندگی هے یا کوئی طوفان هے
هم تو اس جینے کے هاتهوں مر چلے۔

۽ غالب چئي ويو آهي:

زندگی اپنی گر اس طرح سے گذری غالب
هم بهی کیا یاد کرینگے کے خدا رکهتے تهے۔

---

اب تو گھبرا کے کھتے ھیں کے مرجائیں گے
مر کے بھی چین نا پایا، تو کدھر جائینگے؟

انهن کان سوين سال اڳ سورهين صديءَ ۾ شاهه ڪريم هي ڏکارا بيت پئي چيا:

آيل سهڻو رد، سوهڻي ڪام وسهي
ستي هئڙم گڏ، جان جاڳان تہ ناهہ پرين!

---

سيئي سيلهہ تيار، پڙهيام جي پاڻان
اکر اڳيان اپري ، واڳون تي وريام.

شاهه ڪريم کان چار سؤ سال اڳ ٻارهين صديءَ ۾ پاڪ پتڻ جي شيخ فريد پنهنجي دل جو درد هھڙن سنڌيءَ ڳاڏڙ بيتن ۾ بيان پئي ڪيو:

فريدا ڏُکان سيتي ڏينهن ڳيا، سولان سيتي رات،
ڪـڙا پڪـاري پاتڻي ، ٻـيـڙا ڪپر وات.

(فريدا! ڏينهن ڏکن ۾ گذري ويو ۽ رات سورن ۾. مٿان پاتڻي بيٺو دانهون ڪري تہ پنهنجو ٻيڙو ڪُنن جي وات ۾ اچي ويو!)

فريدا مين جاڻيا دک مجھ ڪو، دک سيا اي جڳ،
اُچي چڙهہ ڪي ويکيا ، تان گھر گھر ايها اڳ.

(فريدا! مون ڀانيو تہ رڳو مون کي ڏک آهن پر ڏک تہ سڄي جهان کي آهن. مٿي ڪوٺي تي چڙهي ڏٺم تہ گهر گهر اهائي ڏک جي آڳ پيئي ٻري!)

جي اڃا بہ ڪيئي صديون، گهڻيون گهڻيون صديون، پوئتي، تاريخ جي شروعات جي ڪوهيڙي ۾، جڏهن روم تہ ڇا، يونان بہ ڪجهہ ڪونہ هو، تڏهن فرعونن جي دور جي قديم مصر ۾، ”راڳيندڙن جي گيتن“ (Songs of the Harpers) جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ ايندا جن ۾ زندگيءَ کان عاجز اهڙن ڏُکي انسانن جون درديليون ڪهاڻيون سمايل هيون، جيڪي ان زندگيءَ کان موت بهتر سمجهندا هئا. اهي ڏکارا گيت قبرن تي اڪيري ڇڏيا ويا. انهن مان هڪڙي جو عنوان هو:

”زندگيءَ مان عاجز انسان“ ”The man who was tired of life“ جو گيت.

دراصل موجوده دور جي هر بچڙائي، ڦرلٽ، ظلم ۽ وحشانيت جي باوجود، زماني ۾ جيئن پوئتي ٿو وڃجي تيئن عام انسان جي زندگي وڌيڪ مجموعي طرح غير محفوظ، وڌيڪ سڄي سڪٽي، وڌيڪ اذيت ناڪ نظر اچي ٿي. اڄوڪي عالمي سرمائيداري/پورهيت دور کان جاگيردار عالمي دور عام انسانن لاءِ وڌيڪ اذيتناڪ هو. ان کان غلامدار دور اڃا به وڌيڪ وحشي ۽ بي رحم هو. اڄ به دنيا جي ملڪن جي ماڻهن جي اڪثريت فاقن ۾ آهي، اگهاڙي آهي، بيمارين ۾ ورتل آهي، محرومين ۽ ظلمن جي اونداهين ۾ وڪوڙيل آهي. پر اڳ ماڻهو پار وڪڻڻ تي مجبور ڪيا ويندا هئا. ماڻهو بک جي انڌ وچان ٻئي ماڻهو کي کائيندو هو. روز ڪو نه ڪو چنگيز، تيمور، نادرشاهه، شاهه شجاع پارو علاقائي يا بين الاقوامي بدمعاش، لوفرن ۽ ڌاڙيلن جا دمبلا وٺيو، دڙا دوڙائيندو، نعرا هڻندو، ماڻهن جي مٿان ٿُورو ٿيو بيٺو هوندو هو ۽ ڪوس ڪريو، گهر ساڙيو، سندن پار پان ڪريو، پارن ٻچن کي نڪن ۾ سوئا ٽنبيو، ناڪيليون وجهيو، گهوڙي پنيان دوڙائيندو، ڪٽيو ويندو هو. اڄ به پنهنجي حقن جي گهُر ڪرڻ وارن سان ڇا ڇا نه ڪيو وڃي ٿو! پر اڳي حالت اڃا به بدتر هئي.

## سر بہ وڏيءَ سفارش سان لهندو هو!

اڳي عوام جي حقن جي ڳالهه ڪرڻ يا سياسي اختلاف رکڻ واري کي تلوار جي هڪ ڌڪ سان سسي لاهي يا ڦاسيءَ جي جهٽڪي سان پورو ڪرڻ جي نرم سزا ڪا ورلي ۽ وڏيءَ سفارش ۽ اثررسوخ سان ملندي هئي. اڪثر ڪين اهڙا پيانڪ ايذاءَ ڏيئي ماريو ويندو هو، جو سندن مائٽ رحم جون اپيلون ڪندا هئا تہ هنن کي هڪدم ختم ڪيو وڃي! منصور کي جڏهن ڦٽڪا هڻي، سندس ڪل ماس تان اُڌائي، سندس هٿ پير وڍي، پوءِ سندس رت ڳاڙيندڙ ڊڍريءَ کي سوريءَ تي ٽنگيو ويو، تڏهن سڄ لٿي مهل ڪن خدا ترسن وڏي اثررسوخ سان آخر اهو ”رحمدليءَ“ وارو فرمان جاري ڪرايو تہ هاڻي پلي ڌڪ هڻي، سندس سسي لاهي، ڪيس وڌيڪ عذاب کان ڇڏايو وڃي، پر شهر جي ڪوتوال قانوني اعتراض اٿاريو تہ ”هاڻ سج لهي ويو آهي. وقت ختم ٿي ويو، سسي سياڻي لهندي، اڄ نہ!“

اميرالمومنين عبدالله بن زبيرؓ جيڪو حضرت عليؓ کان پوءِ خليفو ٿيو ۽ جنهن کي مڪي شريف تي بمباري ڪري ان کي جلائيندڙ، صحابہ ڪرام ۽ ٻين لکين مسلمانن جي قاتل، سنڌ تي چڙهائي ڪرائيندڙ ۽ اسلامي تاريخ جي چنگيز، حجاج بن

يوسف، شهيد ڪرائي، ڪيس سوريءَ تي چاڙهي ڇڏيو، تنهن جي لاش کي ڪيترن ڏينهن بعد بہ تنگيل ڏسي، ماڻس بي بي اسماءؓ هي دل ڏاريندڙ مشهور جملو چيو هو: ”هي شهسوار اجا گهوڙي تان نہ لٿو آهي!“ سوار ڏينهن جا ڏينهن گهوڙي تان نہ لٿو. حڪم ڪونہ هو.

وقت جي فرعونن جي مخالفن جي لاشن سان جنگ اتي بہ ختم ڪانہ ٿيندي هئي. لاش دفن ڪرڻ لاءِ مائٽن جي حوالي ڪرڻ بدران پٽ تي اڇلائي، ڪتن ۽ ڳجهن جي حوالي ڪري، مٿن پهرو بيهاريو ويندو هو تہ متان مائٽ لڪ چوريءَ ڪتن ۽ ڳجهن کان ڇڏائي، ڪٽي وڃي، دفن نہ ڪري ڇڏين!

جيئري کلون لاٿيون وينديون هيون. پاليل نانگن جي کوهن ۽ بکين بگهڙن ۽ شينهن جي پڃرن ۾ اڇلايو ويندو هو. جيئري گڏه يا ڍڳي جي کل ۾ سبي ڇڏيو ويندو هو. کل سڪندي هئي تہ بدن کي پيڙيندي هئي ۽ ماڻهو پيڙجندو ويندو هو.... پهريائين ڪاساين جي ڪاتين سان اکيون ڪڍائي، پوءِ هاٿين هيٺان چيپاٽايو ويندو هو. جيئري زمين ۾ دفن ڪرايو ويندو هو. جيئري پٿين ۾ لنبائي ڇڏيو ويندو هو. هڪڙي ماڻهوءَ جي ڏوه ۾ ان جي پڙڏاڏي جي جڻ - ٻچي ۽ سندس جڻ - ٻچي کي ختم ڪيو ويندو هو!

دنيا جي ڦورو ۽ ظالم نظامن ۽ طبقن جي انسان ذات خلاف ڏوهن جي تاريخ اسان جي وهم گمان کان وڌيڪ ڀيانڪ ۽ لڱ ڪانداريندڙ آهي. اڄ، جو رجعت پرست اڳوٽي زماني کي ياد ڪري چپ پيا چٽين ۽ ان کي وري ماڻهن تي مسلط ڪرڻ لاءِ واجهہ پيا وجهن، سو بہ ان ڪري. تاريخ بظاهر پاڻ کي دهرائي ٿي. ساڳيا ڏک، ساڳيون تباهيون، ساڳيا ظلم، ساڳيا بيداد باربار عوام تي نازل ٿين ٿا ۽ انهن جو هڪڙو اڻ ڪٽندڙ سلسلو هليو اچي. پر اهو دهرائڻ جو عمل هر دفعي اڳي کان اوچيءَ سطح تي ٿئي ٿو. جوتہ هر دور ۾ عوام اڪثر انفرادي طرح ۽ وچ وچ ۾ اجتماعي طرح، ڦورن ۽ ظالمن ۽ سندن نظام خلاف هزارين لکين مختلف طريقن سان وڙهندا، طوفان اٿاريندا، انقلاب آڻيندا ۽ انهن کي وک وک تي وڌيڪ ڪمزور ڪندا ۽ ڪائنئن ڪڏهن ٿورا ڪڏهن وڏا وڏا حق حاصل ڪندا رهن ٿا.

ان ڪري مجموعي طور اڳوٽي زماني جي انسانن جون زندگيون اڄ کان ڪئين دفعا وڌيڪ ڏکن سورن سان پريل هيون.

جيتري قدر اسان جي پيڙائي حضرات ۽ سندن سفيد پوش طبقي جو تعلق آهي، اڄوڪي دور ۾ بہ جڏهن جتي جتي ڦورو ۽ ظالم نظام رائج آهن، اتي پورهيت عوام جي زندگي دوزخ جي برابر آهي ۽ سندن دلين ۾ دکن جا ڪورا پيا برن؛ تڏهن پڙهيل

سفيد پوش طبقي جا نسبتاً پتڪڙا ڏک انھن جبل جيڏن سورن سان ڀيٽڻ جڻ پاڻيءَ جي لوٽي جو سمنڊ سان مقابلو ڪرڻ ٿيندو. درحقيقت سفيد پوش طبقو مجموعي طرح پنھنجي خاص ماحول جي تربيت (Conditioning) سبب پورھيت عوام جي اجوڪن سورن ۽ ڏکن کي پرکڻ ۽ سمجھڻ ته ڇا، رڳو انھن جو تصور ڪرڻ جي به نه خواھش رکي ٿو، نه ذھني، جذباتي ۽ تخيلي لياقت ۽ قوت.

حقيقت ھن حال جي، جي ظاھر ڪريان ذري،
ته لڳي ماٽ مِرن کي ، ڏونگر پون ڏري،
وڃن وڻ ٻري ، اوير ايري ڪين ڪي.

(لطيف)

مطلب اھو ناھي ته ڪو ادب ۾ اندر جو حال جيڪو اورجي ويو سو اورجي ويو. ھاڻ ان جو ورق وري ويو. آئيندي ان جي ادب ۾ ڪا به گنجائش ڪانھي. مطلب اھو آھي ته ھي جيڪي اندر جي حال اورڻ تي ھڪ ھٽيءَ ۽ نيڪي جا دعويدار پيڙائي ادب پيدا ٿيا آھن، انھن جي جيڪا سڌي توڙي اڻ سڌي دعوا آھي ته اندر جو حال اسان وارو ”نئون“ ادب ئي اوري ٿو — جڻ اھا سندن ئي ادبي ايجاد آھي — سا دعوا ادبي تاريخ ۽ حقيقت جي روشنيءَ ۾ انتھائي غلط، واھيات، ۽ بوگس آھي.

تنھن کان سواءِ خود ان دور ۾ جنھن کي نام نھاد جديدي، جديد دور سڏين ٿا، يعني ويھين صدي، تنھن ۾ به سڄيءَ دنيا اندر — يورپ، امريڪا ۽ ايشيا ۾، ھند ۽ سنڌ ۾ — جيڪو عظيم ادب پيدا ٿيو آھي، سو اڄ جي نون پراڻن انساني ڏکن ۽ پيڙائن جو ترجمان ناھي ته ٻيو وري ڇا آھي؟ ڇا، جديدي حضرات جي خود پرست ميڪ ميڪ ۽ مايوس واويلا، گورڪيءَ، شولوخوف، پبلونرودا، ناظم حڪمت، لوھسون، يئنگ مو (چيني ناول ”جواني جو نغمو“ جي لکڻ واري)، امريڪي مصنف ھاورڊ فاسٽ، ويٽنامي شاعر گيانگ نام، ڪرشن چندر، منٽو، فيض، ساحر، اياز ۽ ٻين ھن دور جي ٻي انداز عوام دوست اديبن طرفان دنيا جي سمورن ڪندن، سمورن ملڪن ۽ قومن جي ماڻھن جي دکن دردن جي جيڪا فنڪارانه انداز ۾، زبردست اثر رکندڙ عڪاسي ۽ ترجماني ڪئي ويئي آھي، تنھن جي ڏوڙ کي به رسي سگھي ٿي؟ درحقيقت ان جي ڀيٽ ۾ ھنن جون مايوسي ڏياريندڙ، سخت بور ۽ بيزار ڪندڙ بي مقصد ڪڳيون آڦريل پيٽن جون ڪٽيون اوڳرايون ٿيون لڳن.

تہ ڇا اڄ ۽ ڪالھ ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي؟ ڇا، نوان دور بنھ ٿيندا ئي ڪونهن؟ انهن مان هرهڪ جون پنهنجون خصوصيتون ڪونہ ٿينديون آهن؟ ڇا، اڄ جو دور نئون دور ڪونهي ۽ ان جو پنهنجو ڪو نئون ادب ڪونهي؟

انهن سيني سوالن جو جواب ها ۾ آهي. ٿوري ۾ ڳالھ جو مطلب تہ هي دور برابر نئون دور آهي ۽ ان جو نئون ادب بہ آهي، پر هڪڙي پاسي اڄ جو دور اڳين دورن سان ڳنڍيل، انهن مان پيدا ٿيل، انهن سان تسلسل رکندڙ آهي تہ ٻئي پاسي فطرت، انساني سماج ۽ سوچ جي بنيادي قانونن مطابق جيئن تہ دنيا ۾ ڪابہ شيءِ يڪي هڪ ساري ٿي ئي نٿي سگهي ۽ جيئن تہ هر شيءِ ابتڙ شين جو ميلاپ ۽ انهن جي پاڻ ۾ ويڙھ جو ميدان هوندي آهي، ان ڪري نئون دور ۽ نئون ادب بہ يڪا هڪجهڙا ۽ هڪ سارا ۽ سڄي جا سڄا يڪا هڪڙا ناهن. منجهن ابتڙ شيون ۽ ڳالهيون سمايل آهن. جيڪي هر وقت هڪٻئي سان ويڙھ ۾ مشغول آهن.

## هڪ نہ، ٻہ نوان ادبي دور

تاريخي حساب کان ويهين صديءَ جو نئون دور هنن ٻن ابتڙ دورن مان ٺهيل آهي:

(1) سرمايہ داري نظام جي راڄ جو نئون زوالي دور ۽ (2) ان جي مخالف پورهيت عوام جي سامراج دشمن جدوجهد جو نئون دور.

سرمايہ داري نظام جي هن نئين دور ۾ سرمايہ داري نظام جاگيردار دشمن، جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند نظام مان ڦري، مردار جاگيرداريءَ سان سمجهوتو ڪندڙ رجعت پرست ۽ سامراجي نظام بڻجي چڪو آهي ۽ قسمين قسمين گهوٽالن ۾ ڦاسي، زوال ۽ تباهيءَ طرف وڃي رهيو آهي.

سرمايہ داريءَ جي هن نئين رجعت پرست دور ۾ جڏهن سرمايہ داري سامراج تاريخ جي سمورن رجعت پرست قوتن سان، خاص ڪري جاگيرداريءَ سان، عوام جي خلاف هڪ ناپاڪ اتحاد قائم ڪيو آهي تڏهن ان عوام دشمن اتحاد جي نقطي نگاھ ۽ موقف کان هن دور جي زندگي ۽ سماج جي عڪاسي ۽ ترجماني ڪندڙ ادب ٻن قسمن جو آهي.

(1) رجعت پرست جاگيردار ادب. هي ادب جاگيرداريءَ جي گذريل صدين جي وحشي ۽ پيانڪ دور کي سونو پاٽي ڏيئي، چمڪائي، دلڪش بنائي پيش ڪري ٿو ۽ بي شرميءَ سان دهل وڄائي ۽ جهمريون هڻي، ان جا گيت ڳائي ٿو. (2) مايوسي ۽ موت جو پيغام ڏيندڙ، رجعت پرست، سامراج پرست، سرمايہ دار ادب.

ان جي ابتڙ دنيا جي پورهيت عوام جي بهتر زندگيءَ ۽ روشن آئيندي لاءِ جدوجهد جو نئون دور اهو دور آهي جنهن ۾ دنيا جي سمورين قومن ۽ ملڪن جي عوام جون طبقاتي ۽ قومي آزاديءَ، ملڪي خودمختياريءَ، جمهوريت ۽ هڪ انصاف پرئي سماجي نظام لاءِ ۽ هر قسم جي ناانصافيءَ، اڻ برابريءَ ۽ بالادستيءَ، دٻاءَ ۽ ظلم خلاف جدوجهدون، ڏار ڏار رستن تان هلندي هلندي، نيٺ ان مٿاهينءَ منزل ڪي رسي ويون آهن، جتي اهي سڀ آهستي آهستي پاڻ ۾ ملي، هڪ ٿيڻ شروع ٿي ويون آهن ۽ پنهنجي گڏيل دشمن، عالمي سامراج ۽ سندس ملڪي ۽ مڪاني چاڙتن، خلاف قومي توڙي بين الاقوامي سطح تي زبردست ويڙهه ۾ جنبي ويون آهن. ان لاڳيتيءَ عالمي ويڙهه جي ڪري، دنيا جا عوام روزبروز وڌيڪ سجاڳ، وڌيڪ سمجهو، وڌيڪ متحد ۽ وڌيڪ سرگرم، وڌيڪ ويڙهو، وڌيڪ سوڀارا، وڌيڪ تخليقون ۽ تعميرون ڪندڙ بڻبا پيا وڃن. حقيقي نئون ترقي پسند ادب پنهنجي بهترين سيرت ۽ صورت ۾، ان شاندار سفر ۾، سندن سوجهرو، سندن سونهون، سندن آسرو ۽ آڌار آهي. ڪين ڏڍ، دلداريون ۽ همتون ڏياريندڙ آهي. سندن پشت پناهي ڪندڙ ۽ سندن سورهيہ ساٿي آهي. هي ادب نئين دور جي انقلابي لشڪر جي مهڙ واري شاندار روحاني فوج آهي جيڪا سڀ ڪان اڳ بجلي بڻجي دشمن تي ڪڙڪي ٿي ۽ ان وقت بہ وڙهندي رهي ٿي جڏهن بين انقلابي دستن لاءِ وڙهڻ جي پيٺي نٿي رهي.

پورهيت عوام جي زندگي ۽ جدوجهد جي هن نئين دور جي عڪاسي ۽ ترجماني ڪندڙ نئين ادب کي طبقاتي نقطي نگاهہ ۽ موقف جي خيال ڪان چئن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. (1) زندگيءَ جي جمهوريت پسند، ترقي پسند، سرمايہ دار نقطہ نگاهہ ۽ موقف ڪان ترجماني ڪندڙ سرمايہ دار ترقي پسند ادب. (2) ننڍي وچولي سفيد پوش طبقي جي نقطي نگاهہ ۽ موقف ڪان زندگيءَ جي ترجماني ڪندڙ (Petty Bourgeois) يا ڇوٽو سرمايہ دار يا سفيد پوش ترقي پسند ادب. (3) صحيح پورهيت عالمي نقطي نظر، سماجي ڄاڻ ۽ سمجهہ بنان، رڳو دل جي دوڙ تي تخليق ڪيل پورهيت ادب. (4) پورهيت طبقي جي صحيح سائنسي عالمي نقطي نظر، سماجي ڄاڻ ۽ سمجهہ جي روشنيءَ ۾ پورهيت سماجي نقطي نگاهہ ۽ موقف ڪان زندگيءَ جي عڪاسي ۽ ترجماني ڪندڙ پورهيت ترقي پسند ادب.

هتي اها ڳالهہ سمجهڻ جهڙي آهي تہ سرمايہ داري لاڙا دنيا جي هر علائقي ۽ هر ملڪ ۾ مختلف نموني جا آهن. امريڪا ۽ يورپ ۾ اهي زواليت ۽ پڇاڙيءَ ڏانهن مائل آهن، ڇو تہ اتي سرمايہ داريءَ جي عروج وارو دور گذري، ختم ٿي چڪو آهي، پر ٽينءَ

دنيا ۾ هڪڙي پاسي نوان قومي عوامي جمهوري ۽ سوشلسٽ لاڙا تہ ٻئي پاسي سرمايہ داري لاڙا اجا اُسري ۽ نسري رهيا آهن. اهڙيءَ ريت سرمايہ داري لاڙن اندر بہ ابتڙ موجود آهي. ان ڪري اهي هڪ پاسي عالمي سامراج جا حامي آهن تہ ٻئي پاسي سامراج دشمن عوام جا حامي بہ! ان ڪري ٽينءَ دنيا ۾ قومي، عوامي، جمهوري ۽ پورهيت ترقي پسند ادبي لاڙن سان گڏ هڪڙي پاسي اسرندڙ سرمايہ داريءَ وارا جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند ادبي لاڙا بہ آهن تہ ٻئي پاسي زواليت پرست، رجعت پرست، سرمايہ داري، سامراج پرست لاڙا بہ.

## باب چوٿون

# ڇا، ڏک رڳو تباهه ڪندڙ آهن؟

ڏيکاريس ڏکن، گوندر گس پرين جو! (لطيف)

عرفي! دل ِآباد ، بہ يک جو نہ خرد عشق
من هم دل ويران، بہ دو عالم نہ فروشم!

(عرفي)

(عرفي! عشق کنهن آباد دل ۽ خوشحال دل کي هڪڙي جَوَ جي داڻي عيوض بہ ڪين وٺندو! خوشيءَ پريل دل کي وٺي ڇا ڪبو؟ ان جي قيمت ئي ڪهڙي؟ آءٌ بہ پنهنجي ويران ۽ تباهه دل ٻن جهانن عيوض بہ نہ ڏيندس!)

وللي واويلائي ادب، هڪ طرفائيءَ ۽ وڌاءَ کان ڪم وٺي، انساني دل جي سمورن رنگبرنگي جذبن کي فقط ڏکن تائين محدود رکي ٿو ۽ ڏک جو رد عمل فقط مايوسي ڏيکاري ٿو. مايوسيءَ کي وري هڪ نسبتي، جزوي ۽ عارضي جذبي بدران قطعي، دائمي ۽ آخري جذبو ڪري پيش ڪري ٿو. اهڙيءَ ريت اهو دائمي ڏک ۽ مايوسيءَ جو پرچار ڪري، انسانن سان همدرديءَ جي آڙ ۾، ڪين ڏکن ۽ مايوسين سان ويڙهه جي ۽ ڏک ۽ مايوسيون ڏيندڙ ماڻهن ۽ قوتن سان مقابلي جي خواهش ۽ سگهه کان محروم ڪري ڇڏي ٿو. اهڙيءَ ريت اهو دوستيءَ جي روپ ۾ ماڻهن سان دشمني ڪري ٿو ۽ انهن يزيدي قوتن جي خدمت ۽ دلالي ڪري ٿو، جيڪي چاهين ٿيون تہ ماڻهو هڪڙي معمولي چوٽ کائڻ شرط ئي ڏکن ۽ مايوسين ۾ اهڙا ونجي وڃن، جو وري يا عمر ڪنڌ متي ڪڻي، دشمن جي منهن ۾ نهارڻ جو سوچي بہ نہ سگهن.

اهو ڏک جي مسئلي کي فقط ميڪ ميڪ ڪرڻ تائين محدود رکي ٿو. انساني ڏک جي بنيادي عالمي تاريخي ڪارڻن بابت، ان جي عالمي تاريخي نوعيت ۽ ان جي بنيادي علاج بابت، ڏک ڏيندڙ قوتن ۽ ڏک جو علاج ڪندڙ قوتن بابت، نہ رڳو هو پاڻ چپن کي چنو لايو وينو آهي ۽ ٻڙڪ بہ ٻاهر نٿو ڪڍي پر ٻين کي بہ نڙيءَ تي گهٽو ڏيو وينو آهي تہ انهن ڳالهين بابت اکر بہ ڪڍيو اٿو تہ اوهان کي نعريباز ۽ پروپيگنڊاباز اديب نهرائي، ادب جي ملڪ مان ڏيهه نيڪالي ڏيئي ڇڏيندا سين.

اهو ڏک سک جي توازن کي نظرانداز ڪري، ڏک ۽ مايوسيءَ کي مطلق (Absolute) ۽ قطعي، آخري ۽ دائمي نهرائي، ان کي سندس پس منظر، اڳ پٺ کان الڳ ڪري، ان بابت خيالي ۽ بي بنياد تصور ڪڙا ڪري، ان کي هڪڙو ڀوت بنائي، انساني ڏک جي حقيقي ۽ تخليقي ترجماني ڪرڻ بدران ان کي بگاڙي، غلط ۽ گمراھ ڪندڙ نموني ۽ بيهودي ۽ واهيات انداز ۾ پيش ڪري، ان کي خوار ڪري ٿو. ڏک جي ڀوت جهڙن خيالي ۽ هٿراڌن تصورن جي آڙ ۾، اهو انسانن جي حقيقي ڏک جي صحيح ۽ ڀرپور اظهار جو رستو روڪي ٿو. اهڙيءَ ريت هو پنهنجن سامراجي آقائن جي خدمت ڪري ٿو جيڪي دنيا جي اربين ڏکويل ماڻهن جي حقيقي ڏک کان ڊڄن ٿا. ڪين خبر آهي تہ جيڪڏهن اهو سمنڊن جهڙو اٿاھ ڏک گڏ ٿيو، ان کي سندس صحيح ڪارڻن ۽ صحيح علاجن سميت، صحيح نموني سمجهيو ۽ پروڙيو ويو تہ اهو دنيا ۾ اهڙو انقلابي طوفان بنجي اٿندو، جنهن جي سٽ هماليہ جبل بہ سهي ڪونہ سگهندو.

اهو ادب جنهن بيهودي نموني ۾ هٿراڌي ڏک جو واهيات اظهار ڪري ٿو تنهن جي ڪري ماڻهو ڏک بابت ڳالھ پڙهڻ لاءِ تيار نٿا ٿين. بلڪ جيڪي پڙهندڙ هنن جي پروپيگنڊا طوفان جي اثر هيٺ اچي، هن ادب کي ئي ادب سمجهن ٿا ۽ ان ۾ پيش ڪيل ادب کي ئي ماڻهن جي اندر جي پيڙا جو اظهار ڪندڙ ادب سمجهن ٿا، سي سموري ادب کي هھڙو هوائي، بيهودو ۽ بور ڪندڙ سمجهي، ڪنهن بہ حقيقت پسند ادب ڏانهن منهن ڪري بہ نٿا نهارين ۽ وڃيو جادوئي، اسراري، جاسوسي ۽ نام نهاد تاريخي ڪهاڻين جي ڏٻڻ ۾ ڦاسن. اهڙيءَ ريت اهو ادب ان تَڙَ ڪرڻ واري وانگر آهي جيڪو شڪار کي هڪليو وڃيو شڪاريءَ جي بندوق جي سامهون آڻي! هي ادب ماڻهن کي حقيقي ادب کان ڊوڙايو، ڀڄايو، وڃيو آفيمي ادب جي حوالي ڪري ٿو.

اها ڳالھ هرڪو ڄاڻي ٿو تہ ماڻهن جي وڏي ۾ وڏي گهڻائي اڄ سوڏي هميشہ محرومين، مصيبتن، مونجهارن ۽ عذابن جو شڪار پئي رهي آهي. اڪثر حالتن ۾ وٽن ڇوٽڪاري جو ڪوبہ رستو ڪونهي. منجهانئن گهڻا اڪثر ماٺ منيءَ ۾ يا ڪجھ مقابلي کان پوءِ، ان ڳالھ کي پنهنجي تقدير ۽ لکئي جو ليک سمجهي، برداشت ڪن ٿا ۽ زندگيءَ جو زهر ڦڙو ڦڙو ڪري پِي، ڇُٽي ڇُٽي، حياتيءَ جي قيد جا ڏينهن پورا ڪن ٿا. سندن اندر هر دم روئندو، سڙندو، پچندو ۽ برندو رهي ٿو. ڪي تہ ڏک وچان پاڳل ٿيو پون ۽ جيئري ئي مئن گڏ ٿيو وڃن.

ڏک، پيڙائون، مايوسيون ۽ موت زندگيءَ جون ازلي ۽ ابدي حقيقتون آهن. اهي اڄوڪي انسان جي زندگيءَ ۾ بہ موجود آهن. پر ڇا زندگيءَ ۽ انسان جي دل ۾ فقط ڏک

۽ پيڙائون ئي آهن؟ ڇا انهن ڏکن ۽ پيڙائن جي ڪري ماڻهو فقط دل ۾ رڳهن پڇن ٿا، رڳو رڳو مايوس ٿي ٿين ٿا، رڳو ماتم ئي ڪن ٿا ۽ ذهني، جذباتي ۽ روحاني طرح رڳو مرن ۽ ختم ئي ٿين ٿا؟

نه. ماڻهن جي زندگيءَ ۾ رڳو ڏک، ناڪاميون ۽ مايوسيون ۽ موت جون تمنائون ڪونهن. زندگيءَ ۾، بدترين دورن ۽ حالتن ۾ به، ڪي سک، ڪي ڪاميابيون ۽ ڪي زنده رهڻ جون آسون هجن ٿيون.

## لازم – ملزوم!

انساني زندگي به ابتڙن جو ميلاپ آهي. ان ۾ ڏک ۽ سک ٻئي آهن. ٻئي هڪٻئي جي ابتڙ به آهن ته لازم ملزوم به آهن. اهي زندگيءَ جون اهڙيون هڪٻئي سان لاڳاپو رکندڙ ۽ هڪٻئي تي دارومدار رکندڙ ابتڙون آهن جهڙا ڏينهن ۽ رات، جم ۽ موت ۽ سردي ۽ گرمي. نه سک بنان ڏک جو تصور ڪري سگهجي ٿو، نه ڏک بنان سک جو. ٻنهي جو هڪٻئي تي دارومدار آهي ۽ هڪٻئي ۾ سمايل آهن. جيئن ٿڪ بنان آرام جو، اوجاڳي بنان ننڊ جو، رات بنان ڏينهن جو ۽ سرءُ بنان بهار جو احساس ٿي نٿو سگهي. تيئن جنهن ڪي ڏکن جي خبر ڪانهي تنهن کي سکن جو ڪهڙو احساس، ڪهڙو قدر ٿي سگهي ٿو.

اُڃ نه هوندي ته شربت به ڪونه وڻندو. ڍاول ماڻهو ست رڃي طعامن ڏانهن به اک کڻي ڪونه نهاريندو. جنهن جي حرم ۾ هزارين سهڻيون زالون فالتو وينيون هونديون. ان کي ڪهڙي خبر ته پرديسي محبوب سان اوچتي ملاقات ڇا ٿيندي آهي؟

درحقيقت خوشيءَ جو ڪافي دارومدار ڏک تي آهي. سچو سک پيدا ئي ڏک مان ٿئي ٿو. ماءُ ڏک ڏسي ٻار ڄڻي ٿي، تڏهن ان کي ٻار ايڏي خوشي ڏئي ٿو. محبوب جي هڪڙي جهلڪ ان عاشق لاءِ خوشيءَ جو خزانو آهي، جنهن ان لاءِ ڪانگ اُڏايا ۽ فالون پاتيون آهن، تارا ڳڻيا ۽ راتين جون غلاميون ڪيون آهن.

ڏک سکن جي سونهن ، گهوريا سک ڏکن ري .

(لطيف)

رڳو لٺ ٻڌي سکن پنيان ڪاهجي پئبو ته اهي سک ٿري وڃي ۾ وڏا ڏک ۽ مصيبتون ٿي پوندا. ماڻهو ٻک نه ڪاٽي ۽ سچو ڏينهن وينو ڪائڻ جون لستون ونءِ،

جاڳي نہ رڳو ستو پيو هجي تہ جيڪر سندس ڪهڙو حال ٿئي؟ ڏک ئي سکن جي راهہ ڏيکارين ٿا ۽ انهن کي پيدا ڪن ٿا.

ڏيکاريس ڏکن، گوندر گس پرينءَ جو. (شاهہ)

ڪي ڪي ڏک تہ اهڙا بہ آهن. جو ماڻهو هزارين سک انهن تان قربان ڪري ڇڏي. ماءُ کي تہ پيلا ڇئجي تہ تون هرويرو پاڻ کي اوجاڳا نہ ڏي، ڇڏ تہ ٻار پلي پيو رڙيون ڪري، صبح جو آرام سان اٿي خبر ونجانس! جي عاشق کي ڇئجي تہ ”ميان! ڇو ٿو اجايو آزار ۾ پئين! ڇڏ تہ پرائي ڌيءَ پلي پرڻجي وڃي. تون آرام سان گهر ۾ ويهي آرام ڪر!“ تہ جيڪر ڪهڙو جواب ڏئي؟ ڪڏهن ماڻهو سؤ سک عيوض ۾ ڏيئي، زندگيءَ جي بازار مان هڪڙو وڏو ڏک بہ خريد ڪندو آهي. چاهي اهو ذاتي هجي يا طبقاتي ۽ قومي يا عام انساني.

سوَ سکن ڏيئي، وِرهہ وهايم هيڪڙو. (شاهہ)

ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي. ڏک ۽ درد ئي علاج پيدا ڪندا آهن. طبيب ۽ ڊاڪٽر تيار ڪندا آهن. ڏک ئي نہ هجي تہ علاج ڇا جو؟

جان جان ناهہ ضرور، تان تان طبيب ناهہ ڪو،
جو سو سَرئو سور، تہ ڪر ويج ور پيو.
(شاهہ)

(جيسين ضرورت ڪانهي، تيسين طبيب ڪونهي. سور حاصل ٿيو معنيٰ ڇڻ تہ ان جو علاج ڪرڻ وارو ويج يا طبيب هٿ اچي ويو!)

## خوشي رڳو خوراڪ ڪانهي!

چوندا آهن تہ 'خوشيءَ جهڙي خوراڪ ڪانهي. ڏک ۽ ڳڻتيءَ جهڙو مرض ڪونهي.' ٻين پهاڪن ۽ چوڻين وانگر هي پهاڪو بہ فقط جزوي طرح صحيح آهي. هن ۾ بہ ٻين وانگر هڪ طرفائيءَ وڏاءُ ڪان ڪم ورتو ويو آهي. خوشي برابر ماڻهوءَ کي طاقت ڏئي ٿي ۽ ڏک ڪمزور ڪري ٿو. پر هر وقت نہ، ۽ سدائين لاءِ نہ، محرومي ۽ ڏک ڪجهہ عرصي کان پوءِ محروم ۽ ڏکويل ماڻهن، قومن ۽ طبقن ۾ ڪيترين ڪمزورين سان گڏ سهپ، جفاڪشيءَ، دورانديشيءَ، بي خوفيءَ ۽ قربانيءَ جون قوتون بہ پيدا ڪري

ٿو. سکين ماڻهن، طبقن ۽ قومن کان اهي ڳالهيون آهستي آهستي ڪري نيٺ موڪلايو وڃن. ان ڪري نيٺ ڪنهن ڏينهن محروم ۽ ڏکيا ماڻهو، قومون ۽ طبقا سکين کان زور ٿيو وڃن. سندن ڏک سکن ۾ بدلجيو وڃن.

## ڏک تخليق ڪندڙ ۽ اڏيندڙ به آهي!

ڏک رڳو ڍاهيندڙ ۽ ناس ڪندڙ نه پر ڪيترين حالتن ۾ اڏيندڙ ۽ تخليق ڪندڙ به آهي. هر عظيم ۽ پياري شيءِ ۽ ڳالهه، مسئلن ۽ مونجهارن، ڏکن ۽ پيڙائن سان مقابلي ۽ ويڙهه مان پيدا ٿي آهي. ڏک انسانيت جا گهڻا اعليٰ ترين گڻ پيدا ڪن ٿا. انسان ۽ انسان جي وچ ۾ ويجهي ۾ ويجها ناتا، گڏيل ڏک، گڏيل پيڙائون پيدا ڪن ٿيون. ماڻهوءَ جي آزمائش سکن ۾ نه، ڏکن ۾ ٿئي ٿي. ڏک ۽ پيڙائون ئي انسانن کي صحيح معنيٰ ۾ انسان بنائين ٿا.

دنيا جا پياري ۾ پيارا، املهه ۾ املهه ماڻهو ڏکن ۽ پيڙائن جي اوڙاهن جهاڳڻ وارا ماڻهو ٿيا آهن. الجزائر، ويٽنام، روس، چين، فلسطين، جي آزاديءَ جي پروانن ۾ زمان، مڪان ۽ مرتبي جي هر فرق جي باوجود، هڪ ڳالهه ساڳي آهي. انهن سمورن سکن سان سڱ ڇڏي، ڏکن سان پاند اڙايو هو ۽ انهن سان مقابلو ڪيو هو.

سورن سانڍياس ، پورن پالي آهيان،
جُکس آءٌ هياس، کا گُري گوندر ول جي. (شاهه)

## مايوسي قطعي ۽ آخري جذبو ڪونهي!

ڏک جو ردعمل رڳو مايوسي ڪانهي. ڏک ڪاوڙ ۽ بدلي، جدوجهد ۽ ويڙهه جا جذبا، سورهيائي ۽ قربانيءَ جا جذبا به پيدا ڪري ٿو. خود مايوسي به ڪو قطعي، آخري، تبديل نه ٿيندڙ ۽ دائمي احساس ڪونهي. مايوسي ڪجهه وقت کان پوءِ بدلجي اميد به ٿي سگهي ٿي. اها ڦري ڪاوڙ ۽ مقابلي جو جذبو به ٿي سگهي ٿو. احساس ۽ سمجهه جي سفر ۾ مايوسي هڪ قدرتي منزل آهي، پر اها آخري منزل ڪانهي. ماڻهن، طبقن ۽ قومن جي زندگيءَ ۾ مايوسين جون ڪئين ڀاڻ اونداهيون راتيون اچن ٿيون ۽ اميدن جي سياڻن صبحن کي جنم ڏيئي گم ٿيو وڃن. ڪڏهن ڪڏهن اهي راتيون سڀ کان اونداهيون ان وقت نظر اينديون آهن جڏهن پرهه جي ڦُٽڻ ۾ باقي ڪي گهڙيون هونديون آهن!

انسان جي انفرادي ٿوڙي گڏيل زندگيءَ جو سفر لاهين چاڙهين ۽ ورن وڪڙن جي باوجود، بنيادي طرح، ڏکن ۽ مايوسين کان سوين ۽ خوشين ڏانهن سفر آهي.

جمڻ مهل ماءُ جي اذيت پريل دانهن ۽ ٻار جي رڙين کان ماءُ جي ڪڇ ۾ ٻار جي معصوم ٽهڪڙن ۽ ماءُ جي چهري تي مرڪن جي ست رنگي اندلنن تڙي پوڻ تائين سفر، غلام انقلابي اسپارٽئڪس جي دليرانه بغاوت ۽ ان جي حيوانيت سان ڪچلئي وڃڻ کان وني، امريڪا ۾ غلامدارن جي خلاف بغاوت جي ڪچلئي وڃڻ ۽ غلامن جي آزاد ٿيڻ جو سفر، بنو هاشم جي مکي مان نيڪالي ۽ سندن قريش سرمايہ دارن طرفان حُقي پاٽي بند ٿيڻ کان وني، مکي جي فتح تائين جو سفر. روس ۾ 1905ع جي انقلاب جي ڪچلئي وڃڻ کان عظيم آڪٽوبر انقلاب جي شاندار ڪاميابيءَ تائين جو سفر. شانگهائيءَ ۾ چيانگ ڪائي شيڪ طرفان 1927ع ۾ دغا سان انقلابين جي قتلام ڪرائڻ کان 1949ع ۾ چيني انقلاب جي ڌرتي ڌوڏيندڙ فتح تائين جو سفر، ويٽنام ۾ 1933ع جي پورهيت بغاوت جي ڪچلئي وڃڻ کان پوءِ ڊين بين ڦو جي عظيم فتح ۽ 1975ع واري سڄي ملڪ جي آزاديءَ جي جنگ ۾ زبردست سوڀ تائين جو سفر وغيره وغيره ـــ ڏکن ۽ مايوسين کان سوين ۽ خوشين ڏانهن عالمي تاريخي سفر جي راهه ۾ جيڪي لکين حد نشان آهن، انهن مان ڪي ٿورا حد نشان اِهي آهن.

# انسان ذات مجموعي طرح بدنصيب نہ پر خوش نصيب آهي-

نہ رڳو انسان جي تاريخ بلڪ هن ڌرتيءَ جي ۽ هن پوريءَ ڪائنات جي تاريخ ان ڳالهه جو ثبوت آهي تہ انسان ذات مجموعي طرح بدنصيب نہ پر خوش نصيب آهي. سندس آئيندو اونداهو نہ پر روشن آهي. انسان کي پنهنجي مجموعي ۽ گڏيل مقدر بابت مايوس نہ پر بيحد آسائتو ۽ يقين سان پرپور هجڻ گهرجي. هر ڳالهه جي باوجود، ڪيس پنهنجي انسان هجڻ تي فخر ڪرڻ جو حق آهي. مڪمل تباهيءَ جي خطرن جي باوجود، هي دور انسان ذات جي زوال نہ پر اوسر جو دور آهي. سندس جوين ختم نہ ٿيو آهي. اهو اجا هاڻ اچڻ وارو آهي. هيسيتائين انسان جي ٻالپڻ جو دور هلي رهيو هو. پلا انسان جي وسهڻ ۽ تصور کان ٻاهر حيرت انگيز خوش نصيبيءَ تي ويچار تہ ڪريو!

ڪائنات جا ڄاڻو سائنسدان، بي پناهه طاقت رکندڙ ريڊيائي رسدگاهن وسيلي ڪائنات ۾ اِها تلاش ڪري رهيا آهن تہ ڌرتيءَ جهڙو ڪو ٻيو اهڙو گرهه بہ آهي جتي ساهوارا هجن. ڪجهه سال اڳ تائين روس جي گورڪي شهر واري ريڊيائي رسدگاهه جي

سربراهه پروفيسر وسيو ولود ترائتسڪيءَ چيو هو تہ ”اسان ڌرتيءَ جي چوڌاري خلا ۾ 16 نوري سالن جي پنڌ تائين تپاس ڪئي آهي تہ اُتي ڪوبہ ڌرتيءَ جهڙو اهڙو ٻيو خوش نصيب گرهه ڪونهي جتي انسان تہ ڇڏيو ڪو بہ ڪو ساهوارو هجي. ڪائنات جي انهيءَ پٽ ۾ اسان جي سج جهڙا هزارين ٻيا سج آهن. انهن مان ڪيترن سجن ڪي پنهنجا پنهنجا گرهه آهن. پر انهن هزارين ڌرتيءَ جهڙن گرهن مان ڪنهن جي بہ ڪک سائي ڪانهي.“ اسان جو تارو جنهن جو نالو اسان سج رکيو آهي، سو ڪو اهڙو وڏو تارو بہ ڪونهي. اهو هڪڙو ٻئي ٽئي درجي جو نهايت معمولي تارو آهي، ۽ اسان جي ڪهڪشان جي هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ پيل آهي. پر ڪائنات جي اسان واري اربين ضربيان اربين ضربيان اربين ميلن جي علائقي ۾ فقط اسان وارو تارو (سج) ئي هڪڙو اهڙو گرهه رکي ٿو جنهن تي زندگي آهي! تنهن ڪان پوءِ سج جو گرهه رکو ڌرتي ڪانهي، ٻيا بہ آهن. زحل آهي، مشتري آهي، مريخ آهي، وغيره. انهن مان ڪي تمام وڏا آهن ۽ ڪئين ڪئين چنڊ رکن ٿا. پر زندگي اسان جي ننڍڙي گهر يعني ڌرتيءَ تي ئي پيدا ٿي ۽ نہ ڪنهن بہ ٻئي گرهه تي! اسين فقط هن ئي خاص ننڍڙي گرهه ٻدران ٻين هزارين سجن جي لکين گرهن مان ڪنهن بہ ٻئي گرهه تي هجون ها تہ يا تہ بي جان پٿر هجون ها يا ڪنهن ٻئي ڌاتوءَ جا ٽڪرا!

اسان واري تاري يعني سج جي بہ ڌرتيءَ ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي گرهه تي هجون ها تہ بہ اهي ئي پٿر يا ڪجهه ٻيا بي جان ٽڪرا هجون ها. اسان جو بخت ڏسو جو ڪروڙين اربين گرهن مان هن اڻ لڀ ۽ بي مثال اڪيلي گرهه ڌرتيءَ تي پيدا ٿيا آهيون ۽ سو بہ پٿر، لوهه جا ٽڪرا بنجي نہ، ساهوارا بنجي ۽ ساهوارن ۾ بہ مانگرمڇ، ڏيڏر، لومڙ، ڪچون يا جيت جڻيا بنجي نہ، انسان بنجي!

حساب لڳايو اٿن تہ ڪائنات اٽڪل 30 ارب سال يعني ٽي هزار ڪروڙ سال اڳ ڦهلجڻ شروع ڪيو. ان 30 ارب سالن جي عرصي جي پنجن حصن ۾ اسان جو تارو، سج، دنيا ۾ هو ئي ڪونہ. اهو ڦهلجندڙ ڪائنات جي ڪل عمر جي پوئين ڇهين حصي ۾، اٽڪل 5 ارب سال اڳ پيدا ٿيو آهي. انهن پنج ارب سالن جي پهرين ٻن پٽين ۾ يعني 2 ارب سالن تائين اسان جي ڌرتيءَ جو وجود ڪونہ هو. اها اٽڪل 3 ارب سال يعني ٽي سو ڪروڙ سال اڳ وجود ۾ آئي.

ڌرتيءَ جو سيني ڪان بزرگ يا سينئر ساهوارو انسان ناهي، ٻيا آهن. پٿر جي دور جو انسان 10 لک سال اڳ ڌرتيءَ تي موجود هو. پر هو جڻ نووارد هو. چو تہ ڪير ڏيندڙ

جانور ڪائنس ڏيڍ ڪروڙ سال اڳ ۽ مچيون ڪائنس 30 ڪروڙ سال اڳ ڌرتيءَ تي موجود هيون!

دنيا لازمي طرح ۽ اٿل نموني ترقي ڪري رهي آهي. ”ڪين“ مان ”ڪي“ بلڪ تمام گهڻو ”ڪي“ پيو ٿئي. اسان ڏسون ٿا ته اربين سال سج جو اٿاهه پاڙو زندگيءَ کان خالي ۽ ويران هو. پوءِ ڌرتي پيدا ٿي. اتي به سوين ڪروڙ سال زندگيءَ جو ڪوبه آثار ڪونه هو. پوءِ نيٺ زندگي پيدا ٿي — پر وڻن ٽڻن جي صورت ۾. جڏهن جانور پيدا ٿيا تڏهن به ڪروڙين سال ڌرتيءَ جون مالڪ اهڙيون اجگر بلائون هيون جن کي پنهنجي ٻچن جي سنڀال ۽ پرگهور جي به ساڃاهه ڪانه هئي. ماڻهو پيدا ٿيو ته اهو به پهرين وحشي آدمخور قسم جو هو. انهن ڀيانڪ ۽ وحشي جانورن جهڙن ماڻهن مان ترقي ڪري ماڻهو ماڻهو ٿيو ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ اسپارٽئڪس، قلوپطره، گوتم ٻڌ، موسىٰ، عيسىٰؑ محمدﷺ ارسطو، بوعلي سينا، نيوٽن، گئليلو، لطيف، شيڪسپيئر، اينسٽائين، مارڪس، اينجلس، لينن، مائو، هوچي منهه، ميران ٻائي، قرة العين طاهره ۽ لتا منگيشڪر جهڙا ماڻهو پيدا ٿيا.

تنهن ڪان پوءِ هيءَ ته اڃا مس شروعات آهي! انسان کي نئين دور جو انسان ٿئي 25 هزار سال مس ٿيا آهن. ان عرصي ۾ 20 هزار سالن تائين جي سنڌس ڪابه تاريخ ڪانه ٿي ڏسجي. سنڌس تاريخ پنج هزار سالن کان شروع ٿئي ٿي. اهو پنج هزار سالن جو عرصو پورهيت عوام گهڻي ڀاڱي غلامدارن، جاگيردارن ۽ سرمايه دارن جا غلام رهيا آهن. دنيا جو پهريون پورهيت سماجي انقلاب فقط 64 ـ 65 سال اڳ آيو آهي ۽ اڃا دنيا جي فقط ٿئي حصي ۾ پورهيت گهڻائيءَ جو اقتدار قائم ٿيو آهي. ڌرتيءَ تي صحيح انساني دور تڏهن شروع ٿيندو جڏهن سڄيءَ دنيا تي پورهيت عوام يعني انساني اڪثريت جو راڄ قائم ٿي ويندو. اڃا ته ٿورو ۽ ظالم ٽولن جي اڳيان اربين عوام جي بي وسيءَ ۽ مجبوريءَ جو دور ختم نه ٿيو آهي. جڏهن اهو دور ختم ٿيندو تڏهن ئي انسان ذات پنهنجي جوانيءَ ۾ قدم رکندي ۽ صحيح معنىٰ ۾ پنهنجي ترقيءَ جي سفر جو آغاز ڪري سگهندي.

## ڏتن جي ماڻيءَ مان سٽن جي مٽڻ جو ڏُکو!

جدوجهد ختم ٿيڻي ناهي. جڏهن ظالم ۽ مظلوم جي وچ ۾ جدوجهد ڪامياب ٿي ويندي ۽ طبقا ختم ٿي ويندا تڏهن به نئين ۽ پراڻي جي وچ ۾، صحيح ۽ وڌيڪ صحيح جي وچ ۾ جدوجهد جاري رهندي. ڏک ۽ سک ايندڙ دورن ۾ به هوندا. پر انهن جي

نوعيت بدليل هوندي. جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو تيئن تيئن انهن جو توازن بدلبو ويندو. اڄ ڏکن جي سڄي ماڻي ولوڙڻ سان سکن جي مکڻ جو دکو بہ مس ٿو نکري ۽ اهو بہ ڦورو ۽ ظالم اکثر چورايو ۽ ڦُريو کٽيو وڃن. ايندڙ دور ۾ ڏک جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ اعليٰ درجي جا هوندا. انهن مان سکن جو مکڻ جهجهو نکرندو ۽ انهن کي کير بہ اڄ وانگر شاهہ شاهوڪاريءَ چورائي يا ڦري ڪونہ سگهندو.

هر قسم جي محرومين، ڏکن ۽ تباهيءَ جي خطرن جي باوجود هي دور انسان ذات جي زوال جي مايوس ڳالهين جو نہ پر سندس اوسر ۽ عروج جي اميدن ۽ امنگن ڀريل ڳالهين جو آهي.

## باب پنجون

# زال ذات سان ڏيکاءُ واري همدردي

من حرامي تي حُجتان ڍير! (سرائڪي چوٽي)

آٽيو آب اکين ۾ ڏيھ کي ڏيکارين.... (لطيف)

رجعت پرست نظامن ۾ غلامداري، جاگيرداري توڙي سرمايہ داري نظامن انسانيت خلاف جيڪي زبردست تاريخي جرم ڪيا آهن تن ۾ هڪڙو وڏي ۾ وڏو جرم آهي عورت کي غلام رکڻ ۽ جنسي معاملن بابت ظالماڻو، منافقيءَ ۽ مڪر وارو پليت رويو قهلائڻ. انهن ڳالهين خلاف جدوجهد عوام جي ادب ۽ ثقافت جو اهم ۽ مقدس فرض آهي. اهو مسئلو ٻن مان هڪڙيءَ جنس جي يعني اڌ انسانيت جي غلاميءَ ۽ هڪ ظالماڻي ۽ منافقيءَ واري رجعت پرست روش جو مسئلو بہ آهي تہ ان سان گڏ ۽ ان کان وڌيڪ ڦورو ۽ ظالم نظامن جي ٻين گهڻن بنيادي مسئلن منجهان هڪ بنيادي مسئلو بہ آهي. ان جي حل لاءِ الڳ جدوجهد بہ ٿيڻي آهي تہ هن سميت سڀني مسئلن جي گڏيل بنيادي ۽ دائمي حل لاءِ گڏيل جدوجهد بہ ڪرڻي آهي، الڳ جدوجهد محدود هوندي. ان جا نتيجا بہ محدود هوندا. اها بہ ڪرڻي آهي ۽ ٻي بہ ڪرڻي آهي. مسئلي جو بنيادي حل ڪرڻو آهي.

## عورت جي ذلت، انسان ذات جي ذلت

عورت جي غلامي رڳو عورت جي غلامي، بدنصيبي ۽ ذلت ناهي. هڪ حد کان پوءِ اها عورت توڙي مرد ٻنهي جي غلامي، بدنصيبي ۽ ذلت آهي. اها هر غلام ماءُ جي پٽ، هر غلام ڀيڻ جي ڀاءُ، هر غلام محبوبہ جي عاشق، هر غلام زال جي مڙس ۽ هر غلام ڌيءَ جي پيءُ جي غلامي، بدنصيبي ۽ ذلت آهي. ان غلاميءَ خلاف مقدس جدوجهد ۾ رڳو عورت جي نہ پر مرد توڙي عورت، سموري عوام، سموريءَ انسان ذات جي نجات آهي.

سرمايہ داري، خاص ڪري هن دور جي رجعت پرست بنجي ويل زوال پذير سرمايہ داري، انسان ذات جي ان ازلي غلاميءَ، بدنصيبيءَ ۽ ذلت کي ڪرڙي، ڏوئي، ڏرتيءَ کي

ان کان پاڪ ڪرڻ جي جدوجهد ڪرڻ بدران ان جدوجهد کي روڪي ۽ تارپيڊو ڪري ٿي. چوته اها ڌرتي ڌوڌيندڙ جدوجهد جيڪا اڄ انسانيت جي جدوجهد ٿيندي، جيڪا دنيا جي هر پٽ جي ماءُ، هر پيءُ جي ڌيءَ، هر ڀاءُ جي ڀيڻ، هر عاشق جي محبوبه ۽ هر مڙس جي زال جي جدوجهد ٿيندي، سا جيڪڏهن واقعي صحيح نموني هلي ته اها هن زمين کي، ان جي تاريخ کي، ان جي ڦورو، ظالم، جنگجو، ڌاڙيل، رهزن ۽ قاتل سماجن ۽ نظامن کي زير زبر ڪري ڇڏيندي. دنيا جون مائون، ڌيون، ڀيڻيون، محبوبائون ۽ زالون سڄاڳ ٿي اٿي ڪڙيون ٿين ۽ پاڻ ۾ توڙي ٻين انسان دوستن سان ٻڌي ڪري، منظم ٿي، هڪ عالمي طاقت بنجي وڃن، ته ڇا هو موت جي سوداگرن کي عام تباهيءَ جا هٿيار تيار ڪرڻ ڏينديون؟ جنگيون ڪرڻ ڏينديون؟ پنهنجا پٽ، پيءُ، ڀائر، محبوب ۽ مڙس سرمايه دارن جي ٽجوڙين ڀرڻ لاءِ ڪهائڻ ڏينديون؟ موت ۽ تباهيءَ کي ڌرتيءَ جي تقدير بنجڻ ڏينديون؟ هرگز نه!

ان ڪري عوام دشمن سازش اها آهي ته عورت، جا ڌرتيءَ وانگر هر نيڪيءَ، قوت ۽ خير جو سرچشمو آهي، جيڪا زندگيءَ جي خالق ۽ ان جي محافظ آهي، جيڪا هن ڌرتيءَ جي تقدير لاءِ مرد کان وڌيڪ ذميوار آهي، ان کي فقط جنس جو مجسمو بنائبو. ان جي فقط جنسي محرومي، مظلوميت جي ڳالهه ڪبي، سا به ڪوشش ڪري، گندي، بيهودي، ٻچان ڏياريندڙ نموني. سندس زندگيءَ ۽ سندس مقدر جي مسئلن کي فقط جنس تائين محدود رکبو. جنسي مسئلو زبردست ۽ بنيادي جمهوري مسئلو آهي. ان جي صحيح نموني ڳالهه به لازمي ٿيڻ کپي ۽ زبردست نموني ٿيڻ گهرجي. پر اهو عورت جو اڪيلو مسئلو ۽ فقط عورت جو مسئلو ته ڪونهي. اهو ٻين کان الڳ ته ڪونهي. ان کي اڪيلي سر ٻين کان ڌار حل ته نٿو ڪري سگهجي. جيستائين قبائلي، سرداري ۽ جاگيرداري نظام قائم آهي، سرمايه داري ۽ سامراجي نظام قائم آهي، جيستائين انهن جي سماجي، اقتصادي، ثقافتي، نظرياتي ۽ سياسي نوٽڻ قائم آهي ۽ جيستائين سمورا عوام سندن مها چار ۾ قيد ۽ بيوس آهن، تيستائين ٻئي عوام وانگر عورت به هڪڙي غلاميءَ جي چار يعني جاگيرداري رسمن رواجن جي چار مان نڪرندي ته سرمايه داري ۽ سو به زوال پرست سرمايه داريءَ جي چار ۾ ڦاسندي. هوءَ مجموعي طرح هر حال ۾ غلام رهندي.

جڏهن عورتن ۽ مردن جي ڪوشش ۽ ويڙهه سان اهڙو نظام قائم ڪيو ويندو، جنهن ۾ سڀ عورتون اقتصادي طرح پنهنجي پيرن تي بيٺل هونديون، ڪنهن جون محتاج نه هونديون، ڪنهن جي ڪيسن ڦلورڻ، ڪنهن جي خوشامد ڪرڻ لاءِ مجبور نه

هونديون، اتي لٽي، گهر ۽ آبروءَ لاءِ ڪنهن جون محتاج نہ هونديون، جڏهن هو مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڌرتيءَ جون وارث ۽ مالڪ بڻبيون، تڏهن ئي غلامي ختم ٿيندي، نہ رڳو عورت جي پر سموري عوام جي، سموري انسانيت جي.

جيڪو ادب عورت کي رڳو هڪ جنس طور پيش ڪري ٿو ۽ سنڌس مسئلو فقط جنسي مسئلي تائين محدود رکي ٿو سو دوست جي ويس ۾ عورت جو دشمن ادب آهي. اهو جاگيردارن ۽ سرمايہ دارن جو چاڙتو ادب آهي.

## ٻوٽن مان شهرن ۾ اچڻ وارن جي پيڙا

هزارين سالن کان ڳوٺن مان ماڻهو شهرن ۾ ايندا رهندا آهن. هاڻ بہ اچن پيا. سياڻي بہ ايندا، ۽ پرينهن بہ. هر دور ۾ شروعات ۾ هو پاڻ کي نئين شهر ۾ اوپرو اوپرو، وائڙو وائڙو محسوس ڪن ٿا. پر پوءِ نهيو وڃن. نيٺ پراڻا شهري ٿيو وڃن. انهن جا مسئلا اهم آهن ۽ اهي حل ٿيڻ گهرجن، پر اهي اهڙا ڪي بنهہ اچرج ۾ وجهندڙ مسئلا ناهن، جي نہ ڪنهن سُئا نہ ٻڌا، ۽ جنهن لاءِ ڪو نئون برڙ باڪاس قسم جو ادب لازم ٿيو پوي، عالمي ادب صدين کان ڏڪارن، قتلامن، ٻوڏين، جنگين جي پيڙا جو اظهار پئي ڪيو آهي. اها ڪهڙي اهڙي انهن کان وڌي ازغيبي پيڙا آهي جنهن جو اظهار نہ ڪري سگهندو ۽ ان لاءِ ڪنهن عجوبہ روزگار جي خاص الخاص پيڙائي ادب جي ضرورت پئجي وڃي.

## پراڻا قدر ۽ ناتا ٽٽن ٿا تہ ٽٽڻ ڏيو!

چوندا آهن ”ـــ ڪُتِي، سهڪي ڏجاٽي! چو؟ چي ’مون کي نيپاج جو ساءُ!‘“ هي قصو اجان بہ اور آهي. هتي تہ مورڳو ”ـــ ڏجاٽِي، سهڪي ڪتي!“ وارو ڪم آهي!

پلا جيڪي اڳوٽا سماجي قديم ناتا ٽٽن پيا سي ڪهڙا آهن؟

اڳوٽا سماجي قدر ۽ ناتا ڪهڙا هئا؟ اهي سماجي طرح جاگيرداري، سرمايہ داري، سامراجي قدر ۽ ناتا هئا. ڳچ وقت تائين اهي بنيادي طرح ساڳيا رهڻا آهن. فرض ڪريو تہ اهي بدلجن پيا، ٽٽن پيا، پرن پيا. پر انهن تي ٽين دنيا جي عوام کي رنج ٿيڻ جو ۽ ماتم ڪرڻ جو ڪهڙو لاچار آهي؟ اهي عوام ڪهڙا يورپي ملڪيت وارا طبقا آهن جن وٽ سرمايہ داري نظام پهرين عروج تي هو ۽ جن ان جي وسيلي پنهنجي عوام ۽ سڄي دنيا جي عوام کي قري ماري ۽ لٽي موجون ماڻيون؟ اهي ڪهڙا جاگيردار، نواب، بادشاهہ ۽ سلطان آهن جن پراڻن جاگيرداري قدرن ۽ ناتن جي ذريعي خرمستيون ڪري عيش ٿي

ڪيا؟ انھن ڪي سرمايہ داري، جاگيرداري نظامن ڪھڙو پينگھن ۾ لوڏيو ھو جو ھو ويھي انھن جي زوال ۽ سنڌن قدرن ۽ ناتن جي ٽٽڻ تي پار ڪڍن؟ ھنن جون تہ انھن آدم خور نظامن ۽ سنڌن قدرن ۽ ناتن، پيڙھيون ڳاڙي ۽ سنڌن ڪلون لاھي ڇڏيون!

## ڪا اِٽي، ڪو ڏونڪو؟

خاص ڪري ھندستان ۽ پاڪستان جي جديدين ڪان تہ ڪو ماڻھو ھجي جو پڇي تہ ”ميان اوھان جو انھن مردار نظامن ۾ ڪا اِٽي، ڪو ڏونڪو! اوھان جاگيردار، سرمايہ دار، سامراجي نظامن جا ماريل، ڪنل ماڻھو، اوھان ڪي انھن نظامن ڪھڙيون پڳون ٻڌايون آھن، جو انھن جي ڏک ۾ اوھان جو ھي پار جو نڪاءُ پيو پوي ۽ اڪين تان ڳوڙھو نٿو سُڪيوَ؟! اوھان جي تہ پاڻ خدا ٻڌي، جو اھي آدم خور نظام ۽ سنڌن قدر ۽ ناتا پنھنجي ڪُتيءَ مرن پيا! اوھان ڪي تہ پاڻ ڳھرجي تہ سڄي دنيا ۾ جيڪو نئون جاگيردار دشمن، سرمايہ دار دشمن ۽ سامراج دشمن، قومي عوامي جمھوري انقلابي نظام ڏاڪي بہ ڏاڪي اڏجي پيو، ان ۾ پھچ آھر ھٿ وجھايو. ان جي اُسرڻ نسرڻ، وڌڻ ويجھڻ جي آجيان ڪريو، خوش ٿيو، سرھايون ڪريو. اوھان ڪي وري محمد باقي يا محمد تغلق، تيمور يا نادرشاھ ۽ لارڊ ھيٽنگس جي راڄ جو شوق لڳو آھي ڇا، جو مٿي ۾ ڏوڙ وجھيو منھن مٿا پيا پٽيو؟!“

## ”ڇيھ ۾ ڇاٽي ڪو نہ، ڇپي آئون ٽھوٽ جي پڦي!“

انگريزن جي واريءَ ۾ ڪيترا ڪارا ھندستاني بہ گورن انگريزن جو نقل ڪندا ھئا ۽ ماڻھن تي پنھنجي صاحبلوڪيءَ جو رعب وجھندا ھئا. ماڻھو انھن ڪي ڪارا انگريز ڪوٺيندا ھئا. جيڪي ٽين دنيا جا اديب، يورپ ۽ امريڪا جي سرمايہ دار سامراج جي زوال تي ماتم ڪندڙ امريڪي، يورپي زوالي اديبن جو نقل ڪري، دنيا ۾ سرمايہ دار سامراجي قدرن ۽ ناتن جي ٽٽڻ جو ادبي ماتم پيا ڪن سي بہ ادب جا ڇڻ ڪارا انگريز آھن.

انگريزن جي دور ۾ ويچارن ديسي ڪارن ڪرستانن ڪي، پاڻ بابت، ڏاڍيون رحم جوڳيون خوش فھميون ھونديون ھيون. ڳالھ ڪندا آھن تہ لاھور ۾ انگريزن جي راڄ ۾ ھڪڙي پيري انگريزن خلاف مظاھرا ٿيا. ھڪڙي پنگياٽيءَ ٻيءَ کان پڇيو ”تُو ائی کی منگدے نیں؟“ ٻيءَ وراڻيو ”اے ساڈے کولوں آزادی پئے منگدے نیں تے اسی نیھوں دین

لڳ" ("ائي! هي چا تا گهرن؟" "هي پاڻ کان آزادي تا گهرن ۽ پاڻ کونہ تا ڏيونِ.") مطلب تہ ڀهارا هتن ۾، پر پاڻ کي گورن انگريزن جو شريڪ ۽ ملڪ جو مالڪ پيو سمجهجي! تئن ٽين دنيا ۾ ماڻهو موچڙن جي ويل ۾ ۽ هنن کي غم جاگيردارن ۽ سرمايہ دارن ۽ سامراجي قدرن ۽ ناتن جي ٽٽڻ جو!

## ٻوليءَ تي ڇا ٿيو آهي؟

چون ٿا تہ ٻولي اسان جي احساسن جو ڀرپور اظهار نٿي ڪري سگهي. ڪيئن ڪندي؟ ٻولي ماڻهوءَ کي اچي تہ ان کان ڪم بہ وٺي سگهي نہ! انساني ٻوليءَ ڪروڙين ڪتاب لکايا آهن. هزارين شعر، ڊراما، ناول، ڪهاڻيون، قصا وغيره ان ٻوليءَ ۾ لکيا ويا آهن. انهيءَ ٻوليءَ ۾ هومر، ڪاليداس، ورجل، دانتي، شيڪسپيئر، لطيف، گورڪيءَ ۽ ٻين پنهنجي ذات جو اظهار ڪيو آهي. ان ٻوليءَ ۾ ڪائنات جا ڪروڙين اسرار ڪاميابيءَ سان سمجهايا ويا آهن. سوين سائنسون ان ۾ نهايت چٽائيءَ ۽ صفائيءَ سان بيان ٿي چڪيون آهن. اينسٽائين انهيءَ انساني ٻوليءَ ذريعي پنهنجو تاريخ ساز اضافيت جو نظريو بيان ڪري ورتو.

هاڻ ٻوليءَ کي اوچتو ڇا ٿي ويو آهي جو هي جديديا حضرات ان ۾ پنهنجا خيال ظاهر ڪرڻ ۾ تڪليف محسوس ڪن ٿا؟ تنهن کان سواءِ هر ٻي شيءِ وانگر ٻولي بہ هر دور ۾ ارتقائي يا انقلابي ترقي ڪندي رهي ٿي، وڌندي ويجهندي رهي ٿي. هنن جديدي حضرات وٽ اهڙا ڪهڙا غيبي اسرار لڪل آهن، جن کي هو سدا وڌندڙ ويجهندڙ انسانيءَ ٻوليءَ جي مدد سان ظاهر ڪري نٿا سگهن؟

درحقيقت ٻوليءَ تي پورو عبور حاصل ڪرڻ محنت طلب ڪم آهي. ان لاءِ وڏيءَ جاڻ، وڏيءَ لياقت، وڏي ڪمال جي ضرورت آهي. جديدين جي هڪڙي سجاڳ اها آهي تہ هنن کي پنهنجي ٻولي نٿي اچي. هو خوبصورت، اثرائتي ۽ جاندار ٻولي تہ نهيو، صحيح ٻولي بہ لکي نٿا سگهن. اڪثر ڪري ان ڳالھ ۾ هو بلڪل ڇٽ ۽ جاهل آهن.

## پراڻا ادبي ۽ فني قدر ۽ ٽيڪنيڪ ٽٽن پيا!

برابر ٽٽن پيا. پر رڳو ٽٽن ڪونہ پيا، بدلجن، ٺهن ۽ جُڙن بہ پيا. اهو سلسلو شروع کان وٺي هليو اچي ۽ هلندو رهندو. ان ۾ ڪابہ اهڙي ڳالھ ڪانهي جيڪا بلڪل اهڙي ٻنھ نئين هجي، جو ان لاءِ آسمان مان ڪنهن ٻنھ هوائي ادب جي نازل ٿيڻ جي ضرورت

پوي. ادب ۾ ان جي ٽيڪنيڪ ۾ نوان عنصر سدائين شامل ٿيندا رهيا آهن ۽ ٿيندا رهندا. پر هيئن نہ تہ اڳوٽي هر ڳالھ رد ۽ سماج سان سمورا رشتا غائب.

## ماڻھو اسان جي ڳالھ سمجھي نہ سگھندا!

ماڻھو ڇونہ سمجھي سگھندا؟ آخر ماڻھو ڪجھ نہ ڪجھ ارسطو، بوعلي سينا، گئليلو، مارڪس، اينسٽائين، شيڪسپيئر، رومي ۽ لطيف کي بہ سمجھي ويا. ماڻھو ڪائنات جا ڪئين قانون ۽ راز بہ سمجھي ويا. مادي جا ايٽم بم جا، ڪوائٽم نظريي جا، خلا جا، خلا ۾ سمايل مقناطيسي برقي لهرن جا. اهڙو سمجھي ويا جو ڪائنات کي فتح ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو اٿن. ماڻھو چنڊ تي پهچي ويا آهن. سمنڊن جي پاتالن ۾ پهچي ويا آهن. هتان نشانو تا ڇتين تہ نڪ وجيو مريخ کي لڳي! ماڻھو هزارين سال اڳ جون بابلي، ايسري ۽ مصري لکيتون پڙهي ويا آهن. موهن جي دڙي جي لکيتن کي لڳا پيا آهن.

اهي ماڻھو هنن جي لکيت ڇو نہ سمجھندا؟ هي ڪي زحل ۽ مشتري يا ستاري الفاسينٽاري جي مخلوق تہ ناهن جو هنن جون لکيتون ماڻھن کي سمجھ ۾ نہ اچن؟ پر پريان ڪا سمجھڻ جهڙي ڳالھ بہ تہ هجي!

## ڪنھن معنيٰ مطلب سان واسطو ڪونهي!

پر هنن جو ڪنھن بہ معنيٰ مطلب سان واسطو ڪونهي. هنن کي پنھنجيون بي مثال صلاحيتون، معنيٰ ۽ مطلب جهڙي خسيس ڳالھ تي زيان ڪرڻيون ڪونهن! هنن کي ”نئون“، ”جوان سال“، ”پنھنجي ذات سان سچو“، ”اندر جي پيڙا ۾ پچندڙ“، ”صليب ڪلهن تي کڻي، ٻاٻرن ڪنڊن تي هلندڙ“، ”پور پور ٿيندڙ“ ۽ ”ٽٽندڙ پڪڙجندڙ ذات وارو“ جغادري مها اديب ٿيڻو آهي، چرچي جي ڳالھ تہ ڪانهي! مطلب ۽ معنيٰ جيترو گهٽ، اوترو چڱو! اوتري لکيت وڏيڪ علامتي ۽ خيالي ٿيندي. مطلب ۽ معنيٰ ٻنھ نہ هجي تہ اهڙي ڳالھ ڪا ٻي! لکيت نسوري علامت، علامت جي بہ علامت هجي ۽ مٿان جي ان ۾ پڙهندڙ کي ٻنھ مت مان ڪڍي چتو ڪري، ڪانئس گونھ داقائڻ جو مصالحو بہ پيل هجي تہ پوءِ جڻ کير ۾ ڪنڊ پئجي ويئي! ”نئين“ ادب جو بي مثال شاهڪار تيار ٿي ويو! آسپاس جا ڪئين نقاد ۽ پٽن پوٽن وارا ”جوان سال اديب“ نئين مها اديب جي چرنن ۾ سيس نوائڻ لاءِ اچي ڳاهٽ ٿيندا. سندس شاهڪار ۾ لڪل عظيم علامتي ڳجھارتن جون سوين پيچٽيون ۽ روحاني راز پيش ٿي ويندا. ڪو چوندو ”پيڙهي وچوٽيءَ جي علامت

آھي.“ ڪو چوندو ”نراس سچائيءَ جي علامت آھي.“ تہ ڪو چوندو ”نہ، نراس سچائيءَ جي علامت نہ، سچيءَ نراسائيءَ جي ڳجھارت آھي.“ مطلب تہ جيترا ڏند ڏاڙھون وجائي وينل، ڏاڏي آدم جي واريءَ جا ”نوان“ نقاد، اوتريون، منھن جي پڪائيءَ ۽ جاھل ۽ ڪوڪليءَ لفاظيءَ واريون تاويلون.

ننڍي ھوندي ہن ٻڌل جو قصو پڙھيو ھئوسين، جن بادشاھ ڪي چيو ھو تہ اسان توڪي سونيءَ تار مان اُٽيل اھڙا حيرت انگيز ڪپڙا پارايا آھن جن ڪي ڪوبہ بيوقوف يا تنھنجو ويري ڏسي ڪونہ سگھندو. اھڙيءَ طرح بادشاھ ڪي اُگھاڙو ئي اگھاڙو، گھوڙي تي چاڙھي، ڪٽي سندس شھر ۾ جلوس ڪيداراياٿون. ڪنھن ڪي بادشاھ جي نظر ۾ بي وقوف ۽ ويري تہ ٿيڻو ڪونہ ھو! سو سڄو شھر واھ واھ ڪرڻ ۾ لڳي ويو. آخر ھڪڙي ٻار وٺي رڙ ڪئي ”اڙي بادشاھ اُگھاڙو!“ ”ڙي بادشاھ اُگھاڙو!“ تڏھن وڃي ٻڌڻي ظاھر ٿي.

سو ھي بہ پنھنجيءَ پر ۾ سونيءَ تار مان اُٽيل حيرت جھڙو ادبي لباس اوڍيو وينا آھن. ڪير چوي شينھن ڪي تہ مون ڪي کاءُ! ڪير چوي ”بادشاھ اگھاڙو!؟“

## ماڻھو سمجھن نہ سمجھن، پسند ڪن نہ ڪن، اسان جو واسطو ڪونھي، اسين پنھنجا نقاد پاڻ آھيون.

چالاڪيءَ جي بہ ڪا حد ھجي! پنھنجا شاھڪار بہ لکٽا آھن، ڇپائٽا بہ آھن، شھر شھر پھچائٽا بہ آھن. انھن جون تعريفون بہ ڪرائٽيون آھن، مھا نئون اديب بہ سڏائٽو آھي. پر جي ڪو وات مان اکر ڪيدي تہ ”بيلي، ڏاھا ٿيو! ھن ۾ ادب جي پائي ڪھڙي ڳالھہ آھي؟“ تہ ھڪدم اکيون ڦوٽاري چئبو ”اسان اوھان لاءِ نہ لکيو آھي، اوھان ڪي سمجھہ ۾ بہ ڪونہ ايندو. اچي نہ اچي، اسين بدل ناھيون. اسين پنھنجا نقاد پاڻ آھيون.“

مطلب تہ ماڻھو داد ڏين تہ سبحان اللہ! پر جي سوال جواب ڪن تہ ”ماڻھن جو اسان سان واسطوئي ڪونھي!“

ڀلا جي ماڻھو اعليٰ ادب سمجھي بہ نٿا سگھن، انھن لاءِ آھي بہ ڪونہ، انھن جي راءِ ڪي ڪوبہ وزن ڪونھي، تہ پوءِ آخر پنھنجي خيالن ڪي لکڻ جي تڪليف ڪرڻ جو ضرور ڪھڙو؟

لکڻ تہ آخر ڪنھن نہ ڪنھن جي سمجھڻ يا ان ڪي سمجھائڻ لاءِ ھوندو آھي! چونہ اھي اڻ لبي خيال دماغ ۾ ويچاري، دماغ ۾ ئي سانڍي رکي ڇڏجن؟ ھيڏي تڪليف ڪري پني تي لکڻ جو ڪھڙو ضرور؟ پر جي ھرويرو لکڻ بنان رھي نہ سگھجي، تہ پاڻ پڙھي

ڦاڙي چڏجي يا وڌ ۾ وڌ پاڻ وٽ سوگھو ڪري رکي چڏجي ۽ جڏھن وٽي تڏھن پيو پڙھجي. ان ڪي ھرويرو ڇپائڻ جو ڪھڙو ضرور؟ بازار ۾ آڻڻ ۽ عام ماڻھن ۾ وڪڻڻ جو ڪھڙو ضرور؟

## ھي دور اسان جي تخليق جي عظمت جو فيصلو نٿو ڪري سگھي!

برابر ڪي ماڻھو، ڪي فنڪار اھڙا بہ آھن جن جي تخليق جي سموريءَ عظمت ڪي ڪو ھڪڙو نسل، ڪو ھڪڙو دور يا ڪا ھڪڙي اڌ صدي مڪمل طرح پروڙي نٿي سگھي. ڪيئي اھڙا بہ ٿي گذريا آھن جن ڪي سندن زماني جي وڏن پڳڙن مرڳو ڌڪاري ڇڏيو. سندن ڳالھ مرڳو سمجھي ئي ڪانہ. پر انھن مان اڪثر، انھيءَ جي باوجود، پنھنجي دور جي عوام جي عدالت ۾ پيش ٿيا. صحيح يا غلط، انھن جي راءِ ٻڌائون ۽ سَنائون. ائين ڪنھن بہ ڪونہ چيو تہ ”ماڻھو مون ڪي سمجھي ڪونہ سگھندا. ماڻھن جو مون ۾ ڪجھ بہ ڪونہ وجي. مون ڪان پڇي پري ٿيو!“ نہ ڪاليداس ائين چيو، نہ ھومر، نہ سئفو، نہ ميران، نہ شيڪسپيئر، نہ لطيف، نہ ٽالسٽاءِ، نہ گورڪيءَ يا ڪنھن ٻئي اھڙي.

تنھن ڪان سواءِ عظيم فنڪارن، جي ناجائز ملامت سني آھي تہ اڪثر ڦورو، ظالم طبقن ۽ سندن ادبي ۽ ثقافتي ڪمدارن ھٿان. ھيءُ ادب تہ دنيا جي سرمايہ دار سامراجي طبقي جي عين منشا ۽ مرضيءَ مطابق آھي. انھن جو ئي خادم آھي. انھن جو ئي ڪم ڪري ٿو. مڪاني حاڪم طبقي ڪي بہ ھن ادب مان اڻ سڌو نفعو! نقصان ڇا جو؟ ماڻھن ڪي ادب جي نالي ۾ نااميديءَ ۽ مايوسيءَ جو چرس ۽ گانجو پياري، ٻتال ڪرڻ واري ادب ڪان وڌيڪ حاڪم طبقن جو ھينئين نار ادب ٻيو اجا ڪھڙو ٿيندو؟ اھڙي ادب ڪي زماني مان ٻيو ڪھڙو ڊپ ڊاءُ؟

پر حال اھو آھي، جو ڪنھن ڪڪڙ جي آني مان ڦٽي ”چيون!“ ”چيون!“ مس شروع ڪئي، تہ ھن لاءِ ھڪدم ماڻھو ٿيو وجن جاھل ۽ سڄي نسل جو نسل ۽ دور جو دور ٿيو پوي ھن جي عظيم وللي واويلائي فن بابت ڪا راءِ ڏيڻ لاءِ نااھل! تنقيد جا دروازا بند! ادب ڪي پرکڻ جون سموريون ڪسوٽيون رد ۽ باطل! ”مين جو آڪيا گابا سو گابي ڪِوين ٿيسي؟“ جي ھي عوام لاءِ چون ٿا تہ عوام جي اڪثريت ڪين ۽ سندن فن ڪي سمجھي نٿي سگھي ۽ سندن عوام سان ۽ اُنھن جي پسند ناپسند سان واسطو ئي ڪونھي، تہ ڇا عوام ڪي اھو حق ڪونھي تہ ھو بہ چون تہ ”اي ادب جي مسند جا عالي مقامو! جيئن تہ اوھين بہ اسان ڪي ۽ اسان جي ڏکن دردن ڪي سمجھي نٿا سگھو،

تنهنڪري اوهين به اسان جي ڪم جا ناهيو! اوهين به اسان ڪي ڪونه ڪپو! ڪٿي وڃو اسان جي اڳيان هي پنهنجا ڪوڙا ۽ جڙتو دفتر ۽ بند ڪريو اسان جي اڳيان هي اجايون وللون ۽ ڪچِيون؟"

## "عوام تي نفعو ٿئي يا نقصان اسين پڙل ناهيون!"

عام طرح هرڪو ماڻهو بنيادي طرح پنهنجي فائدي لاءِ ڪم ڪري ٿو. پر ڪي جيري ڪارڻ پڪري ڪهن ٿا، ڪي نه. چرش ۽ گانجو وڪڻندڙ، سمگل ڪندڙ، ڪوڙيون دوائون وڪڻندڙ، پار اغوا ڪندڙ، بلئڪ مارڪيٽر، ذخيره اندوز، رشوت خور ڪامورا ۽ ظالم حڪمران طبقا، ملاوت ڪندڙ، سڀ ائين سوچن ٿا ته "اسان جو ڪم پنهنجي فائدي سان. ان مان پئي جو نفعو ٿئي يا نقصان، اسان جو واسطو ڪونهي." ادب جي ميدان ۾ به ڪن ماڻهن جي سوچ اها آهي. ادب جي ميدان ۾ عوام جي مفادن ڏانهن لاتعلقيءَ ۽ لاپرواهيءَ جو، جنس پرستيءَ، ماراماريءَ، دهشت انگيزيءَ، خود پرستيءَ، لالچ، عوام دشمنيءَ، مايوسيءَ ۽ بزدليءَ جو سڌو يا اڻ سڌو پرچار ڪندڙ اديبن يا فنڪارن لاءِ به عوام جو رويو اهو ئي رهڻ گهرجي جهڙو پار اغوا ڪندڙن، بلئڪ مارڪيٽرن، ذخيره اندوزن وغيره لاءِ. اهي سڀ عوام جا مجرم آهن. جن ڪي عوام جي ڀلي جو خيال ڪونهي، جيڪي عوام جي مفادن بابت لاتعلق ۽ لاپرواهه بڻجي ٿا وڃن، تن سان عوام جو سلوڪ به اُهڙو ئي هئڻ گهرجي.

## هي لاتعلق هرگز ڪونهن!

پر هي عوام ڏانهن لاتعلق ناهن. فقط اهڙو ڍونگ رچائين ٿا. هنن جو عوام جي مفادن ۽ نفعن ۽ نقصانن سان گهرو واسطو آهي. عوام جي دشمنن جو چاڙتو ادب پنهنجي شڪار يعني عوام تي هردم ڪرڙي نظر رکيو وينو آهي. سندس ڊيوٽي ئي اها آهي ته عوام کي ڪيئن وڏ ۾ وڏ نقصان رسائي، پنهنجي آقائن يعني عوام دشمن حاڪم طبقن وٽ سرخرو ٿئي.

نام نهاد "نئون" ادب قسمين قسمين رنگن ۽ روپن ۾ ۽ طرحين طرحين نموني سان آقائن جي خدمت ۽ دنيا جي عوام سان دشمني پيو ڪري.

# عوام جي حمايت ۽ عوام دشمنن جي مخالفت ڪندڙ ادب خلاف خونخوار جنگ

عوام جي خدمت ڪندڙ ادب عوام جي دشمنن خلاف سڄي دنيا جي ڪروڙين ڦريل ماريل انقلابي ماڻهن جي ذهنن ۾ ڇوٽڪاري ۽ آزادي ۽ خوشحاليءَ جا، جدوجهد ۽ ويڙهه جي پختن ارادن، سورهيائيءَ ۽ قربانيءَ جي حوصلن جا بم بارود پيو رکي. هي "نئون" ادب ڊوڙ ڪريو انهن بمن جا فيوز اڏايو ڇڏي. هي ماڻهن کي جنس پرستيءَ، مايوسيءَ، بزدليءَ، خود لذتيءَ، خود قياسيءَ ۽ خود پرستيءَ جا چريا ڏاتورا پياريو، ڪين مت مان ڪڍيو، سندن ڌيان مٿين ڳالهين تان هٽايو ڇڏي.

## اصل مسئلن تان ڌيان هٽائڻ

پيڙهي وڇوٽي، انسان جا ذاتي مونجهارا، جنسي مسئلا وغيره انساني مسئلا آهن. پر اهي بنيادي مسئلن جي پيداوار آهن، خود بنيادي ڪان بنيادي مسئلا ناهن. بنيادي ڪان بنيادي مسئلا هڪ ڦورو ۽ ظالم سماجي نظام ۾ عوام جي ڦرلٽ ۽ غلاميءَ جا پيدا ڪيل مسئلا آهن. جي سماجي نظام تو بدلجي ۽ اهي مسئلا حل ٿا ٿين، ته پيڙهي وڇوٽي ماڻهن کي ڦان ڪانه ڪري ڇڏيندي.

ماڻهو سڄاڳ، متحد، منظم ۽ سرگرم هوندا ته فرد جي اڪيلائپ ۽ وائڙپ جو علاج به ٿي پوندو ته جنسي منافقيءَ ۽ مڪاريءَ جو به. اصل بيماري ٿي بي آهي. مٿي جو سور نه. اهو ته ان جو اثر آهي. هي اصل مرض کي جيئن جو تيئن قائم رکڻ لاءِ، انهن جي ڳالهه به نٿا ڪرڻ ڏين. رڳو مٿي جي سور تي اوچنگارون پيا ڏين، ۽ ائسپرو جو علاج پيا ڏسين. اهڙيءَ ريت تيليءَ مان ٿنڀ بنائي، هتراڏن مسئلن ۽ اصل مسئلن مان پيدا ٿيل ٻئي ٽئي درجي جي مسئلن بابت ڦشري مچائي، هو اصل مسئلن تان عوام جو ڌيان هٽائي، انهن جي حل جي راهه روڪي، عوام دشمنن جي خدمت ڪن ٿا.

## جعفر واريون ڪوڙيون دانهون

متان ڪي ماڻهو، سچن پچن مظلوم ماڻهن جي سچيءَ پچيءَ اجتماعي ۽ تاريخي مظلوميت بابت سچيون دانهون ڪري، عوام کي سڄاڳ نه ڪري وجهن، ان ڪري ڪوڙي جعفر واريون ڪوڙيون دانهون ڪري، ادب ۾ "دانهن ڪوڪ" جي تصور کي

اهڙو بور ڪندڙ، گندو ۽ بدنام ڪريو ڇڏين، جو ماڻهو ان ڪان ائين تا ونءُ وڃن جيئن ڪانءُ پڄي ڪمان ڪان!

# ميسٽپائيءَ سان فتني انگيزي

زواليت، مايوسي ۽ موت جا پرچارڪ جديدي اديب ڏسڻ ۾ ڏاڍا بي ضرر قسم جا چرڙيا ۽ بتال قسم جا ماڻهو نظر اچن ٿا. پر اهو رڳو سندن ظاهري ڏيک ۽ ڍونگ آهي. ان بتالپڻي جي بهروپ هيٺ هو وڏي سازش لڪايو وينا آهن. پاڻ تي ڪک به نه سهڻ وارا! وقت تي چانهه نه ملي ته هڪدم سٽ ڏيئي، قلم ڪٽي، ڪامائن، اڌ دمن ۽ سوالن جي نشانين جي اڌ اڪريءَ ۾ واويلا مچائي ڏيندا! ڇي ”پيڙهي وچوٿيءَ ماري ڇڏيو! پڇان پيو! پُران پيو! بس ويس!“ جي ڪو منجهانئن بور ٿي، ٻَٽي ڏينهن ڪانئن پڄي پنهنجي جان بچائي، ته هڪدم ”اڪيلائيءَ جي صليب“ مٿي تي ڪڄي ويندي ۽ ”باہرن ڪندن تي سفر“ شروع ٿي ويندو! مطلب ته شل نه مٿي ۾ سور پوين! پوندو قلم جي نڪ ۾ هٿ ۽ اوچنگار جو نڪاءُ شروع ٿي ويندو.

پر شل نه ڪا خبر پوين ته ڪنهن اديب يا فنڪار، ڪروڙين محروم ۽ مظلوم ماروئڙن جي ڏکن سورن، مقصدن ۽ آدرشن ۽ جدوجهدن ۽ سوچن ڪي پنهنجي جيءَ ۾ محسوس ڪري، انهن ڪي سمجهي ۽ پروڙي، انهن جي روشنيءَ ۾ ڪا ادبي ۽ فني تخليق ڪئي آهي! اک چنبي ۾ هي ظاهري انانَ چريا، جيڪي ڏسڻ ۾ رڳو پنهنجي جَوَڙَ ۾ پورا آهن ۽ ڪنهن جي به نه هنئيءَ ۾ آهن نه ڪنئيءَ ۾، سي اڪيون قوتاري، رانياڙ ۽ ڇچراٽ ڪري اُيا تي ويندا! ڇي ”ادب ۾ سياست، هان؟ سئين سڌي نعري بازي! فن جي توهين! نڪرو اسان جي ادبي گهر مان ٻاهر!“ واڪا ڪندا ۽ ڍيپٽ مچائيندا سڄي ملڪ ۾ پڪڙجي پوندا ته ”ونونِ! نه ڇڏيونِ هي اتوَ بي ادب، نعريباز! سياسي غنڊا.“

اهڙيءَ طرح هي هڪڙي طرف اديبن ڪي نعريبازيءَ جي نپي لڳڻ ۽ ادبي پيت پوت مان ڪيڻ جو ڊپ ڏيئي، ڪين پنهنجي ذهن ۽ ضمير مطابق ادب تخليق ڪرڻ ڪان روڪي، عوام ڪي پنهنجي ڪم جي ادب ڪان محروم ڪن ٿا، ته ٻئي طرف ادبي ميدان تي پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪري، ماڻهن تي سچو پچو نعريباز ۽ پروپيگنڊاباز، رجعت پرست ۽ سامراج پرست ادب مڙهين ٿا.

# رجعت پرست جاگيردار، سرمايہ دار ۽ سامراجي ادب سان پٽڙ

دراصل هي ميسٽو، ترقي پسنديءَ جو ٺپو لڳل ادب ڏٺي وائٺي رجعت پرست، جاگيردار ۽ سرمايہ دار ادب سان گڏ ٻِٽِڙِ مچايو وينو آهي. ظاهر ظهور رجعت پرست ۽ کليو کلايو عوام دشمن ادب، عوام ۽ سنڌن ادب تي کُليا کُلايا نظرياتي ۽ سياسي وار ڪن ٿا. ان ڪري اهي عوام وٽ ڇاتل سڃاتل ۽ اڳواٽ ئي خوار خراب ٿيل آهن، ۽ عوام انهن کي ڏسڻ شرط سڃاڻي، ڏکار وچان ٿوڪاري ٿو ڇڏي. پر هي نواڻ ۽ روشن خياليءَ جو پوش چاڙهي گهمندڙ ادب، عوام جي وچ جي مُنڍ تيو وينو آهي ۽ سنڌن دوست جي لباس ۾ سنڌن خلاف ڪڏون پيو ڪوٽي. ان ڪري هي ادب انهن ادبن کان وڌيڪ خطرناڪ عوام دشمن ادب آهي.

جن جن ملڪن ۾ عوام بنهه هيٺا آهن ۽ ڦورو طبقا مٿن ٻيءَ دستوري ڦرلٽ ۽ ظلم سان گڏ، مٿن اُگهاڙيون آمريتون بہ مڙهيو وينا آهن، اتي تہ هنن لاءِ چاندي آهي. آمريت آئي، ڇڻ هنن جو لولو گيهہ ۾ ڪِري پيو! جوتہ عوام جي گهٽگهرن اديبن ۽ فنڪارن تي سرڪار جا ڪات ڪهاڙا هوندا آهن ۽ اهي لِڪڻ ۾ پورا هوندا آهن، ۽ هي زهريلا ڪانديرا، آمريت سان هڪڙي اڻ لکيل سمجهوتي موجب، انهن جي اڻ لکيل اجازت سان، عوامي اديبن کي بي دخل ڪري، ادب ۽ فن جي ملڪ جا وڏا درخت بنجي ويهي رهندا آهن، ۽ ملڪ جا مالڪ ٿي حڪم هلائيندا آهن.

## باب ڇهون

# طبقاتي مفادن ۽ نظرين کان بالاتر خالص ادب جو ڍونگ

چئي ’ڪُن فيڪون‘، جڏهن خلقيا روح خداءِ،
گڏ جِت گذران هو، جَـڙَ لڳي تنهن جاءِ،
مون توهين سين آءِ، اِها ساجاءَ سپرين!
(لطيف)

زوالي چون ٿا تہ اسان جو ادب خالص آهي. ان ۾ ڪا بہ ملاوت ڪانهي، ڪا بہ غيرادبي ڳالھ ڪانهي. ان ۾ نہ ڪنهن طبقي جي ڳالھ آهي نہ ڪنهن نظريي جي، ڇوتہ اهي ڳالهيون ادب کي خراب ٿيون ڪن، ادب کي ادب نٿيون رهڻ ڏين ۽ پروپيگنڊا بنايو ڇڏين.

ڇا، اها ڳالھ سچي آهي؟ ڇا، واقعي خالص ادب نالي ڪا شيءِ دنيا ۾ ٿِي آهي؟ يا ٿي سگهي ٿي؟ ڇا، ڪنهن نہ ڪنهن فرد، انساني گروھ، طبقي يا قوم جي فائدي يا نقصان جي سڌي يا اڻ سڌي، ڪنهن نہ ڪنهن قسم جي، ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين، ترجماني يا وڪالت يا تبليغ (پروپيگنڊا) ڪرڻ کان سواءِ، بہ ڪو ادب وجود ۾ اچي سگهيو آهي يا سگهي ٿو؟

دنيا ۾ ڪوڙيون ڳالهيون سچين ڳالهين کان لک ڪروڙ دفعا گهڻيون ٿيل ۽ ڦهليل آهن. اُهي لکين ڪروڙين ڪوڙيون ڳالهيون ڪن ايامن کان لکين ڪروڙين دفعا ورجائجنديون رهيون آهن ۽ روز پيون ورجائجن. سچي ڳالھ ڪا اڌ دفعو، ڪنهن ڪنڊ پاسي کان لڪي ٿي ويئي تہ ٿِي ويئي، نہ تہ ٻيو ٿيو خدا جو نالو. ان ڪري ضرورت آهر زندگيءَ جي سچاين کي جيترو گهڻو ورجائجي سو ٿورو.

اڇوتہ ذهني تڪليف کان وٺون ويندڙ، علمي ۽ سائنسي ڳالهين کان پري کان ٺهندڙ، پنهنجي قومي نازڪ مزاجيءَ جي گهوڙي کي، هڪ پل لاءِ لغام ڏيئي، ۽ پنهنجي ڪک جيترو بار بہ نہ سهندڙ ۽ لحظي ۾ بور ٿي پوندڙ دماغ کي ٿورڙي تڪليف ڏيئي،

انساني زندگيءَ ۽ سماج جي ڪن بنيادي حقيقتن ۽ سچاين کي، بنھ ٿورڙن لفظن ۾، ھڪ دفعو ورجائي ونون.

انسان ۽ حيوان ۾ ھڪ وڏو فرق اھو آھي تہ انسان جون ضرورتون رڳو جسماني ناھن. دنيا ۾ انسان تي رھڻ لاءِ رڳو اٽو لٽو ۽ اجھو ڪافي ناھن. اھي بہ کپن. پر ڪجھ ٻيو بہ کپي. ’او ڪو ٻيو فھم، جنھن سان پسجي پرينءَ کي.‘ سندس ذھني، جذباتي ۽ روحاني ضرورتون ڳٽي پوريون ڪري ڪونہ سگھبيون. انھن ضرورتن جي پورت کان سواءِ انسان ۽ حيوان ۾ ڪھڙو فرق؟

پر ماڻھوءَ جي جياپي لاءِ مرڳو ھڪڙي حيوان جي جياپي جيترو بندوبست بہ نہ ھوندو، تہ اھو انسان ڇا مان ٿيندو؟

ڄمندي ڄام ڪير بہ ڪونھي. ننڍڙي ٻار کي پھلوان مرد ليکي نٿو سگھجي. ٻار، ٻار آھي. پھلوان مرد ٻي ڳالھ آھي. پر جيڪو ماءُ پيٽان ڄاول انساني ٻچڙو، ٻار جي درجي کي ئي رسي نہ سگھندو ۽ اڳ ۾ ئي ختم ٿي ويندو، سو اڳتي وڏي پھلوان مڙس ڇا ٿي سگھندو؟ الف ـ ب ياد ڪرڻ ۽ ڪوڙا پڪا ڪرڻ سان ماڻھو پي ـ ايڇ ـ ڊي، ڊاڪٽر ۽ علم جو اڪابر ٿي ڪونہ پوندو. پر الف ـ ب ياد ڪرڻ ۽ ڪوڙا پڪا ڪرڻ بنان بہ ڪو ماڻھو علم جو ڊاڪٽر ۽ اڪابر ڪونہ ٿي سگھندو. انسان جيسين ٻيو ڪجھ ٿئي، جيسين شاعر، مدبر، پھلوان، انجنير، عاشق، واپاري يا ولي الله جو بنجي، تنھن کان اڳ سندس پيٽ ۾ ڪجھ ٽڪر مانيءَ جو پوندو رھڻ ضروري آھي. سيءَ واءُ کان بچاءَ لاءِ بدن تي ڪپڙي جي ليڙ ۽ سسيءَ مٿان ڊنگر ڏارو ھجڻ بہ لازم آھي. چوتہ بکون، سرديون ۽ لُڪون ندوريون آھن ۽ ڪنھن جي اڳتي ھلي عالم يا انجنير وغيره ٿيڻ جي صلاحيت جو ڪو لحاظ نٿيون ڪن.

ٿورو ياد ڪريون تہ ننڍڙي ھوندي ڪيترا نہ بيحد ھوشيار، ذھين ۽ محنتي ٻار پاڻ سان گڏ پڙھندا ھئا! انھن ۾ ڪھڙا ڪھڙا نہ موتيءَ جا داڻا ھئا ۽ اھي ڇا ڇا نہ بنجي ٿي سگھيا! پر مڙس يا تہ بکن ۽ بيمارين ھٿي فنا ڪري ڇڏيا يا اڻ ھوند وگھي مال چاريندي، ڪوڏريون ھڻندي يا چوريون ڪندي ۽ پوليس جون مارون کائيندي، ڇڻ جيئري ئي ختم ٿي ويا!

حسرت ان غنچوں پے ھے جو بن کھلے مرجھا گئے!

(افسوس گلن جي انھن مکڙين تي آھي، جيڪي ٽڙڻ بنان ئي ڪومائجي ويون.)

سب کہاں کچھ لالا و گل میں نمایاں ھوگئیں!
خاك میں کیا صورتیں ھونگی کے پنہاں ھوگئیں!

(خاڪ ۾ الائي ڪھڙيون سدا ملوڪ صورتون لڪل ھونديون! سڀ جون سڀ ڪٿي پٽريون ٿيون! منجھانئن مس ڪي ٿوريون گلن جي روپ ۾ ظاھر ٿيون آھن.)

”غالب“ اھا ڳالھ اجائي ڪا نہ ڪئي آھي. زمين توڙي سماج جي خاڪ ۾ الائي ڪھڙا ڪھڙا گل سمايل آھن، جن کي ظاھر ٿي ٽڙڻ نصيب ئي نہ ٿيو. ڌرتيءَ جي ڏين رڳو اھي ڳاڻ ڳٽيا لال تہ ڪين ڄڻيا، جن مان ڪي ارسطو ۽ سقراط، ارشميدس ۽ ھرئڪليٽس، ابن رُشد ۽ بوعلي سينا، ڪاليداس، شيڪسپيئر، رومي، لطيف، گئليلو ۽ برونو، نيوٽن ۽ اينسٽائين، سھڻيءَ، سسئيءَ، مارئيءَ ۽ جون آف آرڪ، دودو ۽ دريا خان ۽ ٻيا اھڙا ڳچيءَ ۾ ڳھ ڪري پائڻ جھڙا ماڻھو بنيا! انھن ڪکن ۾ ڪئين اھڙا لکن جا مٺ، مور مڙس، لڪل ھئا، جيڪي اتي لٽي ۽ اجھي جي اڻ ھوند جي پارن سرجندي ئي ساڙي ڇڏيا.

ڳالھ جو اکر ٿورو تہ:

انسان کي سڀ ڪان پھرين گذر کپي، پوءِ ئي ھو جيئرو رھي سگھندو. مذھب، فلسفي ۽ سائنس بابت سوچي سگھندو، ادب ۽ فن تخليق ڪري سگھندو ۽ ڳجھارتون ۽ ڏور ڏيئي سگھندو، ميلاپ جا گيت ۽ وڇوڙي جون وايون ڳائي سگھندو. ڪو گراھ پور پيٽ ۾ ھوندن، تڏھن ئي موملون ۽ مينترا، ڪاڪ ڪنڌين تي، ھڪٻئي کي ماڻي سگھندا.

اياز بلڪل سچ چيو آھي:

”ڍَوَ بنان ڍولا، ڪانھي ساجھ سونھن جي!“

بدقسمتيءَ سان دنيا ۾ جيترا گھرجن اوترا گذر جا وسيلا ڪونھن. تنھنڪري ھزارين سالن کان ونڍي گذران جي گھٽن ۾ گھٽن وسيلن تي قبضو ڪرڻ لاءِ لٽ لڳندي اچي. ”ڏاڍو سو گابو“ واريءَ ان ويڙھ ۾ ھرھنڌ ۽ ھردور ۾ ٿورا بدمعاش ۽ غنڊا ماڻھو پنھنجي پتيءَ کان تمام گھڻا وڏيڪ گذر جا وسيلا (چراگاھ، زمينون، ڪارخانا، وغيره) قبائي ويھي رھندا آھن. جنھن جو پيڙھ تي قبضو سو عمارت جو مالڪ، جنھن جو ٿُڙ تي قبضو سو ٿارين، پنن ۽ ميون سوڌو سڄي وڻ جو ڌڻي!

گذران جي وسيلن تي قابض ٿيڻ کان پوءِ اهي ڦورو ۽ ظالم ٽولا هر ڀي شيءِ، سياست، قانون، انصاف، علم، مذهب، فن، تعليم، فلسفي توڙي نظريي تي قابض ٿي ويندا رهيا آهن ۽ انهن کي هٿراڌو بنائي، بگاڙي ۽ خراب ڪري پنهنجي ڦورو ۽ ظالم مطلبن لاءِ ناجائز طرح استعمال ڪندا رهيا آهن. هڪڙي پاسي انهن شين جي مدد سان ته ٻئي پاسي اگهاڙي جبر ۽ ڏنڊي جي زور تي، اهي ماڻهو ماڻهن جي وسيلن کان محروم بنايل اڪثريت کي، ڊورن وانگر وهائي، سندن ڪمائيءَ مان مال ۽ دولتون گڏ ڪري، عيش ۽ بادشاهيون ڪندا رهيا آهن.

اهڙيءَ طرح هزارين سال اڳ انساني تاريخ جي هڪڙي ڏاڪي تي، انسان اهڙن مخالف وڏن ٽولن ۾ ورهائجي ويا، جن مان هڪڙا پيٽ ٽڪر تي پورهيا ڪري، دولتون ۽ ملڪيتون ٺاهيندا رهيا آهن، ۽ ٻيا انهن دولتن ۽ ملڪيتن تي ناجائز قبضا ڪري، ملڪ جا مالڪ بنجي، عيش ڪندا رهيا آهن. انهن ٽولن کي سماجي علم جي ٻوليءَ ۾ ’طبقا‘ سڏجي ٿو. غلام ۽ غلامدار طبقا، هاري ۽ زميندار طبقا، مزدور ۽ سرمايه دار طبقا انساني تاريخ جا ڇهه وڏي ۾ وڏا طبقا ٿيا آهن.

انهن مختلف طبقن جا ٽورا مفاد پاڻ ۾ گڏيل ۽ گهڻا هڪٻئي جي سخت خلاف ۽ ابتڙ پئي رهيا آهن. هڪڙي جو فائدو ٻئي جي نقصان بنان ٿي نٿو سگهي. هڪڙي جي نقصان جو لازمي طرح ٻئي کي فائدو ٿو رسي. مخالف طبقن جي مخالف نفعن نقصانن کي ’طبقاتي مفاد‘ چئجي ٿو. ابتڙ طبقاتي مفادن جي ويڙهه کي ’طبقاتي ويڙهه‘ سڏجي ٿو. انساني تاريخ جي ذري پرزي ڇنڊڇاڻ ڪري ڏسبو ته پس پيش انساني تاريخ جو نچوڙ (تفصيل نه) اها طبقاتي ويڙهه آهي. انساني تاريخ جي هر شيءِ ـــ سماج، تاريخ، مذهب، قانون، سياست، ادب، فن وغيره ـــ تي ابتڙ طبقاتي مفادن ۽ سندن ويڙهه جا اثر ڏسي سگهجن ٿا، بشرطيڪ ماڻهو سماجي علم ۽ سائنس جي خوردبين ۽ دوربين سان انهن کي تپاسي.

خاص حالتون هر ڳالهه ۾ آهن. ان ڪري جڏهن به ڪا عام ڳالهه ڪبي تڏهن اها ڳالهه هروقت ذهن ۾ رکبي ته خاص حالتن ۾ اوس ان عام ڳالهه جي ابتڙ به ٿيڻو آهي. خاص حالتن جي ڳالهه کي ذهن ۾ پاسيرو رکي، غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته انساني سماج جي تاريخ ۾ بنيادي اهميت ماڻهن جي گذرسفر جي ابتڙ مفادن يعني ابتڙ اقتصادي مفادن کي حاصل آهي. مفادن کي جيڪڏهن ڪنهن جاءِ سان پيٽ ڏجي ته پوءِ چئبو ته گذرسفر جا مفاد ان جاءِ جي پيڙهه آهن ۽ ٻيا مفاد انهن جي مٿين اڏاوت ۽ رنگ روغن.

# پرائي دل پرديس

اسين سنڌيءَ ۾ چوندا آهيون ”پرائي دل پرديس آهي.“ حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ پرائي ڇا، پنهنجي دل بہ پرديس آهي. اسان مان ڪنهن کي خبر آهي تہ خود اسان جي دل ۾ ڪهڙيون ”سلڻ نہ جهڙيون، ڪرڻ نہ جهڙيون“ ڳالهيون ذهن جي ڪنڊن پاسن ۽ تهخانن ۾ لڪيون، دٻيون ۽ دفن ٿيون پيون آهن ۽ اهي ڪيڏيءَ مهل، اوچتو، سٽ ڏيئي، پنهنجا ڪفن ڦاڙي، ٻاهر اچي، ڪهڙيون قيامتون برپا ڪنديون! سلطان باهوءَ سچ چيو آهي تہ ”دل درياہ سمندرون ڊونگهي، ڪون دلان ديان جاڻي؟“ (دلين جا درياھ سمنڊن کان بہ اونها آهن، انهن جا راز ڪير ٿو ڄاڻي سگهي؟)

ان حقيقت جي باوجود، ٿلهي ليکي ۽ عام طرح بنيادي حقيقيت اها آهي تہ ماڻهوءَ جا خيال ۽ سوچون بنيادي طرح مادي دنيا ۽ مادي زندگيءَ جو عڪس هوندا آهن. ماڻهو جهڙي نموني جيئي ٿو، اهڙي نموني جا خيال ۽ سوچون ڏاري ٿو.

مهاڻو اڪثر مڇين ۽ ٻيڙن بابت سوچيندو. سيٺ اڪثر بازار جي اگهن بابت. ڀاڳين کي چورن ۽ پوليس تي ٻاهيون هونديون. ۽ پوليس کي چورن، وڪيلن ۽ ڪورٽن تي. ساڳيءَ طرح گڏيل مفادن ۾ بہ ماڻهو انهن گڏيل مفادن کي بنيادي اهميت ڏئي ٿو، جيڪي سندس گذرسفر ۽ اقتصادي مفادن بابت آهن. گڏيل سوچون بہ اهي اهم آهن جيڪي گذرسفر بابت آهن. جن ماڻهن جا گذرسفر جا وسيلا گهڻين ڳالهين ۾ هڪجهڙا آهن، تن جون بنيادي سوچون بہ ساڳيون ـــ جي رپئي جا سورهن آنا نہ تہ بہ ڏھ ٻارهن آنا تہ بلاشڪ ساڳيون هونديون. زميندار لاڙ جو هجي يا اتر جو، سنڌ جو هجي يا پنجاب جو، ايران جو هجي يا ملايا ۽ اسپين جو، ايشيا جو هجي يا لاطيني امريڪا جو، ڪارو هجي يا گورو يا پيلو، سندس سوچ پاڻي، ٻج، پاڻ، جيت مار دوائن، فصل جي اگهن ۽ هارين جي ”سستين ۽ ڪاهلين“ بابت هوندي. سڄيءَ دنيا جي هارين جي سوچ بہ موسم، زميندار جي زيادتين، فصل نہ ٿيڻ، گذر ۾ تنگيءَ بابت ساڳي هوندي. سيڪاٽ جي پوليس واري جي سوچ پنهنجي ڳوٺ جي پوليس جي سٽايل ڀاڳئي جهڙي نہ پر ڪوريا يا يونان جي ڪنهن ڳوٺاڻي ٿاڻي جي سپاهيءَ سان وڌيڪ ملندي. سپني جي سوچ اِهائي هوندي تہ ”ڀاڳين ۽ ٻين ماڻهن جو دماغ خراب آهي. انهن کي نيڪ ڪرڻ گهرجي!“ ساڳيءَ طرح سکر، ڪوٽ ادو، مني پور (ڀارت)، ڪوالا لامپور، پاناما ۽ اسپين جي چورن جا خيال ۽ سوچون بہ هڪٻئي سان ايترو ملندڙ جلندڙ هونديون، جو سڳن ڀائرن جون بہ اهڙيون نہ هونديون ـــ حالانڪ اُنهن کي هڪٻئي جي وجود جو بہ پتو نہ هوندو! سندن رنگ، نسل، مذهب سڀ هڪٻئي جي ابتڙ هوندا.

مطلب ڳالھ جو تہ جن ماڻهن جا گذرسفر جا وسيلا ۽ طريقا عام طرح ۽ لڳ ڀڳ هڪجهڙا آهن ۽ سماج جي اقتصادي نظام ۾ سندن پوزيشن هڪجهڙي آهي، يعني هو ساڳئي سماجي طبقي جا ماڻهو آهن، تن جون سماج بابت سوچون بنيادي طرح ۽ لڳ ڀڳ هڪجهڙيون ٿين ٿيون، چاهي هو ڪهڙن بہ ڌار ڌار علائقن، ملڪن يا زمانن ۾ رهندا هجن ۽ سندن قبيلو، قوم، رنگ، نسل، ٻولي، ثقافت ۽ مذهب ڪهڙا بہ مختلف بلڪ مخالف ڇونہ هجن. هو اڪثر هڪ خاص قسم جي گذرسفر رکندڙ انساني گروهن ۽ سندن سماجي سوچن جا مخالف هوندا آهن، چاهي اهي سندن هم وطن، هم مذهب، هم زبان ڇونہ هجن.

روءِ زمين جا مزدور ۽ سرمايہ دار هڪٻئي جا آڳي ويري آهن، چاهي پاڻ ۾ هم وطن، هم مذهب ۽ هم زبان ڇونہ هجن. روءِ زمين جا زميندار، مذهبن، ٻولين ۽ تهذيبن جي اختلافن ۽ تضادن جي باوجود هارين خلاف ساڳي ٻوليءَ ٻولين ٿا. ڇي ”سست!، ڪم چور!، اٿي تي چڙهي!“ اِها ساڳي ٻولي، ڪانئن سندن ساڳيا طبقاتي مفاد ٻولائين ٿا.

## ماڻهو پنهنجن دشمنن يعني حاڪم طبقن جي طبقاتي سوچ کان بہ متاثر ٿين ٿا

عربيءَ ۾ چوندا آهن ”الناس علیٰ دين ملوڪهم“ (ماڻهو پنهنجي بادشاهن جي دين تي هلندا آهن.) صدين کان ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقا، فريب توڙي زبردستيءَ سان، ڪڏهن دين ڌرم جي آڙ ۾، ڪڏهن علم ۽ ڏاهپ جي نالي ۾، ڪڏهن قدرتي قانون جي نالي ۾، سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح، پنهنجا طبقاتي خيال، سوچون ۽ نظريا عوام تي مڙهيندا رهن ٿا. ان ڪري عوام جي سوچ جو هڪ وڏو حصو دشمن طبقن جي طبقاتي سوچ پٺاندر هوندو آهي. اها سوچ متن زباني توڙي لکت ۾، گهرن، ڪچهرين، اسڪولن، عبادت گاهن، ثقافتي گڏجاڻين، ڪتابن، اخبارن، رسالن، فلمن، ٽي وين وغيره ذريعي مڙهي ويندي آهي.

هونئن بہ طبقن جي وچ ۾ ڪابہ چين جي شاهي ديوار نهيل ڪانهي جنهن ۾ هڪڙا هر وقت هڪڙي پاسي هجن ۽ ٻيا سدائين ديوار جي ٻئي پاسي. مختلف طبقن جا ماڻهو ڏينهن ۾ هزار دفعا هڪٻئي سان ملن ٿا يا ٻيءَ ڪنهن طرح هڪٻئي جي طبقاتي سوچ جي سڌيءَ طرح يا اڻ سڌيءَ طرح اثر هيٺ اچن ٿا. ان ڪري هڪڙي طبقي جي ماڻهوءَ جي ذهن ۾ رڳو سندس طبقي جا خيال نہ پر ڪيترن ٻين طبقن، خاص ڪري حاڪم طبقن جي طبقاتي نفعي نقصان، وارا خيال بہ اڪثر گهر ڪري ويندا هوندا آهن.

اهڙيءَ ريت هڪڙي ماڻهوءَ جي ذهن ۾ غالباً خيال گهڻو ڪري سندس ڄاڻ ۽ سمجهه آهر سندس ئي (حقيقي يا فرضي) طبقاتي نفعي نقصان مطابق هوندا آهن، پر انهن سان گڏ بلڪ انهن سان مڪمل طرح گڏوچڙ ٿيل حالت ۾، ٻين طبقن، خاص ڪري ٻين حاڪم طبقن، ڪان پرايل انهن طبقن جي نفعي نقصان وارا خيال، به لاشعوري طرح موجود هوندا آهن. اهي گڏوچڙ خيال ڪڏهن ڪيس ڪهڙي طبقاتي سوچ جي گس ڏانهن وٺي ويندا آهن ته ڪڏهن ڪهڙي. انهيءَ ڳالهه ڪان اديب ۽ فنڪار به آجا ناهن. سندن سوچ به ائين گڏوچڙ هوندي آهي. ان ڪري شعوري يا لاشعوري طرح اڪثر هر تخليق ۾ مختلف طبقن ۽ گروهن جي گڏيل ۽ ابتڙ طبقاتي مفادن جي گڏوچڙ ادبي ۽ فني ترجماني ۽ عڪاسي ڪيل هوندي آهي.

## دنيا جي ثقافت مجموعي طرح ڦورو ۽ ظالم طبقن جي ترجماني ڪري ٿي

دنيا جي ثقافت ان ڪري بنيادي طرح ڦورو ۽ ظالم طبقن جي ترجمان ثقافت آهي. ان ۾ فقط ڪجهه جزا دنيا جي پورهيت جي گهڻائيءَ جي زندگين ۽ مفادن جي ترجماني ڪن ٿا.

ادب ۽ فن ثقافت جو حصو آهن. ان ڪري دنيا ۾ جيڪو ڪل سنو يا برو لکيو ويو آهي، اهو مجموعي طرح ڦورو ۽ ظالم طبقن جو ترجمان پئي رهيو آهي. ان جا فقط ڪجهه جزا، ڪجهه تخليقون، جزوي يا مجموعي طور عوام جي ترجماني ڪندڙ آهن. انهن کي به پوريءَ طرح چندي ڇاڻي ڏسڻو آهي ته اهي ڪيتريءَ حد تائين عوام جون ترجمان آهن، ڪيتريءَ حد تائين نه.

## طبقاتي ۽ ٻين مفادن ۽ نظرين کان بالاتر ۽ خالص ادب دنيا ۾ ڪڏهن به پيدا ڪو نه ٿيو آهي

دنيا ۾ اڄ تائين اهڙو هڪڙو اکر به نه ڳالهايو ويو آهي نه لکيو ويو آهي، جيڪو ذاتي، طبقاتي ۽ ٻين سماجي مفادن ۽ نظرين کان خالي يا بالاتر هجي. ڇا لطيف جي ڪلام جي هڪ وڏي حصي جي سٽ سٽ، اکر اکر، حڪمران طبقن جي ظلم ۽ زبردستيءَ، سندن قدرن ۽ پسندن ۽ نظرين جي خلاف ۽ عوام جي فائدي ۾ ڪونهن؟ ڇا خود سندس مذهبي تشريح به، مجموعي طور، ڦورو ۽ ظالم طبقن واريءَ مذهبي تشريح

جي ابتڙ ڪانھي؟ الف ليليٰ سڄو عورتن، غلامن، نوڪرن ۽ پورھيتن طبقن خلاف پروپيگنڊا سان سٽيو ڪونہ پيو آھي؟ عام طرح ڪلاسيڪي ادب ۾ حسن، وفاداري، بھادري، شان، سخاوت، مھرباني وغيره گڻن ڪي جنھن نموني پيش ڪيو ويو آھي، سو سراسر حاڪم طبقن جي رائج تصورن، نظرين ۽ مفادن وٽان ۽ باشعور عوام جي صحيح عالمي تصورن، نظرين ۽ مفادن جي خلاف ناھي تہ ٻيو ڇا آھي؟ جيڪو مستنبو ڪم چور، ڦورو ۽ ظالم حاڪمن طرفان، ري گناھ ڦرلٽ ۽ تباھيءَ ۾ شامل ٿئي ۽ ٻيءَ ڏر جا گھٽي ۾ گھٽا ماڻھو ري گناھ قتل ڪري، سو ٿيو بھادر، چاھي اُنھن ھن جو ڪک بہ نہ بگاڙيو ھجي! چاھي ھو پنھنجن گھرن ۾ پنھنجن ڪکن، لڄن ۽ نياڻين جو بچاءُ پيا ڪندا ھجن! جيڪا مفت خور رن ڪَک چِني بہ نہ ڪري، ماڙين ۽ محلن ۾، سڄو ڏينھن غريب پورھيتن ڪان ويني پاڻ مھٽائي ۽ ويلي تي سئو گھرن جي گذران جي رقم جيترا ڪاڏا ۽ ميوا ھضم ڪري ۽ سڄو ڏينھن حڪم ھلائي، پاڻ جيڏين جون زندگيون زھر ڪري، سا ٿي محبت ۽ پوڄا جي لائق! ڇا، حقيقي انساني سونھن ۽ دلڪشي رڳو عضون جي ماپ، اڇڙي ڳاڙھڙي رنگ، چميءَ، نازنخري ۽ چند ڦوڪ ۾ آھي؟ دنيا جو ڪلاسيڪي ادب گھٽي ياڳي رڳو مفت خور ۽ ظالم طبقن جي اھڙين مفت خور عورتن جي شان ۾ قصيدا ٿو پڙھي، جيڪي حقيقي سونھن سان ٽمٽار، عوام جي بکين نياڻين جي جتيءَ جي بہ برابر ڪونہ ھيون! انھن ڪي ھڪڙو ڏينھن بہ عوام جي ڏين جھڙي سخت ۽ ڪنور زندگي گذارڻي پوي ھا تہ ٻوٽ سُڪي پادر ٿي پَوَنن ھا! لک غنڊا گڏ ڪري انھن جي زور تي، ماڻھن جا گھر ڦُري ٻھاري، بي حيائيءَ سان ائنڊ ٻڏي، شھر مان لنگھڻ ۽ پاڻ پڏارائڻ، اھو ٿي پيو شان! ڪروڙن اربن جا ٽپڙ مسڪين بکين جي وات تان ڪسي، انھن مان ڪجھ ٽڪر خوشامندي ٽٽوئن يا ياڙت قاتلن کي ڏيڻ، سا ٿي سخاوت! راڄن کي جلائي، ساڙي ٻاري، خاڪ ڪري، پوءِ منجھانئن ٻن چئن کي ڪتي واري زندگي گھارڻ جي موڪل ڏيڻ، سا ٿي مھرباني، عنايات خسروانہ، نوازشات سڪندرانہ!

اھي سڀ ڳالھيون ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقن جي مفادن، قدرن ۽ نظرين مطابق پروپيگنڊا جون ڳالھيون ناھن؟ جنھن ادب ۾ اھي اڻ لکي فنائتي نموني سمايل آھن، سو بدترين معنيٰ ۾ نظرياتي، طبقاتي ۽ پروپيگنڊائي ادب ناھي؟

دنيا جي پراڻي توڙي اجوڪي ادب ۾ ھڪڙي سٽ تہ ڪو ڏيکاري جنھن ۾، توڙي ڪٽي سٽن پردن ۾ ويڙھيل، پر ڪنھن نہ ڪنھن فرد، گوھ يا طبقي جي مفادن ۽ قدرن جي تبليغ نہ ڪئي ويئي ھجي! ڏسڻ واريون اکيون ھجن تہ ڏسي سگھبو تہ سامراجي

دنيا جا سائنسي ۽ خلائي افسانا ۽ خود ٻاراڻو ادب بہ عوام دشمن پروپيگنڊا جي جيوڙن سان پريا پيا آهن! چوٽين، پهاڪن، نقلن، ٺوٺڪن تي ويچار ڪريو تہ گهڻا غريب عوام جي ساراهہ ۾ آهن، گهڻا مٿن ٺوڪ ۽ چٿر جا!

چرچي ٻوڳ، مزاح ۽ طنز واري ادب کي ٻيهر غور سان پڙهو ۽ ڏسو تہ انهن جو نشانو اڪثر ڪهڙي طبقي جا ماڻهو آهن ۽ سڌي يا اڻ سڌي ساراهہ ڪهڙي طبقي جي ٿيل آهي؟

هندستان پاڪستان جي شفيق الرحمان جهڙن مزاح نگارن جون مزاحيہ لکڻيون ان خيال سان وري پڙهي ڏسو. جڳ مشهور انگريزي مزاح نگار پي - جي - ووڊ هائوس جي لکڻين ۾ لکل لارڊن پاران معذرت پڙهو، سندن اڻ سڌي تعريف پڙهو. انگلنڊ جي پيانڪ ظالم ۽ مجرم جاگيردار نظام کي ڏنل سونو پاڻي ڏسو. اهڙي هر تخليق سڌي يا اڻ سڌي، نفيس ۽ نازڪ، بخملي ۽ اطلسي، فني پوشن ۾ ويڙهيل طبقاتي پروپيگنڊا نظر ايندي.

## طبقاتي مفادن تي سمجهڻ پيچيدو ۽ ڏکيو ڪم آهي

سماجي لاڳاپا، تضاد ۽ مفاد ڪئين قسمن جا، گهڻ طرفا ۽ نهايت پيچيدا ٿين ٿا، ڪي مادي آهن تہ ڪي روحاني تہ ڪي سڌا آهن تہ ڪي اڻ سڌا. ڪي ويجها ۽ فوري آهن تہ ڪي تمام ڏورانهان ۽ گهڻيءَ دير سان اثر ڏيکاريندڙ. وڏي ڳالهہ تہ هڪڙا عالمي تاريخي حساب سان نسبتاً دائمي ۽ بنيادي ٿين ٿا، تہ ڪي ان حساب سان عارضي ۽ ثانوي نوعيت جا.

انساني سماج جي هڪڙي بنيادي عالمي تاريخي حقيقت اها پئي رهي آهي ۽ اڄ تائين قائم آهي تہ مفت خور، ڦورو ۽ ظالم طبقا پنهنجي بنيادي ۽ دائمي طبقاتي لاڳاپن، تضادن ۽ مفادن کي نسبتاً چڱيءَ طرح سمجهي، پروڙي، ڪين بنيادي اهميت ۽ اوليت ڏيندا رهيا آهن. هو پنهنجي جڳ جهان جي طبقاتي دوستن جا جگري دوست ۽ پنهنجي جڳ جهان جي دشمن يعني پورهيت عوام جا جاني دشمن پئي رهيا آهن.

هو پنهنجي طبقي جي ماڻهن سان پنهنجي سنگين ترين اختلافن ۽ تضادن کي، هر قسم جي ڪتن واريءَ ويڙهہ کان پوءِ بہ جلد از جلد حل ڪندا يا گهٽائيندا ۽ حد ۽ ضابطي اندر رکندا رهيا آهن. ٻئي طرف هو عوام جي اندر جيڪي ننڍا وڏا حل ٿيڻ جوڳا اختلاف ۽ تضاد آهن، انهن کي وڏيءَ سازش، منصوبہ بندي ۽ جاکوڙ سان وڌائي وڌائي ڪندا ۽ ڦرڙيءَ مان ڦٽ بنائي، ناقابل حل بنائيندا رهيا آهن. هو عوام جي ذهنن ۽

ضميرن کي خاندان، پاڙي، ذات پات، راڄ، قوم، ملڪ، مذهبن، رنگ ۽ نسل جي فرق جي آڙ ۾ تعصب ۽ نفرت جي هڻ ڪٽين ۽ ڪوراڙين هٿان ڏنگارائي، سندن نس نس ۾ هڪٻئي لاءِ زهر پرائي، کين هڪٻئي کان پري، ڇڙوڇڙ ۽ اڪيلو اڪيلو ڪري، صدين جون صديون، وير، دشمنيءَ ۽ ڪروڌ جي ڪال ڪوٺڙين ۾ بند ڪري، جنم قيدن جون سزائون ڪاٽارائيندا رهيا آهن.

سندن جيڪي عوام سان بنيادي، دائمي ۽ ڪڏهن به حل نه ٿيڻ جوڳا دشمنيءَ وارا تضاد آهن انهن جي سلسلي ۾ هو هڪڙي طرف عوام سان آڪي ويريءَ وارو ورتاءُ ڪري، کين پيڙهيندا ۽ چيپاٽيندا رهيا آهن، ته ٻئي پاسي عوام کي ڏيکاءُ اهو ڏيندا رهيا آهن ڄڻ انهن تضادن جو ڪو وجود ئي ڪونهي. کين اهڙي ڪا ڳالهه خيال ۾ به ڪانهي. عوام سندن ٻچا آهن.

عوام اندر به ڌار طبقا ۽ پرت هوندا آهن، جهڙوڪ هاري، مزدور، وچولي طبقي جو هينيون پرت وغيره. انهن ۾ مفادن جي بنيادي ۽ دائمي هڪجهڙاين سان گڏ دوستاڻي نموني حل ٿيڻ جوڳا جزوي ۽ ثانوي تضاد به هوندا آهن ۽ انهن تضادن جي ڪري عوام جي مختلف گروهن جون ڦورو طبقن سان خاندان، ذات، مذهب وغيره ۽ گذرسفر جي بنياد تي جزوي ۽ ثانوي هڪجهڙايون به هونديون آهن. ڦورو طبقا عوام کي هميشه اها پٽي پڙهائيندا رهيا آهن ته اسان جي توهان جي وچ ۾ طبقاتي، بنيادي ۽ دائمي تضاد ڪا شيءِ ناهن. توهان جون پاڻ ۾ مفادن جون بنيادي ۽ دائمي هڪجهڙايون به ڪا حقيقت ڪانه ٿيون رکن. اصل ڳالهيون آهن اهي جن جي ڪري اوهان جا پاڻ ۾ تضاد آهن ۽ اسان سان هڪجهڙايون آهن. هو ماڻهن کي ٻڌائيندا رهيا آهن ته ”دنيا ۾ اصل رشتو خاندان، پاڙي، قبيلي، مذهب، قوم، رنگ يا نسل وغيره جو آهي. ان ڪري ساڳئي خاندان يا پاڙي يا قوم يا مذهب يا رنگ يا نسل جي ڪري پاڻ، پاڻ ۾ هڪ آهيون. اسين ان رشتي جي ڪري اوهان جا ٿيون، ٻيءَ دنيا کي ترڪ ڪريو وينا آهيون.“ حالانڪ سموري تاريخ ڏيکاري ٿي ته هو پنهنجي ذاتي ۽ طبقاتي مفاد خاطر پنهنجي خاندان، پاڙي، راڄ، مذهب، قوم، رنگ يا نسل جي غريب ماڻهن جا هميشه ترا ڪيندا رهيا آهن ۽ تا قيامت ڪيندا رهندا.

دنيا جي عوام لاءِ عالمي تاريخي حساب سان، نسبتاً دائمي ۽ بنيادي رشتو، محنت، محروميءَ، مظلوميءَ، محڪوميءَ جو، انهن کان نجات حاصل ڪرڻ ۽ هڪ نئين انصاف پري دنيا اڏڻ جي ازلي ضرورت ۽ ان لاءِ جدوجهد جو رشتو ئي آهي. ٻيا رشتا،

عالمي تاريخي حساب سان، پنهنجي حصي جي اهميت رکندي بہ پس پيش ثانوي سماجي رشتا آهن.

پر دنيا جا عوام سماج جي سٽاءَ ۽ ارتقا جي رازن کان اڻ واقف آهن. ان ڪري هو اجان تائين گهڻي ڀاڱي پنهنجن بنيادي لاڳاپن، تضادن ۽ مفادن ۽ ٻئي درجي جي لاڳاپن وغيره جي وچ ۾، حقيقي ۽ نمائشي مفادن وغيره جي وچ ۾، اهم ۽ خسيس مفادن وغيره جي وچ ۾، فرق سمجهي نہ سگهيا آهن. ان ڪري هو پنهنجي دائمي، بنيادي، حقيقي ۽ اهم سماجي مفادن کي ڇڏي، فقط ٻئي ٽئي درجي جي، عارضي، خسيس، نقلي ۽ نمائشي مفادن کي اهميت ڏيئي، انهن پويان لڳي، هڪٻئي کان ٽٽي، ڇڙوڇڙ ٿي، وڃي پنهنجي ازلي ۽ بنيادي دشمن طبقن جا شڪاري ۽ هڪٻئي جا مارا بنجي، صدين جون صديون ڏک ڪائيندا رهيا آهن.

مثال طور جڏهن هڪڙين قومن، ملڪن، نسلن وغيره جا پورهيت عوام ٻين قومن، ملڪن يا نسلن جي پورهيت عوام سان پنهنجي بنيادي طبقاتي دوستيءَ جي رشتن ۽ لاڳاپن ۽ پنهنجي قوم، ملڪ ۽ نسل جي ڦورن ۽ ظالمن سان سندن جيڪي نسبتاً دائمي ۽ بنيادي تضاد ۽ وير آهن تن کي وساري، نظرانداز ڪري، صدين جي اڻ ڄاڻائيءَ ۽ گمراهيءَ جو شڪار ٿي، فوري فائدن جي انڌي لالچ ۾ اچي، ذات، راڄ، قبيلي، دين ڌرم، قوم، رنگ نسل وغيره جي نالي جي آڙ ۾ پنهنجي حقيقي سڄڻن يعني ٻين ذاتين، راڄن، قبيلن، مذهبن، قومن، رنگن ۽ نسلن جي پورهيتن سان وڙهن ٿا، تڏهن فطري دوست ڦريو هڪٻئي جي نسلن لاءِ ويري بنجيو ۽ پنهنجي فطري ويرين جا ٻانهن ٻڌا ٻانها ٿيو، هڪٻئي جا ٻوٿ پٽيندا ۽ ويرين جا سهم سهندا رهن ٿا ۽ سندن دشمن الوليون ڪندا رهن ٿا.

عوام دشمنن طرفان صدين کان ڦهلائجندڙ گمراهيءَ کان سواءِ، عوام جي طبقاتي ۽ سماجي حقيقتن بابت اڻ ڄاڻائيءَ ۽ مونجهاري جا ٻيا بہ ڪئين سبب آهن.

علمي طرح وڏو سبب اهو بہ آهي تہ دنيا ۾ تضاد ۽ لاڳاپو، دوستي ۽ دشمني، ٻئي آهن ۽ ٻنهي جو وري پاڻ ۾ لاڳاپو بہ اهي، هڪٻئي تي دارومدار بہ اهي، پاڻ ۾ سمايل بہ آهن! اهڙي پيچيدي گورک ڌنڌي کي سمجهڻ ۾ ماڻهن، خاص ڪري ويچارن مسڪين ماڻهن کي، ڏکيائي ۽ مونجهارو ٿئي تہ ڪا عجب جي ڳالهہ ڪانہ ٿي.

مونجهاري جو ٻيو مکيہ سبب اها ڳالهہ آهي تہ انسانن جا رڳو پاڻ ۾ لاڳاپا ۽ تضاد ناهن. سندن هڪڙا بنيادي کان بنيادي ۽ دائمي کان دائمي تضاد فطرت سان آهن. فطري

قوتن کان هو ڪجهه حد تائين واقعي هڪجهڙا متاثر ٿين ٿا. ظاهري طرح تہ اها هڪجهڙائي مڪمل نظر اچي ٿي.

بنان ڪنهن امير غريب جي فرق ۽ لحاظ جي، فطري قوتون سڀني لاءِ هڪجهڙا لقاءَ ڏيکاريندڙيون رهن ٿيون. موسمون بدلجن ٿيون، ٻوڏون ۽ طوفان ۽ زلزلا اچن ٿا. پارا پون ٿا. لڪون ۽ جهولا لڳن ٿا. گل ٽڙن ٿا، ساوڪون ۽ بهاريون ٿين ٿيون. ٻاين توڙي ٻانهن ڪي وقت تي محبت جي پياس لڳي ٿي. امير توڙي فقير مائرون سور ڪائي ٻار ڄڻين ٿيون ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ اولاد خاطر گهاوَ سهن ٿيون. هر طبقي ۾ هڪڙا چڱا آهن ٻيا برا. هڪڙا سهڻا آهن ٻيا ڪوجها. هڪڙا ڏاها آهن ٻيا سادا. بيماريون، ڏک، پيار، وڇوڙا، يادگيريون ۽ پڇتاءَ، امير غريب نٿا ڏسن. آخر ۾ موت هرڪنهن جو مهمان آهي. ڪوڏيءَ جو محتاج ۽ ڪروڙپتي، ٻئي هڪڙي ڏينهن مريو وڃن. شهنشاهہ ۽ پينو ٻئي نيٺ خاڪ ٿيو وڃن.

عام ماڻهو انهن لقائن ڪي ڏسندي ڏسندي صدين کان ائين سمجهڻ تي مجبور آهن تہ فطرت جي انهن شهزور قوتن جو سڀني انسانن تي هڪجهڙو اثر پوي ٿو. اها ڳالهہ فقط هڪ حد تائين صحيح آهي.

مثلاً بيمار تہ سيڪو ٿئي ٿو ۽ مري بہ سيڪو ٿو. پر پورهيت جي بيماريءَ جو قورو طبقن جي ماڻهن جي بيماريءَ سان ڪهڙو مقابلو؟ غريب جو ٻار سنتيءَ ڦڪيءَ لاءِ تڙپي مري ويندو. امير هڃا اسي سالن جي بہ ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي زور تي بيمارين جي پاڙ پٽي نين شادين جا پروگرام پئي بنائيندي. امير مرندو تہ راڄ ماري پوءِ. غريب جو پٽ نندپڻ مان چڙهي جوانيءَ کي رسيو تہ بہ وڏي ڳالهہ. غريب عوام جي پٽن ڏين جي جواني جهڙي کهنبي جو چٽڪو. امير پوڙهيون ٻانيون بہ چئو تہ ڪر هينئر سيج تان لهي آيون آهن.

تنهن کان سواءِ فطرت جي قوتن جو انسان تي اثر هڪ طرفي آمدرفت One Way Traffic ڪانهي. موٺ انسان بہ فطرت جي شهزور ارڏين قوتن کي سمجهي، ڪين پنهنجي وس ڪري، ڪتب آڻي، فطرت کي بدلائي رهيو آهي. فطري قوتن، ڪنوٽين، ٻوڏين، زلزلن، طوفانن ۽ ظاهري فطرتي قوتن جهڙوڪ بيمارين، وبائن، ڏڪارن وغيره جي مڪمل بي لغامي بہ ڏاڪي بہ ڏاڪي گهٽجي رهي آهي.

سماجي اقتصادي نظام ۽ ڏکين طبقاتي ويڙهين کان پوءِ انهن جي تبديلي، انساني تقدير تي ڏينهون ڏينهن وڏيڪ اثرانداز ٿي رهيا آهن.

سماجي مفادن جي پيچيدگيءَ جي حد اها آهي جو ساڳئي ماڻهوءَ جا ساڳئي هڪڙي مسئلي ۾ ٻه اُبتڙ مفاد ٿي سگهن ٿا. سندس هڪڙي دل چوندي ته هيئن ٿئي ته چڱو، ته ٻي چوندي ته نه، ائين نه، هيئن ٿئي ته چڱو! مثال طور جنهن زميندار جي زمين جبل توڙي ميدان ۾ هوندي، سو ڪنهن مهل چوندو ته مينهن پلي گهٽي ۾ گهٽو پوي ته جيئن باراني فصل کي فائدو رسي، ته ڪنهن مهل چوندو ته هاڻ اصل نه پوي متان ميدان وارو فصل نه تباهه ٿي وڃي! ساڳئي ماڻهوءَ جون هڪ ڪان وڌيڪ طبقاتي حيثيتون به ٿي سگهن ٿيون. جيڪو ماڻهو ڪجهه زمين جو ٽڪر پاڻ آباد ڪري ٿو ۽ ڪجهه هارين کان ڪرائي ٿو سو هاري به آهي ته زميندار به. سندس سوچ تي ٻنهي قسمن جا اثر پوندا رهندا.

## ماڻهو پنهنجا مفاد سنوان سڌا بيان نه ڪندا آهن

فرد، گروهه، طبقا ۽ قومون پنهنجا سياسي، سماجي، ثقافتي، اقتصادي توڙي ٻيا مفاد اڪثر ڪري کُليا کلايا بيان نه ڪندا آهن. پنهنجي نياڻيءَ لاءِ ور ڳولهيندو ته ائين ڪير ڪونه چوندو ته ”ڏيءَ لاءِ مڙس کپيم“ پر هرڪو چوندو ته ”بار لاهڻو اٿم.“ سگ گهرندڙ به ٻيءَ ڪنهن ڳالهه بدران چوندا ته ”ماءُ پوڙهي آهيس، گهر ۾ ڪو لولي پچائڻ وارو ڪونهيس، وڏو ڀار وهارڻ خدا، خدا جي رسول جو ڏوهه آهي. وڏو بنبال آهي“ وغيره. پراون ملڪن جي مسڪين ماڻهن جا مال ملڪيتون، پاربچا، لڄون لُٽڻ جو ارادو هوندو ته ملڪ وڌائڻ جي ڳالهه ڪبي، ڪشور ڪشائيءَ جي ڳالهه ڪبي، مذهب ڦهلائڻ ۽ غازي ٿيڻ جي ڳالهه ڪبي يا تهذيب جي روشني عام ڪرڻ جي ڳالهه ڪبي. ثقافتي ميدان ۾ ته خاص ڪري طبقاتي مفادن جي ڳالهه، هڪڙي نه، ستر پردن ۾ ڪئي ويندي آهي.

## ڦورو طبقا پنهنجي مفادن جي وڪالت ٻين کان ڪرائيندا آهن

هرڪا ڌر پنهنجي مفادن جي وڪالت پاڻ نه ڪندي آهي. جاگيردار ۽ سرمايه دار مفادن جي وڪالت ۽ تبليغ ثقافتي ميدان ۾ اڪثر ٻڪين پانگن اديبن ۽ فنڪارن کان ڪرائي ويندي رهي آهي. بادشاهن جا قصيدا بادشاهه ڪونه لکندا آهن، ٻڪيا شاعر لکندا آهن. سندن پاران ناحق ماڻهو مارڻ جو شرعي جواز سندن پٽ پائتيا ڪونه ڳولي ڪيندا آهن، سندن پگهاردار ٻڪيا لالچي قاضي ڳولي ڪيندا آهن، ساڳيءَ طرح ادب ۽ فن ۾

مختلف طبقن جي قدرن، لاڙن ۽ سندن ناپسندين، نفعن نقصانن جي وڪالت ۽ ترجماني اڪثر ٻين طبقن مان پرتي ٿيل، ماڻهو ڪندا آهن.

چوندا آهن ته ”ڪن جو روئڻ به راحت ته ڪن جو کِلڻ به خواري.“ هڪڙا سٺي ڳالهه ڪندا ته به سندن ڳالهه ۾ رس ڪون هوندو. ٻيا گهٽ ڳالهه ڪندا ته به ماڻهوءَ کي پيا وڻندا.

اديب ۽ فنڪار پنهنجي ڳالهه هنر ۽ ڪاريگريءَ سان ڪن ٿا. ان ڪري سندن تخليق ۾ طبقاتي مفادن جو چور ڳولهي لهڻ هرڪنهن جو ڪم ڪونهي. پر اها ڳالهه اڻ ٽر آهي ته ڪي گهٽ ڪي وڌ، پر هرڪو اديب ۽ فنڪار شعوري يا لاشعوري طرح ڪن نه ڪن سماجي مفادن جي ترجماني ضرور ڪري ٿو. چاهي پنهنجي پر ۾ سندس نيت ڪٿي ڪهڙي به هجي يا نه هجي.

اديب ۽ فنڪار ڪهڙن سماجي گروهن ۽ طبقن جي نمائندگي ٿو ڪري، تنهن جي خبر رڳو ان مواد مان ڪانه پوندي، جيڪو هو سماجي زندگيءَ مان ڪٽي، پنهنجي ادبي ۽ فني تخليق ۾ ڪم آڻي ٿو ۽ ان کي اهميت ڏئي ٿو، پر ان ڳالهه مان به پوندي ته هو زندگيءَ جي ڪهڙين حقيقتن ۽ ڪهڙن لقائن کي نظرانداز ٿو ڪري ڇڏي يا اهميت ئي نٿو ڏي. سندس مواد جي چونڊ ئي سندس اصلي طبقاتي لاڙن تي پهرين چغلي هڻندي.

## ادب ۽ فن جي طبقاتي ڇنڊڇاڻ به هڪ ڏکيو ۽ پيچيدو ڪم آهي

ڪا تخليق ڪهڙي طبقي جي نقطي نظر جي ترجماني ڪري ٿي، سا ڳالهه سمجهڻ وڏي ڇنڊڇاڻ ۽ ڪاريگريءَ جو ڪم آهي. ان ۾ مشيني طريقو اختيار ڪري نٿو سگهجي.

بهرحال ڄاڻو، سمجهو ۽ سڄاڻ ترقي پسند ادبي پارکو اونهي جاچ ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ سان نيٺ سمجهي سگهي ٿو ته ان تخليق جو مجموعي تاثر ڪهڙي طبقي جي سماجي لاڙن جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ پس پيش ڪهڙي گروهه يا طبقي جي ٻولي ٻوليل آهي.

## باب ستون

# ادب تخليق ڪرڻ لاءِ رڳو احساس ۽ جذبا ڪافي آهن ڇا؟

اوريائين آڏين، ميڙيو معلم خبرون!
سا تان سڌ نہ ڏين، جتي وَهہ ٿو ويڌ ڪري! (شاهه)

چيو وڃي ٿو تہ ادب روح جو ريلو آهي، احساس آهي، ان لاءِ ڪنهن بہ خاص سماجي ڄاڻ، سمجهہ ۽ پروڙ جي ضرورت ڪانهي. جيڪي اک ڏسي ۽ روح محسوس ڪري اهو لکڻ ئي ادب آهي. ان کان وڌيڪ نعريبازي آهي.

ڇا، اها ڳالهہ صحيح آهي؟ هرگز نہ!

ادب سڌيءَ طرح دماغ سان مخاطب نٿو ٿئي. اهو اڻ سڌيءَ طرح، دل جي معرفت دماغ سان پنهنجي ڳالهہ ڪري ٿو. سندس ٻولي علمي ڳالهين ۽ عقلي دليلن جي نہ پر احساسن ۽ جذبن جي ٻولي آهي. سندس وسيلو رواجي لفظ نہ پر لفظن وسيلي ٻين جي دلين ۽ تصورن تي چٽيل تصويرون آهن.

پر با معنيٰ احساس يا جذبا بہ ڪنهن نہ ڪنهن ڄاڻ، ڪنهن نہ ڪنهن سمجهہ تي ٻڌل هوندا آهن. ڄاڻ ۽ سمجهہ کان خالي، بي معنيٰ احساس ۽ جذبا بي اثر ۽ فضول ٿين ٿا. اديب ۽ فنڪار جا احساس ۽ جذبا زندگيءَ ۽ انساني سماج بابت جيتري وڌيڪ ڄاڻ ۽ سمجهہ جي سرچشمن مان ڦُٽي نڪتا هوندا اوترا ئي اهي وڌيڪ اثرائتا ٿيندا. اهي زندگيءَ جي بنيادي حقيقتن ۽ سچاين جي جيتري گهري ۽ وسيع پروڙ جي عڪاسي ۽ ترجماني ڪندا اوترا ئي اهي وڌيڪ قيمتي ۽ ڪارائتا بنبا. زندگيءَ ۽ انساني سماج جي بنيادي حقيقتن ۽ سچاين جي ڄاڻ، سمجهہ ۽ پروڙ کان خالي ادب ۽ فن ۾ ڪٽي ڪيتري ڪاريگري ۽ هنر، سٺاءُ ۽ فن هجي پر اهو جڻ پاڻيءَ تي ڦوٽو آهي جيڪو پل ۾ ڦسي پوندو.

اڄ جو انسانيت دوست ۽ عوام دوست مثالي ادب اهو ۽ فقط اهو ٿي سگهي ٿو جيڪو انساني سماج، انساني تاريخ ۽ اڄ جي دنيا جي مکيہ ۽ بنيادي حقيقتن ۽ سچاين

ڪي ڄاڻي، سمجهي، پروڙي، انهن جي پنهنجي ڏات ۽ ڏانءَ وسيلي عڪاسي، ترجماني ۽ وڪالت ڪري.

## ڀرپور سماجي ڄاڻ ۽ سمجهه کان سواءِ اعليٰ عوامي ادب تخليق نٿو ڪري سگهجي

نہ سڀ صحيح سماجي عالم ۽ سائنسدان ڪي وڏا اديب ۽ فنڪار هئا ۽ نہ سڀ اديب، شاعر ۽ فنڪار ڪي وڏا سماجي عالم هئا. نہ وري ڪو ائين آهي تہ ڪو هرويرو سڀ گهٽي سماجي ڄاڻ ۽ سمجهه رکندڙ اديب، شاعر ۽ فنڪار گهٽ سماجي ڄاڻ ۽ سمجهه رکندڙ اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن کان لازمي طرح وڏا اديب، شاعر ۽ فنڪار هوندا. ممڪن آهي انهن ۾ صحيح سماجي ڄاڻ، سمجهه ۽ پروڙ هجي پر ڏانءَ ۽ فن جي معاملي ۾ پوئتي پيل هجن.

استثنائون يعني نياريون حالتون هرهنڌ آهن پر عام طرح ائين آهي تہ وڏي ۾ وڏا اديب، شاعر ۽ فنڪار اهي ماڻهو ٿيا آهن جن ڪتابن توڙي ذاتي مشاهدي ۽ تجربي وسيلي هن جهان، انساني سماج ۽ انساني زندگيءَ جو پنهنجي دور جي سڀ کان اڳتي وڌيل علمن جي روشنيءَ ۾ کوڙهو ۽ تخليقي مطالعو ۽ استعمال ڪيو. اڄ جي دور جي سچي اديب ۽ فنڪار لاءِ بہ انساني زندگي، انساني سماج ۽ انساني تاريخ بابت سماجي علمن ۽ سائنس جي پوري واقفيت، سمجهه ۽ پروڙ بيحد ضروري آهي.

## زندگيءَ جا ڪي بنيادي ۽ وڏا سوال

هيءَ ڪائنات ڇا آهي؟ ان جي بناوت ۽ تاريخ ڇا آهي؟ ڌرتيءَ ۽ ان تي پيدا ٿيل زندگيءَ جي ڪهاڻي ڇا آهي؟ انسانُ ڪيئن پيدا ٿيو ۽ تاريخ جون ڪهڙيون منزلون ٽپي هتي پهتو آهي؟ انساني سماج ڇا آهي؟ هيئن دنيا جيئن آهي تيئن ڇو آهي؟ ڇا، اها هميشہ ائين رهندي! يا ڇا اها بدلجي پيئي؟ جي ها، تہ ڪيئن ۽ ڪهڙين قوتن جي زور تي؟ ڇا ان تبديليءَ جي رفتار کي تيز ڪري سگهجي ٿو؟ جي ها، تہ ڪيئن؟ ڇا اهڙا بہ ڪي قانون آهن، جي فطرت، انساني سماج، انساني سوچ سيني سان هڪجهڙا لاڳو هجن؟

ڇا، ڪائنات جا اهڙا وڏي ۾ وڏا سوال بہ آهن جن کان وڏو سوال ٻيو اڄ تائين پيدا ڪونہ ٿيو آهي؟ انهن جا ڪهڙا جواب ڳولهي لڌا ويا آهن؟ وغيره وغيره. اهي سوال

جواب انسان جي علم ۽ سنڌس سمجهه پرئي عمل جي پيڙهه آهن. پيڙهه کان سواءِ اڏاوت ڪھڙي؟

روز ازل کان عظيم انساني ذهن، انهن ڳالهين بابت سوچيندا رهيا آهن. اڄ انهن بابت سوچڻ ۽ صحيح جواب معلوم ڪرڻ جي جيڏي ضرورت آهي ان کان وڌيڪ اڳ ڪڏهن ڪانه هئي. اڄ جيتري انهن جوابن معلوم ڪرڻ جي سهوليت آهي اوتري بہ اڳ ڪڏهن بہ ڪانه هئي.

جيڪو استاد، شاعر، اديب، خطيب ۽ عالم وغيره پنهنجي سبق، ڪلام، خطاب يا بيءَ تحرير ۽ تقرير وسيلي عوام کي مخاطب ٿئي ٿو.

سو جيڪڏهن ان کان اڳ پنهنجي وت آهر پنهنجون بهترين صلاحيتون ڪتب آڻي، اُن علمي ۽ عملي پيڙهه بابت تيهن ئي نسن جو زور لڳائي، هر ممڪن حد تائين صحيح معلومات حاصل ڪري، انهن جي روشنيءَ ۾ عوام سان نٿو ڳالهائي ۽ رڳو جيڪا ڳالهه هتان هُتان بڌي اٿس سا، يا جيڪا خيال ۾ اچيس ٿي سا، پيو ڪري يا رڳو ڊز پيو هڻي، تہ ان کان وڌيڪ ”نيم حڪيم خطره جان، نيم ملا خطره ايمان!“ پيو ڪونهي.

هن جهان ۽ ان ۾ وسندڙ انساني سماج جي سمورين پيچيدگين کان پوريءَ طرح واقف ٿيڻ جي ڀرپور ايمانداريءَ واري ڪوشش ڪرڻ ۽ سدائين ڪندو رهڻ، هر سچي عوامي اديب ۽ فنڪار جو اولين فرض آهي.

## باخبر، باشعور ۽ باضمير ڏات ڏٽي

باخبر، باشعور ۽ باضمير ڏات ڏٽي اهو ٿيندو جيڪو پاڻ کي هن دور جي سڀ کان اڳتي وڌيل فطري ۽ سماجي ڄاڻ، سمجهه ۽ سوچ سان هٿياربند ڪري، ان جي روشنيءَ ۾ ۽ ان جي مدد سان، ٻين ڳالهين سان گڏ، نہ رڳو اهو ڏيکاري تہ دنيا جي ۽ هن ملڪ جي عوام جي زندگي ڪيئن ٿي گذري، پر اهو بہ ڏيکاري تہ اها ائين ڇو ٿي گذري ۽ ڇونہ ٻيءَ بهتر طرح ٿي گذري؟ اهو ادب نہ رڳو اهو ڏيکاري تہ هن کان بهتر زندگي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي ۽ ٿيڻ گهرجي. پر اهو بہ ڏيکاري تہ اها ڪهڙي رستي، ڪهڙن طريقن سان ۽ ڪهڙن وسيلن سان بهتر ٿي سگهي ٿي، ۽ اهي ڪهڙا ماڻهو، ڪهڙيون سماجي قوتون آهن جيڪي ان ڳالهه جي تيهن نسن سان مخالفت ڪن ٿيون ۽ ڪنديون رهنديون، ۽ ڪهڙيون آهن جيڪي ان بهتر زندگيءَ لاءِ عوام جي مدد ۽ رهبري ڪري سگهن ٿيون ۽ ڪن ٿيون. اهو باضمير ادب ۽ فن پنهنجو اهو فرض سمجهندو تہ اهڙين

قوتن سان موت ۽ حياتيءَ جي جنگ لڙي جيڪي عوام جي بهتر زندگيءَ واسطي جدوجهد جي راهه جو پٿر آهن ۽ انهن قوتن سان دل جان سان پانهن ٻيلي ٿي، وک وک سان ۽ ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلي، جيڪي ان جدوجهد جون مددگار ۽ سرواڻ آهن.

سماج جي خرابين ۽ ظلمن تي هر ايماندار اديب ۽ فنڪار کي ڏک ۽ ڪاوڙ ٿئي ٿي ۽ هو ادب ۽ فن وسيلي ان جو اظهار ڪري ٿو. پر سچي ۽ ايماندار اديب جو فرض رڳو اتي ختم نٿو ٿئي. هر سچي ۽ ايماندار اديب کي سوچڻو پوندو ته جن خرابين ۽ ظلمن ڪان هو نفرت ٿو ڪري سو رڳو اتفاقي آهي يا موجوده نظام ۾ اهي لازمي آهن؛ اهي رڳو ڪنهن هڪڙي وقت تي، ڪنهن هڪڙي هنڌ تين تا يا سڄي سماج ۾ هر وقت تين تا؟ انهن جو ڪارڻ فقط ڪو هڪ اڌ خراب ۽ ظالم ماڻهو آهي يا اهڙا خراب ۽ ظالم ماڻهو سماج ۾ هر وقت ۽ هر هنڌ موجود آهن؟ جي اهڙا ماڻهو سماج ۾ هر دور ۾ هر هنڌ موجود ۽ غالب آهن، ته ائين ڇو آهي؟ ڇا اهو رڳو ڪو اتفاقن جو سلسلو آهي يا اهڙا ڪي سماجي ڪارڻ آهن جن جي ڪري اها صورتحال ائين آهي. ۽ هيتريون صديون ۽ هيترا زمانا قائم رهي آهي ۽ بدلجڻ جو نالو ئي نٿي وٺي؟ انهن ڪارڻن کي دور ڪرڻ ۽ انهن خرابين ۽ ظلمن جي پاڙ پٽڻ لاءِ عملي طرح به ڪجهه ٿي ۽ ڪري سگهجي ٿو يا رڳو انهن تي افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو؟

ان لاءِ ڪيس هر قسم جي جاچ ڪرڻي پوندي، باخبر ۽ باشعور ٿيڻو پوندو. گهڻيئي ڪتاب پڙهڻا پوندا. ضروري پيا، ڳولا ۽ جاکوڙ ڪرڻي پوندي. اهو سيڪجهه ڪرڻ ڪان پوءِ جي ڪيس پڪ ٿي وڃي ته هن ڪلور کي ختم ڪرڻ جي ڪا واٽ آهي ۽ اها واٽ فلاڻي آهي، ته پوءِ هڪڙي ايماندار ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ ان اديب ۽ فنڪار جو اخلاقي، سماجي ۽ انساني فرض ٿي پوي ٿو ته ثقافتي، ادبي ۽ فني ميدان ۾ پنهنجن اعليٰ آدرشن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، ان واٽ جي ڪاميابيءَ لاءِ، پنهنجي ادبي ۽ فني صلاحيتن وسيلي جيڪي ڪجهه ڪري سگهي ٿو سو ڪري. آدرش ڏارڻ ۽ انهن جي ڪاميابيءَ بابت لاتعلق ٿي وڃڻ منافقي ۽ مڪاريءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه ٿيندو.

## براين ۽ ظلمن جي صرف اوڳهڙ؟

براين ۽ ظلمن کي اُگهاڙو ڪرڻ ۽ انهن لاءِ ماڻهن جي دلين ۾ نفرت پيدا ڪرڻ ادب ۽ فن جو اهم فرض آهي. ساڳيءَ طرح ظالم لاءِ نفرت ۽ مظلوم لاءِ همدردي ۽ قياس پيدا ڪرڻ به ضروري آهي. پر اهو سيڪجهه ناهي.

بيماريءَ جو تفصيلي ذڪر ڪري ويھي رھڻ ۽ علاج جي ڳالھ ئي ڪائي وڃڻ، ڏاڙي جو اکين ڏٺو احوال ٻڌائڻ ۽ ڏاڙيلن کي ڪيئن پڪڙجي سا ڳالھ ئي نہ ڪرڻ، بلڪ مرض جي علاج ۽ ڏوھارين کي پڪڙڻ جي ڳالھ ٻڌي ڪاوڙجي پوڻُ غيرفطري حرڪتون آھن.

ڪھڙو نہ عجيب لڳندو اھو پٽ، جو ماءُ کي چوي، ”امان! اجا توکي چا ڪپي؟ ادا وڏي جي قتل ٿيڻ جي سڄي اکين ڏٺي واردات توکي ٻڌايم، سندس واسطي تنھنجي دل ۾ قياس ۽ قاتلن لاءِ نفرت بہ پيدا ڪيم. توکي واقعي جي خبر بہ پئي، توکي قياس ۽ افسوس بہ ٿيو. نفرت بہ ٿي. باقي بدمعاش ڪير آھن، انھن کي ڪيئن پڪڙجي؟ ڪنھن جي مدد سان پڪڙجي، ڪھڙو رستو وٺي پڪڙجي، وڙھن تہ ڪيئن وڙھجي، انھن ڳالھين سان منھنجو ڪھڙو واسطو؟ اِھي چو معلوم ڪري توکي ٻڌايان؟“

اھڙو ئي رويو آھي اُنھيءَ اديب جو جيڪو چوي ٿو تہ ” آءٌ رڳو پيڙا بيان ڪندس. ان جي ڪارڻن ۽ علاجن جي منھنجي اڳيان ڳالھ بہ نہ ڪريو، نہ تہ آءٌ وٺي واڪا ڪندس تہ ’ادب ۾ نعريبازي پيئي ٿئي!‘“

## مظلوم ۽ قياس جوڳا ڪردار بہ ڪافي نا ھن!

ساڳيءَ طرح رڳو مظلوم ۽ قياس جوڳا ڪردار پيش ڪرڻ بہ ڪافي ناھي. اھا ڳالھ نہ رڳو عوامي ادب جي انقلابي مقصدن جي خلاف ٿيندي پر خود سماجي حقيقتن جي بہ خلاف ٿيندي.

چا سماج ۾ عوام جا رڳو اھي ۽ اھڙا ئي ڪردار آھن؟ نيڪ آھي. ھڪ حد تائين عوام ھينئر برابر ”ڪارا، ڪوجھا، ڪوڙا ۽ مور نہ موچارا“ آھن. برابر منجھن چاڻ ۽ سمجھ ڪانھي. منجھن عقل گھٽ آھي، ھو ڪيترين ڳالھين ۾ ڪِريل، بي حال، بي ثمرا، بي وسيلا، دوست دشمن جي سڃاڻپ نہ رکندڙ، چڙوچڙ، وائڙا، بطال، جھنگ جا جناور آھن. ھو برابر ڊيڄو، ھراسيل، موچڙن ڪٽيل، ذليل ۽ خوار آھن.

پر اھا ڳالھ فقط ھڪ حد تائين صحيح آھي. ان کان وڌيڪ نہ.

مٿينءَ جزوي حقيقت جي باوجود بہ ھر دور ۾ ھن ڌرتيءَ تي گذران، مال، دولت، تھذيب تمدن ۽ انسانيت جا خالق ۽ قوت جا سرچشما عوام ئي ھئا ۽ اھي ئي رھندا. ائين نہ ھجي ھا تہ اسين اجا تائين غارن ۾ وينا ھجون ھا.

تنھن کان سواءِ اھا جزوي حقيقت بہ تيزيءَ سان بدلجي رھي آھي. اڄ پورھيت عوام منجھان ھزارين لکين ماڻھو مفت خور، ڦورو ۽ ظالم طبقن جي ماڻھن کان ڪئين

دفعا وڏيڪ پڙهيل، قابل، داناءُ، سورما، سائنسدان، سپہ سالار، انقلابي سياسي اڳواڻ ۽ مدبر بنجي چڪا آهن ۽ بنجي رهيا آهن.

اڄ بہ اسان وٽ عوام ۾ هر وقت اهڙا مرد ۽ عورتون، ٻار ۽ ٻڍا موجود آهن، جي ڏٻاءُ ۽ وحشانيت جي اونداهيءَ رات ۾ ٽانڊاڻا، ڏيئا ۽ روشنيءَ جا منارا بنجي چمڪن پيا.

## جيڪڏهن.........!

جيڪڏهن اڳوڻين صدين جي عالمي ۽ ملڪي ادب ۾ عوام جي سچن پچن مثالي ماڻهن جون وڏ ۾ وڏ اعلىٰ تصويرون چٽيل هجن ها ۽ اسان وٽ اهڙن تمام گهڻن ماڻهن جا مثال اکين اڳيان هجن ها، تہ جيڪر اسان جي بهتر زندگيءَ لاءِ اڄوڪي جدوجهد ۾ اڄ کان ڏهوڻي سرت، سمجهہ، يقين، خود اعتمادي، ٻڌي ۽ قوت هجي ها.

## هنن جا پيا هيرا! عوام جا پيا!

اسان جي هيرن ۽ عوام دشمنن جي هيرن ۾ ڪهڙو فرق بلڪ تضاد آهي، تنهن جو اندازو رڳو ٻنهي ڌرين جي ”محبوبہ“ بابت مختلف بلڪ ابتڙ تصورن مان ئي لڳائي سگهجي ٿو.

## مثالي محبوبہ ڪنهن کي چئجي؟

هڪڙي پورهيت جا عورت کي پسند ڪرڻ جا اصول، ماپا تورا ڙا ۽ ڪسوٽيون، مفت خور طبقي جهڙا ساڳيا ئي نٿا سگهن.

پورهيت جي دلپسند عورت اها ئي نٿي سگهي جيڪا سڄو ڏينهن رڳو هار سينگار ڪريو، اڃڙي چمڙيءَ واري گُڏي ٿيو، ويني ناز نخرا ڪري، پاڻيءَ جو وٽو بہ پاڻ ڀري پيئڻ لاءِ تيار نہ هجي؛ ڪک ڀجي ٻيٺو نہ ڪري سگهي؛ وات مان ڪو اکر ڪڍي تہ ڏهہ ڏينهن منهن سڄايو ويني هجي. پورهيتن جي تصورن جي محبوبہ اها سدا ملوڪ، ”مڙس ماڻهو“، لڏڻ هوندي جيڪا دل ڏئي تہ وري مار موچڙي جي ڊپ کان پير پوئتي نہ موڙي وڃي. اونداهي سُهائيءَ جو خيال نہ ڪري، پن جي ڪڙڪي يا ڪتي جي ڀونڪ تي ڏڪي نہ وڃي، ڪوهہ اڏ پنڌ ڪرڻو هجي تہ ڪري اچي، پڇاڙيءَ جو جي محبت جون ويرياڻيون ڪهاڙيون اُڀيون ٿي وڃن تہ يا بسم الله! ڪري، پهرين پنهنجو سر اڏيءَ تي رکي!

جيڪا زال بنجڻ کان پوءِ لولو بہ پچائي، مال بہ ڌُهي، گاهہ پٽو بہ ڪري، گهر جو ڪارخانو بہ هلائي، ٻار بہ پالي، ڪنهن مهل ڪاوڙ ۾ بہ سوٽيون لڳي وجنس تہ مهينو سڄو مٿو پڌيو بہ نہ ويني هجي؛ لٽي پٽي مڙس سان لٽ ڏڪي ۾ بہ سروبر لٽ وڃائي ڇاڻي، هرويرو ڪنهن للوءَ پنجوءَ جي حشمت ئي نہ ٿئي، جو ساڻس مهاڏو اٽڪائي سگهي!

## حقيقت، حقيقت پسندي ۽ حقيقت نگاري ڇا آهن؟

جڳ مشهور داناءَ اينجلس چيو آهي: "Things are dead by destination." (جن شين جي مقدر ۾ موت آهي، سي (ڪن ڳالهين ۾) جڻ هينئر ئي مئل آهن.) ساڳيءَ طرح ڏڳهي عرصي جي خيال کان سياڻي وجود ۾ اچڻ واري حقيقت کي اڄوڪي حقيقت ڪري شمار ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪرڻ گهرجي.

ظاهر ۽ باطن ۾، صورت ۽ اصليت ۾ اڪثر تضاد هوندو آهي. ڪيتريون شيون ظاهري طرح حقيقت نظر ايندڙون آهن. پر اهي اڪثر پنهنجي حقيقت وڃائي چڪيون هونديون آهن. هو اهي زنده لاش هونديون آهن جيڪي اڃا دفن نہ ٿيا آهن. ساڳيءَ طرح ڪيتريون زبردست حقيقتون عام اکين کان اوجهل هونديون آهن. انهن کي ڏسڻ لاءِ دوربيني ۽ خوردبينيءَ جي لوڙ پوندي آهي.

سائنسي عالمي تاريخي نقطي نظر جي دوربينيءَ ۽ صحيح سماجي ڄاڻ ۽ سمجهہ جي خوردبينيءَ سان ڏسبو تہ اڄ سموريءَ دنيا ۾ "وجاءالحق، وزهق الباطل ان الباطل ڪان زهوقا." (حق آيو، باطل تباهہ ٿي ويو، بيشڪ باطل تباهہ ٿيندڙ شيءِ آهي) وارو منظر نظر ايندو پر عام ماڻهن جون اکيون انهن حقيقتن کي في الحال ڏسي نٿيون سگهن.

حقيقت نگاريءَ جو مقصد اهو ناهي تہ ادب ۽ فن ئي ختم ڪري ڇڏجي، رڳو فوٽوگرافي ڪجي جا لازمي طرح بلڪل سطحي، هڪ طرفي ۽ بي جان هوندي. عوامي ادب ۽ فن جو مقصد عوام کي سندن زندگيءَ جو صحيح، گهرو ۽ پرپور شعور ڏيڻ آهي. اها ڳالهہ تڏهن ٿي سگهندي جڏهن ادب ۽ فن کي سندس دستوري هٿيارن يعني با مقصد وڏاءَ، مفروضن ۽ سينگار سان هٿياربند رهڻ ڏنو وڃي.

## پورهيت ادب تي اڄايو زور ڏيڻ جو ڪهڙو ضرور؟

سرمايہ دار ترقي پسند اديب ۽ وللي واويلائي اديب ٻئي ڌريون هن باري ۾ مختلف نمونن ۾ ساڳي ڳالهہ چون ٿا. هو چون ٿا تہ "پورهيت ادب تخليق ڪرڻ جي ڳالهہ

تي اجائي زور ڏيڻ جي ضرورت ڪانهي. سماج ۾ رڳو پورهيت تہ ڪونهن! ڇونہ سڀني طبقن بابت لکجي؟"

پورهيت عوام بابت، پورهيت عوام لاءِ سنڌن ئي باشعور عالمي نقطي نظر ۽ بيهڪ ڪان ادب ۽ فن تخليق ڪرڻ تي گهٽي ۾ گهٽو زور ڏيڻ ان ڪري ضروري آهي، جو دنيا جو اڄ تائين جو ادب نوانوي ڏهائي نوانوي سيڪڙو غيرپورهيت آهي ۽ ڪافي حد تائين پورهيت مخالف ادب آهي. ان ڪري باخبر ۽ باشعور پورهيت ۽ غيرپورهيت ادب جي وچ ۾ توازن سراسر پورهيت ادب جي خلاف بيٺل آهي. اهڙي بگڙيل توازن کي درست ڪرڻ عوام جي لاءِ اشد ضروري آهي.

پر اسين ڪٿي ڪهڙي بہ ڪوشش ڪريون تہ بہ موجوده حالتن ۾ اسين ان توازن کي درست ڪري نٿا اگهون.

انهن حالتن ۾ باخبر ۽ باشعور اعلىٰ پورهيت ادب جي تخليق تي جيترو گهڻو زور ڏجي سو ٿورو ٿيندو. جيڪو بہ ماڻهو عوام جي خلاف ناهي، سو ان ڳالھ کي انصاف پريو بلڪ انتهائي لازمي سمجهندو.

## اوٺنيھ راتيون چور جون هڪڙي رات شاھ جي!

بين طبقن جي جذبن، اُمنگن ۽ سندن هيرن، هيروئنن جو ذڪر تہ صدين ڪان ٿيندو اچي ۽ اڄ بہ ٿئي پيو. باشعور عوام جي هيرن ۽ هيروئنن ۽ بين مثالي ڪردارن ۽ ڪارنامن جو ذڪر ذري گهٽ ڇڻ ٿيو ئي ڪونهي. ان هڪ طرفائيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ پورهيت عوام بابت ادب ۽ سو بہ باشعور انقلابي سمجھ ۽ نقطي نگاھ وارو ادب تخليق ٿيڻ ضروري آهي.

بئي ڪندي اڳي هر ڳالھ ۾ غيرعوامي طبقن جي هڪ هٽي هئي. هاڻ صدين بعد نيٺ عوام جو وارو آيو آهي ۽ اهي آهستي آهستي هن ڌرتيءَ تي زندگيءَ جي هر شعبي تي قبضو ڪري رهيا آهن. ”اوٺنيھ راتيون چور جون هڪڙي رات شاھ جي!“ هاڻ شاھ عوام جو زمانو اچي ويو آهي. ان کي وارو ڏيڻ ۾ ڪنهن کي اَرهو نہ ٿيڻ گهرجي.

## ڇا پورهيت ادب جي معنيٰ سٽٽي نعريبازي آهي؟

عام طرح پورهيت ادب جو مطلب اهو ورتو ويو آهي تہ پورهيت ادب کي فقط پيٽ جي مسئلن تائين محدود رکيو وڃي سو بہ نهايت مشيني، بيهودي، سطحي ۽ غير

فني نموني، سونهن جي مقابلي ۾ رڳو بک تي لکجي. مانيءَ کي سونهن جو مخالف ڏيکاري، سونهن کي رد ڪجي ۽ مانيءَ جا نعرا هڻجن.

اِها اِن مسئلي ڏانهن، نهايت بي سمجهيءَ، بي علميءَ واري روش آهي. انسان کي ماني به کپي ته محبوب به. علم به کپي ته عمل به. لطيف ۽ حافظ جا شعر به کپن ته اينسٽائين ۽ مارڪس جا سائنسي نظريا ۽ کوجنائون به.

اقتصادي مسئلن سميت سمورا انساني مسئلا ادب جو جائز مواد آهن. پر رڳو رُکي، ٻُسي ۽ غير فني نموني مسئلا بيان ڪرڻ ادب ناهي. سچو ادب سيرت سان گڏ صورت به آهي. صحيح سوچ ۽ مقصد سان گڏ صحيح ڏانءُ ۽ ذات به آهي. صحيح سوچ ۽ مقصد ڪان سواءِ ادب، ادب ته آهي پر ڪوڪلو ۽ ڪوڙو ادب آهي. ساڳيءَ طرح ذات ۽ ڏانءَ ڪان خالي ڳالهيون صحيح سوچ ۽ مقصد واريون ڳالهيون ته هونديون پر انهن کي ادب ۽ فن ڪونه ڪوٺي سگهبو.

مقصد ۽ فن ۾ توازن جو مسئلو ڏکيو مسئلو آهي. پر ان کي ڪوشش سان حل ڪري سگهجي ٿو. عالمي پورهيت ادب ۾ ان کي نهايت خوبصورتيءَ، نفاست ۽ ڪاريگريءَ سان حل ڪيو ويو آهي.

## جاگيردار سرمايہ دار ادب معنيٰ جاگيردارن يا سرمايہ دارن جو جاگيردارن يا سرمايہ دارن لاءِ لکيل ادب؟

نہ. جاگيردار ادب اهو جيڪو لکيو ڪٽي هڪڙي بکئي پانگ هاريءَ هجي، پاڻ جهڙن ئي بکين پانگن لاءِ، سندن ئي باري ۾ ۽ سندن ئي ٻوليءَ ۾، پر مجموعي طرح ان جو تاثر جاگيردار طبقي جي سوچ، لاڙنِ ۽ مفادن مطابق هجي.

ساڳيءَ طرح سرمايہ دار ادب اهو ادب آهي، جو لکيو پلي سرمايہ دار نظام توڙي سرمايہ دارن کي گاريون ڏيندڙ ماڻهوءَ هجي پر شعوري يا لاشعوري طرح ان ۾ ڳالهہ اها ٿيل هجي جا سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح سرمايہ دار طبقي جي سوچ جي مطابق هجي ۽ پس پيش انهن جي حڪمت عمليءَ کي هٿي ڏئي. مثال طور، عام ماڻهن ۽ سفيد پوشن جي رڳو انهن سماجي اُمنگن ۽ جذبن جي ترجماني ڪري جن جي پوري ڪرڻ لاءِ بظاهر پورهيت انقلاب يا پورهيت اقتدار جي ضرورت نہ پوي ۽ اهي سرمايہ دار اقتدار جي حدن اندر ئي پوريون ڪرڻ جي خواهش ڏيکاريل هجي.

## ڇا پورھيت طبقي جو اديب جيڪو ادب تخليق ڪري سو پورھيت ادب چئبو؟

اسين چئي چڪا آھيون تہ حاڪم طبقن جا زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ نمائندا رڳو سندن طبقي جا نہ ھوندا آھن. ھو اڪثر گھٽو ڪم ڦريل ماريل طبقن مان پرتي ڪيل ڇاڙتن ڪان وٺندا آھن. ڦورو فوج جي اڪثريت غريب طبقن جي ھارين جي ھوندي آھي. ادب ۾ بہ ڪيترا بڪيا يانگ اديب ۽ فنڪار پيٽ پريل طبقن جون ٻوليون ٻوليندا آھن. ان جي ابتڙ ھيئن بہ ٿيو آھي تہ سفيد پوش طبقن مان بہ ڪي ڪي اديب پورھيت ادب يا گھٽ ۾ گھٽ پورھيت دوست ادب تخليق ڪندا رھيا آھن. ان ڪري پورھيت ادب جي سڃاڻپ جي ڪسوٽي رڳو لکندڙ جو پورھيت ھجڻ ناھي.

## ڇا پورھيتن سان ھمدرديءَ وارو ھر ادب پورھيت ادب سڏي سگھجي ٿو؟

ڏسڻو اھو آھي تہ اھو ادب، پورھيت طبقي جي عالمي تاريخي نقطي نظر، مفادن ۽ سندن جدوجھد جي ڀرپور ۽ اونھي سمجھ ۽ شعور جي روشنيءَ ۾ تخليق ڪيو ويو آھي يا ان بنان؟ پھرين حالت ۾ ان کي باشعور پورھيت ادب چئبو، ٻي حالت ۾ بہ ان کي پورھيت ادب تہ چئبو پر باشعور نہ بي شعور، دل جي دوڙ تي تخليق ڪيل پورھيت ادب.

پر مڪمل طرح باشعور پورھيت ادب لاءِ رڳو صحيح فطري ۽ سماجي سمجھ جي ضرورت ناھي. اھا بہ ضرورت آھي تہ لکندڙ پاڻ کي باخبر ۽ باشعور پورھيت عوام جي پوزيشن ۾ وجھي، ذھني ۽ جذباتي طرح انھن جو موقف ۽ بيھڪ اختيار ڪري، يعني خود ڌُرڌڻي بنجي، لڪي ۽ نہ ھڪ ڄاڻو ۽ سمجھو تياڪر ۽ خدا ڪارڻ جواب ڏيڻ وارو تماشائي بنجي.

## ڇا سفيدپوشن ۽ ٻين طبقن بابت ادب تخليق نہ ڪجي؟

ڇو نہ ڪجي؟ پر ھينيون ڳالھيون ذھن ۾ رکي پوءِ: (1) لکندڙ اڪثر سفيدپوش طبقي جا آھن ۽ انھن گھڻي ڀاڱي رڳو پنھنجي طبقي بابت لکيو آھي. عوام بابت لکيو اٿن تہ عوام جي باخبر، باشعور نقطي نظر ۽ موقف کان نہ پر سندن پنھنجي طبقي جي

نقطي نظر ۽ موقف ڪان. ادب تي اڳي ئي سفيدپوش طبقي بابت ۽ ان لاءِ لکيل ادب جو غلبو آهي. ادب جي ڳاڏي اڳيئي ان طبقي جي پاسي اولار تي بيٺي آهي.

(2) سفيدپوش طبقو ساڳئي وقت ٻن ابتڙ قسم جي سماجي مفادن ۽ سماجي منزلن ڏانهن ڇڪ محسوس ڪري ٿو. اهو گهڻي ڀاڱي عوام مان پيدا ٿيل آهي هيئنر به سندس گهڻي ۾ گهڻا بنيادي ۽ دائمي مفاد عوام سان گڏيل آهن. پر سندس سماجي ڪعبو قبلو ڦورو طبقا آهن جن سان گڏجي هڪ ٿيڻ لاءِ هو تڙپندو رهي ٿو. اها ڳالهه ٻي آهي ته مجموعي طور هو ڪڏهن به اها منزل حاصل ڪري سگهي ئي نٿو. سفيدپوشن جي عوام سان گڏپ وارن سماجي مفادن بابت ادب به صحيح نقطي نظر کان لکيل هجي ته پورهيت ادب جو حصو ٿي سگهي ٿو. جو ته سفيدپوش هڪ حيثيت ۾ پورهيت آهي. البت ٻيءَ ۾ هو عوام کي ڦريندڙن سان شامل ۽ ساڻن به پتيدار آهي سا ڳالهه به ڪڏهن وسارڻي ڪانهي.

بهرحال سچو باخبر ۽ باشعور پورهيت اديب سفيدپوشن بابت ته ڇا خود جاگيردار ۽ سرمايه دار طبقن بابت لکندو ته به اهو پورهيت ادب ئي چئبو. جو ته پنهنجي پورهيت نقطي نظر يا موقف جي ڪري اهو ادب، پورهيت طبقي بابت نه هوندي به ۽ انهن جي دشمنن بابت هوندي به، پورهيت عوام جي ئي نقطي نظر ۽ موقف کي هٿي ڏيندو. مثال طور گورڪيءَ جا امريڪي سرمايه دارن بابت تاثر جيڪي سنڌيءَ ۾ 'ڪروڙپتي' جي عنوان سان ڇپيل آهن.

البت بنيادي طرح پورهيت ادب پورهيتن بابت ئي هوندو ۽ انهن لاءِ ئي تخليق ڪيل هوندو. اهو بنيادي طرح پورهيت عوام جي انهن سماجي امنگن ۽ آدرشن جي ترجماني ڪندو جيڪي فقط سماجي انقلاب ۽ پورهيت انقلابي اقتدار وسيلي ئي پورا ٿي سگهن ٿا.

## ڇا وللي واويلائي ترقي پسند آهن؟

ڪيترا ئي وللي واويلائي پاڻ کي ترقي پسند سڏائين ٿا. ان لاءِ هو ڪئين پراڻيون سندون ۽ انعامي ٻلا ڪڍيو ڏيکارين. ڇا هو واقعي ترقي پسند آهن؟

جيڪي شيون يڪيون ۽ سچيون ساريون نظر اچن ٿيون سي فقط ٻاهران ۽ پري کان ائين نظر اچن ٿيون. حقيقت ۾ اهي گهڻن ابتڙ ۽ پاڻ ۾ وڙهندڙ ڄُزن جون نهيل هونديون آهن.

هر بيءَ شيءِ وانگر، ادبي ۽ فني تحريڪون به، ابتڙن جي ميلاپ ۽ پاڻ ۾ ويڙهه جي پيداوار آهن. اهي به ان ويڙهه جي نتيجي طور پنهنجون خاصيتون ۽ مقدار بدلائين ٿيون. جيڪي شيون شروعات ۾ ترقي پسند هيون سي حالتن جي تبديليءَ سان گڏ آهستي آهستي پنهنجو روپ بدلايو پنهنجي ابتڙن ۾ بدلجي سگهن ٿيون. ترقي پسند ادب جي تحريڪ هڪ گهڻ طبقاتي ادبي گڏيل محاذ هو جنهن ۾ ٿورا سماجي سُرت ۽ سمجهه رکندڙ پورهيت اديب به هئا ۽ گهڻا سرمايه داري لاڙا رکندڙ توڙي موقعي پرست ۽ ابن الوقت ماڻهو به هئا.

جنهن دور ۾ عوام جي جدوجهد چاڙهه ۾ اچي ٿي ۽ ترقي پسنديءَ ۾ عزت آبرو ۽ فائدا آهن، تڏهن موقعي پرست اديب ترقي پسنديءَ جا سيني کان وڏا پڳڙ ٻڌيو، اسٽيج تي سيني کان اڳ اچيو، براجمان ٿيو وهن، ۽ پاڻ کي ترقي پسنديءَ جا واحد نمائندا ۽ چوڌري ڪريو مشهور ڪرائين.

پر جڏهن اها لاٽ ۾ اچي ٿي، ته هي رات وچ ۾ بدلجيو ماڻهو ئي ٻيا ٿيو پون. جڻ ترقي پسنديءَ نالي ڪنهن شيءِ جا واقف ئي ناهن!

سموري ملڪ جي ابن الوقت سابق ترقي پسندن جي اها حالت آهي. اڄ هو ساڏن سان سنمک، پئنچن سان پورا ٿيا وينا آهن. ”ماسي ورائِي، دم پنهنجِي دم پرائِي.“

سنڌ ۾ به اڄ ڪيترا سابق ترقي پسند موقعي پرست ادبي چوڌري، موقعي پرستن جي ازلي آئين ۽ دستور مطابق، پنهنجي ادبي دڪانن تي ترقي پسنديءَ جا پراڻا بورڊ ٽنگيو، انهن هيٺ پنهنجي دڪانن کي زندگيءَ کان مايوسيءَ جي مکين جهنگيل زوالي مال سان سٽيو، مڇون وٽيو، مجمعا لڳايو وينا آهن ۽ ترقي پسند ۽ بامقصد عوامي ادب تي ٺٺوليون ڪندي ۽ مٽس نعريبازيءَ جا الزام هڻندي، وات ئي گڏ نٿو ٿئين. اهڙي قسم جا ماڻهو حقيقي طرح نه اڳ ترقي پسند هئا ۽ نه اڄ آهن.

## باب اٺون

# ماضيءَ جو ادب

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.
(لطيف)

عوام دشمنن هميشہ پنهنجي دور جي هر سچائيءَ ۽ ترقي پسنديءَ جي چِٽي مخالفت پئي ڪئي آهي. اها مخالفت ”اڄ“ جي ڪوڙ، ناحق ۽ رجعت پرستيءَ جي وسيلي بہ ڪئي اٿن ۽ ”ڪالهہ“ جي مدي خارج سچائيءَ ۽ سابق ترقي پسنديءَ سان بہ ڪندا رهيا آهن.

هو هميشہ ڪالهوڪي سچ، ڪالهوڪي حق ۽ ڪالهوڪي ترقي پسنديءَ تي زور ڏيندا ۽ ان کي اڄوڪي سچ، اڄوڪي حق ۽ اڄوڪي ترقي پسنديءَ ۽ انقلاب کي دٻائڻ لاءِ ڪڙو ڪندا رهيا آهن. بلڪل ائين جيئن ڪالهوڪي ڏاڍي مڙس ڪان پوليسَ پڳيءَ، پيراڏي ۽ دلال جو ڪم وٺندي آهي.

جڏهن ڪالهہ ”اڄ“ هو ۽ جڏهن ڪالهوڪي ترقي پسندي، ان وقت جي ”اڄ“ جي ترقي پسندي هئي، تڏهن اهي ساڳيون سماجي قوتون، جيڪي اڄ انهن جي ساراهہ مان نٽيون ڊاپن، سي ڪات کهاڙا کڻي، سندن پويان پيل هيون.

اڄ عوام دشمن چون ٿا ”ڇا جو عوامي ادب، ڇا جو عوام دشمن ادب؟ ڪهڙو پورهيتن جو ادب، ڪهڙو سرمايہ دارن ۽ جاگيردارن جو ادب؟ ادب ادب آهي. دنيا جا عظيم ادب ڏسو! هر قسم جي ماڻهن ان کي لکيو آهي. غريب ڪان غريب ۽ شاهوڪار ڪان شاهوڪار اديبن ان کي لکيو آهي. پر مجال آهي، جو ان ڪري ڪو تر جو بہ فرق پوي؟ عظيم ادب عظيم آهي. چاهي ان کي غريب لکيو هجي يا شاهوڪار. ادب ۾ اهو غريب شاهوڪار، سرمايہ دار پورهيت جو ڏقيڙ وجهڻ جهالت ۽ بيهودگي آهي.“

عوام جو دشمن هڪڙو ٽولو نہ، گهڻا ٽولا آهن. جيڪڏهن سُرت نہ ڪبي تہ ماڻهو هڪڙي دشمن جي ڳالهين ڪي منهن ڏيڻ ۾ اهڙو محو ٿي ويندو ۽ اهڙيون ڳالهيون ڪري ويهندو، جو هڪڙي دشمن ڪان پاڻ بچائيندي ٻين دشمنن جو آسان شڪار ٿي

پوندو. هڪڙي ٽولي جي وچايل ڪوڙڪيءَ کان پاڻ بچائيندي، ازخود ٻين ٽولن جي وچايل ڪوڙڪين ۾ ڦاسي پوندو!

جاگيردار رجعت پرست ادبي ٽولو سدائين فرمائيندو رهندو آهي تہ ”فقط ’پنهنجو‘ يعني جاگيردار رجعت پرست ”ادب“ پڙهو! ’پرائو‘ يعني ترقي پسند سرمايہ دار ادب يا پورهيت ادب نہ پڙهو. اهو امريڪا، يورپ، روس ۽ چين وارن ڪافرن جو ادب آهي. ان سان پنهنجو ڪهڙو واسطو؟“ ان جي جواب ۾ ترقي پسند چوندا آهن تہ ”ادب نہ ’پنهنجو‘ ٿيندو آهي نہ ’پرائو.‘ ادب سڄي دنيا جي انسانن جي، سموري انسانيت جي گڏيل ميراث آهي.“

جاگيردار رجعت پرستن جي اٿاريل دليلن جي جواب جي حد تائين اهو جواب صحيح آهي. پر مڪمل طرح ۽ غيرمشروط طرح صحيح ڪونهي. مثلاً ماضيءَ جي ادب ۽ فن کي وٺو.

## ماضيءَ جو عظيم ادبي ورثو

هنجن سين هيڪار، جي ڳڻ ڪري نهارئين،
تہ لڳن سين ٻيهار، ٻيلهہ نہ ٻڌي ڪڏهين.

(لطيف)

اسان جو ”هينئر“، ”اڳ“ جي پيڙهہ تي بيٺل آهي. هن دور جو پورهيت توڙي ٻيو اعليٰ ادب، ماضيءَ جي اعليٰ ادب جي پيڙهہ تي بيٺل آهي. ان پيڙهہ کان سواءِ اهو هرگز تعمير ٿي نہ سگهي ها.

ماضيءَ جي انسان دوست، روشن خيال ۽ ترقي پسند ادب انساني تاريخ ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن جي ڪري انسان ذات ان جي جائز طرح ٿورائتي آهي ۽ سدائين رهندي.

ماضيءَ جي ادب کان تنقيدي نموني پر توجہ ۽ احترام سان سکڻ کان سواءِ ڪوبہ اديب صحيح معنيٰ ۾ اعليٰ عوامي ادب تخليق ڪري نٿو سگهجي.

ماضيءَ جي انسان دوست، روشن خيال ۽ ترقي پسند اديبن ۽ فنڪارن پنهنجين حدبندين، نقصن ۽ اڻ پوراين جي باوجود، ادب ۽ فن تخليق لاءِ ڏاڍا ڪشالا ڪيا ۽ ڏک ڏٺا آهن. ڪيترين حالتن ۾ هنن وڏيون قربانيون ڏنيون آهن.

# جيئرا جاڳندا معجزا

هنن مان ڪي اهڙا بہ هئا جن جي تخليقي فتحن ۽ ڪارنامن اڳيان جوليس، سيزر، سڪندر اعظم، چنگيز، تيمور ۽ نيپولين جهڙن جون فتحون هيچ هيون. هنن پنهجي وقت، پنهنجي طبقاتي، ملڪي ۽ قومي سوچ ۽ سمجهہ جي حدن اندر، فن جا اهي تاج محل اڏي ڇڏيا آهن، جن جي سونهن ۽ عظمت، هر ڳالهہ جي باوجود، ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي. هنن پنهنجي وقت جي هماليہ جي چوٽين کي سر ڪري ڇڏيو آهي ۽ ستارن تي ڪمند وڌا آهن. هنن اهڙا جيئرا جاڳندا معجزا ڏيکاريا آهن، جيڪي هر نسل کي اچرج ۾ وجهندا رهندا. هي ماڻهو انسانيت جو سينگار ۽ هن ڌرتيءَ جو مرڪ هئا. ڌرتيءَ جا پٽ ۽ ڌيون هميشہ سندن ياد کي احسانمنديءَ جي آلاڻ سان پريل اکين سان ۽ احترام ۽ شڪرگذاريءَ وچان جهڪيل ڪنڌن سان، نمي سلام ڪندا رهندا.

ماضيءَ جي اديبن ۽ فنڪارن زندگيءَ جون جيڪي لکين ڪروڙين، اڪثر اڻ پوريون، هڪ طرفيون، پر گوناگون جهلڪون اسان کي ڏيکاريون آهن، انهن سمورين گڏجي، چندجي چاڻجي، ڇاڻ، سمجهہ ۽ ڏاهپ جي داڻن ڪڻن جا ايڏا انبار گڏ ڪري ڇڏيا آهن، جو جيڪڏهن اسين انهن کي جانچي ڏسون، صاف ڪريون ۽ وري تنقيدي ۽ تخليقي نموني پوکيون تہ ”ڪڻن مان ڪيچ“ واري حساب سان اسان وٽ ڪيچ پچي پون.

دنيا جو اعلىٰ ادب اسان جو اهڙو بي بها ورثو آهي، جنهن جي تنقيدي چندڇاڻ ڪرڻ، ان کي وڌائڻ ويجهائڻ ۽ ان مان پورو پورو تخليقي نفعو حاصل ڪرڻ اسان جو مقدس عالمي تاريخي فرض ۽ اعزاز آهي.

انهن ڳالهين جي باوجود اها ڳالهہ هرگز نظرانداز ڪرڻي ناهي تہ ماضيءَ جو ادب عوام لاءِ تمام گهڻين غلط ۽ نقصانڪار ڳالهين سان بہ ڀريل آهي.

ماضيءَ جي ادب ۾، ڪافي حد تائين، خود ماضيءَ جي عظيم ادب ۾ بہ، انساني سماج جي سڀ کان وڏين ۽ بنيادي حقيقتن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. سماجي تاريخ جي هڪڙي پاسي سڀ کان نيچ ۽ ظالم ۽ ٻئي پاسي سڀ کان عظيم ۽ نيڪ ڪارنامن تي ۽ سڀ کان اهم سماجي لاڙن ۽ تحريڪن تي پردو وڌو ويو آهي ۽ انهن بابت خاموشي اختيار ڪئي ويئي آهي. انهن جي جاءِ تي عام طرح ڏهين درجي جي معمولي ڳالهين کي کنيو ويو آهي ۽ ڪين حد کان وڌيڪ اهميت ڏني وئي آهي.

ماضيءَ جي ادب مجموعي طرح عوام کي پنهنجي مدد کان محروم رکيو آهي ۽ سندس دشمنن جي خدمت ڪئي آهي.

ان جا مکيہ سبب هئا اڻ ڄاڻائي ۽ مجبوري. اڻ ڄاڻائي اِها، جو ماضيءَ جو ادب عام طرح سماج بابت نهايت هڪ طرفي، متاڃري، سطحي، قياسي، گهٽي ياڳي غلط ۽ گمراهہ ڪندڙ ڄاڻ ۽ سمجھ جي آڌار تي تخليق ڪيل هو.

## ماضيءَ جو ترقي پسند ادب

خود اهو ادب جنهن کي اسين اڄ ماضيءَ جو ترقي پسند يا عظيم ادب چئون ٿا، اهو بہ ابتڙن جي ميلاپ ۽ ويڙهہ جي پيداوار هو. اهو يڪو، سچو سارو ترقي پسند ۽ عوام دوست ڪونہ هو.

گذريل زمانن جا جيڪي عظيم اديب ۽ فنڪار پنهنجي دور ۽ پنهنجي نظام جي ترقي پسند لاڙن جا ترجمان ۽ وڪيل هئا تن جون تخليقون ان وقت جي حالتن ۾ رجعت پرست تخليقن جي ڀيٽ ۾ ڪٽي ڪيتريون بہ اڳيريون ۽ ترقي پسند هيون پر تڏهن بہ اهي پنهنجي دور ۽ پنهنجي سماجي نظام ۽ پنهنجي حاڪم طبقن جي سوچ، سمجھ، لاڙن ۽ آدرشن کان قطعي طرح آجيون هرگز ٿي نٿي سگهيون.

اهڙو ڪوبہ اديب، فنڪار يا دانشور ڪونهي جيڪو پنهنجي دور جي سوچن، لاڙن ۽ آدرشن کي صفا ڇڏي رڳو ايندڙ زمانن جي سوچن، لاڙن ۽ آدرشن کي اختيار ڪري سگهي. اديب ۽ فنڪار ڪهڙو بہ باڪمال هجي ۽ ڪيڏو بہ دورانديش ۽ آئيندي جا خواب ڏسندڙ هجي پر سندس تخليق تي ڪنهن نہ ڪنهن انداز ۾ پنهنجي دور، پنهنجي سماجي نظام ۽ پنهنجي دلپسند سماجي گروهن ۽ طبقن جي سوچن ۽ آدرشن جون مهرون ضرور لڳل هونديون.

اڪثر عالمي شاهڪار پنهنجي سموري عوامي مقبوليت، ڪمال ۽ عظمت جي باوجود، بنيادي طرح هڪ خاص رنگ ۽ ڍنگ ۾ ڪن خاص طبقن ۽ گروهن جي ادبي ۽ فني مفادن جي ترجماني ڪن ٿا.

## ڪنهن جي بازار پيئي لڳجي؟

جيڪي واقعي وڏا فنڪار آهن اهي پنهجي ذاتي ۽ پنهنجي دلپسند طبقاتي سوچن ۽ لاڙن سان گڏ سماج جي ٻين طبقن جي پسند جي ايتري وسيع ۽ قابليت واري ترجماني ڪن ٿا جو سواءِ تمام قابليت ۽ باريڪ بينيءَ واريءَ تپاسي جي، اهو معلوم ئي ڪونہ ٿي سگهندو تہ هو حقيقت ۾ بنيادي طرح ڪهڙن طبقن جي سوچن، لاڙن ۽ قدرن جي ترجماني ۽ وڪالت ڪري رهيا آهن. اهي وڏا فنڪار بي پناهہ فني ڏانءَ ۽ ڏات کان سواءِ

هن جهان ۽ زندگيءَ بابت هڪ وسيع ۽ گهرو عالمي نقطي نگاهه پڻ رکن ٿا. سنڌن پيٽ ۾ عام پڙهندڙ جو عالمي نقطي نظر تنگ ۽ محدود آهي. ان ڪري سنڌن ڏات ۽ وسيع عالمي نقطي نظر جي ميلاپ مان جيڪي تخليقون نهن ٿيون سي پڙهندڙن جي دل ۽ دماغ ۾ ڪاٽ هٽي ڪيس پاڻ تي فدا ڪريو ڇڏين.

هڪ تہ اڻ لَکي ڪاٽ ڪري بيو تہ پڙهندڙن جي اڻ ڄاڻ ۽ اڻ تربيت يافتہ هجڻ ڪري عام پڙهندڙن ڪي ورلو ڪو اهو سماءُ پئجي سگهي ٿو تہ فلاڻيءَ عظيم تخليق ۾ ڪهڙي گروهه يا طبقي جي سماجي ۽ عالمي نقطي نظر جي ترجماني ۽ وڪالت ڪئي ويئي آهي ۽ ان ۾ ڪهڙا ڪهڙا جزا صحيح ۽ عوام دوست آهن ۽ ڪهڙا غلط ۽ عوام دشمن. جهڙي ريت ڪنهن سٺي بورچيءَ جي رڌل طعام ڪي ڪائي، ماڻهو رڳو وات چٽيندو رهجي ويندو آهي ۽ اڪثر ڪيس اها خبر ئي ڪانہ پوندي آهي تہ هي ڪاڏو ڪهڙين شين مان نهيل آهي ۽ اهي سندس صحت واسطي ڪيتريقدر فائديمند يا نقصانڪار آهن، تهڙيءَ طرح، سواءِ ڪن ٿورڙن تمام ڄاڻو پڙهندڙن جي، ٻين ڪي اهو سماءُ ئي ڪونہ پوندو آهي تہ هن تخليق ۾ ڪهڙي سماجي سوچ جو مال مصالحو آهي. ۽ هن ۾ ڪنهن جي بازار پيئي لڻجي؟ هو رڳو ان جي ڳالهہ ڪرڻ جي ڍنگ ۽ ٻين فني ۽ فڪري چاشنين ۾ ئي گم ٿي ويندا آهن.

خود اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي دور ۾ تہ ڇا سيني دورن جا عجائب بنجي ويا آهن، انهن جي سوچ تي بہ غور ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ ڪيترين نهايت اهم ڳالهين ۾، اڄ جي حساب سان، اهي اڄ جي معمولي کان معمولي ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ بہ قدامت پرست ۽ مدي خارج ٿي چڪا آهن. سنڌن ڪُجھ خيال انسان ذات لاءِ نهايت نقصانڪار ٿي چڪا آهن بلڪ ان وقت بہ هئا پر ماڻهن کي ان وقت ان جو سماءُ ئي نٿي پيو!

مثلاً ارسطو، سقراط ۽ افلاطون ڪير سڏائي؟ الڪندي، فارابي، غزالي، بوعلي سينا، ابن رشد، ابن خلدون ڪيئن ٿا ڀانيو؟ خود فردوسي، حافظ، عمرخيام، ڪاليداس، شيڪسپيئر کان وٺيک سنڌن دور جو روشن خيال ۽ انسان دوست ڪو ٿيو؟!

## ارسطو، ولبر فورس ۽ اڄ جو نئيو ٻار!

پر انهن سيني جي عظيم ادبي ۽ فڪري شاهڪارن ۾ ڪا هڪڙي سٽ بہ غلاميءَ جي نظام جي خلاف تہ ڪڍي ڏيکاريو؟ اهي سڀ ويچارا پنهنجي دور ۽ پنهنجي وقت جي سماجي نظام جي سماجي فڪرن جي حدن کي اورانگهي، اهو تصور بہ نٿي ڪري سگهيا تہ ماڻهو، ماڻهوءَ کي ذاتي طرح ۽ ٻارن ٻچن سميت غلام بنائي ڍورن ڍڳن وانگر

وڏيس تہ وهائي، وڏيس تہ سنڌن سودا ڪندو وتي، اها ڳالھ ڪا ظلم جي ڳالھ آهي! هو غلاميءَ جي نظام کي ختم ڪرڻ لاءِ آواز اٿارڻ جو سوچي بہ نٿي سگھيا.

ولبرفورس ۽ ٻيا جن غلاميءَ جي نظام خلاف انگلنڊ، امريڪا ۽ يورپ ۾ جدوجهد ڪئي، سي علمي، ادبي ۽ فڪري طرح مٿين عظيم هستين جي پيٽ ۾ جڻ ڪجھ بہ ڪونہ هئا. پر ڳالھ دور ۽ نظام جي آهي. هُنن کي سنڌن دور ۽ سماجي نظام هڪ خاص حد کان اڳتي سوچڻ ئي نہ ڏنو. ولبرفورس وارا ان دور ۽ نظام ۾ آيا جيڪو دور ۽ جيڪو نظام اڳين دورن ۽ نظامن جي پيٽ ۾ گھڻو اڳتي هو جنهن جي ڪري غلاميءَ جو نظام مدي خارج بنجي چڪو هو.

اڄ جي هڪڙي ننڍڙي ٻار کي بہ خبر آهي تہ ماڻهو طرفان ماڻهوءَ کي غلام بڻائڻ گندو ڏوھ آهي. ان حساب سان سماجي فڪر جي ڪسوٽيءَ تي اڄوڪو ٻار بہ غلاميءَ بابت سوچ ۾ مٿين سمورين يگانين هستين کان کي زمانا اڳتي آهي!

ٿامس هارڊي، ٽالسٽاءِ ۽ ٽيگور وغيره ڪيئن ٿا ڀانيو؟ پر سنڌن ادب مان جيڪو سبق ملي ٿو سو آهي رضا تي راضي رهڻ ۽ تقدير تي ڀاڙڻ، ويڙھ کان پاڻ بچائڻ. اديب تہ جبل جيڏا پر سنڌن ادب جو تت اڄ ڪهڙو ماڻهو قبول ڪندو؟ ڪير چوندو تہ عوام لاءِ اهو سبق فائديمند آهي؟ اهو سبق ڪهڙن طبقن کي فائدو ڏئي ٿو، سا ڳالھ اڄ هرڪو سمجھي سگھي ٿو!

## ادبي بت!

اڳ جي ادبي هستين جي تخليق جي عوام جي نقطي نگاھ کان ڇنڊڇاڻ نہ ٿيڻ ڪري ڪيترن کي ڏنو ويندو تہ اهي سڪٽا بت آهن. سنڌن انڌي پوڄا پيئي ٿئي. درحقيقت اها پوڄا حاڪم طبقن جا ادبي ۽ فني دلال ٿا ڪرائين.

انهن نام نهاد عظيم هستين مان گھڻ جيترا عوام جي نقطي نظر کان، خود سنڌن دور ۾ بہ، تمام قدامت پرست، پوئتي پيل ۽ عوام جا مخالف هئا.

ڪيترا ”وڏا“ بنايل اديب پنهنجي ڳالھ کي ٺاهڻ لاءِ اهم سماجي مسئلن بابت نهايت هڪ طرفيون، غيرذميواريءَ واريون، نقصانڪار ۽ گمراھ ڪندڙ ڳالهيون ڪري ويا آهن. پڙهندڙن جي ابوجهائيءَ ۽ اڻ ڄاڻائيءَ جو ناجائز فائدو وٺي سهڻيءَ، دلفريب ۽ چرڪائيندڙ ٻوليءَ، نهايت فصاحت ۽ بلاغت سان، اهي نسورا زٽ ۽ ٻڙ هڻي ويا آهن. اهي جعلي ”دانائيءَ“ ۽ ”تجربي“ جا نڪتا هو اهڙي پيغمبري شان سان ڪري ويا آهن، جڻ مٿن ڪو وحي لٿو هو.

اھو ڏنڊو اڄ تائين چالو آھي. سنڌي ادب جو جائزو وٺبو تہ مختلف دورن جي ادب ۾ اھڙا موتي ڪيترن ئي ھنڌن تي پکڙيل نظر ايندا!

## سو فيصدي ترقي پسند تخليق

جيڪا ماضيءَ جي تخليق ڪالھہ ڪالھوڪي ماحول ۾، سو فيصدي ترقي پسند ھئي سا بہ ضروري ناھي تہ اڄ اسان جي ماحول، دور ۽ نظام جي حساب سان بہ، ترقي پسند ھجي.

ان جي خوبين مان سکبو، سندس اڳوڻي ترقي پسند سماجي سيرت ۽ ڪردار کي سڃاڻبو ۽ تسليم ڪبو ۽ اڳوڻي زماني جي سلسلي ۾ انھن کي ساراھبو. پر اڄوڪين حالتن ۾، نہ رڳو انھن جي ساراھ نہ ڪبي ۽ ماڻھن کي انھن ڪان متاثر ٿيڻ لاءِ آماده نہ ڪبو، پر انھن جي ڇنڊڇاڻ ڪري سندن چڱايون ۽ مدايون نروار بہ ڪبيون.

## عوامي ٻولي ۽ عوامي انداز واريون تخليقون

جيڪي تخليقون عوامي انداز ۾ عوام لاءِ سندن ئي دلپسند ٻوليءَ ۾ لکيل ھجن سي بہ لازمي ناھي تہ عوام دوست ۽ ترقي پسند ھجن. ڪيتريون بدترين عوام دشمن تخليقون نھايت دلنشين نموني وڏي ذات ۽ ڏانءَ سان لکيل آھن.

اھڙين عوام دشمن تخليقن ۾ جيترو ڏانءُ ۽ ذات وڌيڪ ھوندا، اھي جيتريون اثرائتيون ۽ مقبول ٿينديون، اوتريون ئي اھي وڌيڪ پنھنجو زھريلو عوام دشمن اثر ڦھلائي عوام کي نقصان پھچائينديون.

## پيشو تہ مون وارو! پر قدر ڪونھي!

اڪثر ماڻھو جنھن بہ ڳالھہ ۾ پيڙ ھوندو آھي تنھن بابت سمجھندو آھي تہ دنيا ۾ آھي ئي اُھا ڳالھہ. جي ذات آھي تہ بہ اُھا، جي ڄاڻ آھي تہ بہ اُھا، جي نيڪي آھي تہ بہ اُھا، مطلب تہ سڄيءَ ڪائنات جي تخليق جو مقصد ئي جڻ رڳو اُھا ڳالھہ آھي. سينٽرل جيل حيدرآباد جو جلاد خواص خان اڪثر چوندو ھو تہ ”سائين! ڦاسي ڏيڻ ڪو ھرڪنھن للوءَ پنجوءَ جو ڪم ناھي! ڪيترا ماڻھو اھڙا نالائق ھوندا آھن جو اڌ ڪلاڪ کين ٽنگي وري ڪٽي لاھي ڏس تہ اڃا بہ پيا ڇُرن پُرن! ھاڻ وري چاڙھڻ تہ ٿي خواري! آءٌ پنھنجي ھٿ سان انھن جو ڳاٽو مروٽي ڇڏيندو آھيان! جيل ۾ فساد ٿين تڏھن بہ ائين! جھيڙي مھل

ڪو فسادي قيدي ھٿ چڙھي وڃي تہ ماٺ منيءَ ۾ ان جو ڳاٽو مروٽي ڇڏيندو آھيان! پر قدر ڪونھي!“

پنھنجي پيشي ۽ ڪرت بابت اھڙي قسم جا خيال ھر ڪرت ۽ پيشي وارن ماڻھن ڪي ھوندا آھن. ھرڪو پائيندو تہ ”پيشو تہ مون وارو. ٻيون نلھيون ڳالھيون! پر قدر ڪونھي!“

اڪثر اديب ۽ فنڪار بہ پائين ٿا تہ ”ڪائنات ۾ جيڪي آھي سو رڳو ادب ۽ فن. اھي پاڻ مراديون پيدا ٿيل قدرتي چيزون آھن. اھي ئي نيڪيءَ، سونھن، سچائيءَ ۽ تخليق جا سرچشما آھن. اھي ڪنھن بہ ٻيءَ شيءِ جون پيداوار ناھن. ڪنھن ٻيءَ شيءِ ڪان متاثر نہ ٿيون ٿين. ڪنھن بہ ٻيءَ شيءِ تي انھن جو دارومدار ڪونھي. ڪنھن بہ ٻيءَ شيءِ سان ڳنڍيل ناھن. بس يڪي سر پاڻ آھن. ازلي ۽ ابدي آھن، عالمي ۽ آفاقي آھن.“

ان باري ۾ اديبن ۽ غيراديبن جي وچ ۾ فرق رڳو اھو آھي تہ اڪثر ٻين ڌنڌن ۽ ھنرن وارا ماڻھو اھي وھم گھٽي پاڳي پاڻ تائين محدود رکڻ تي مجبور آھن پر اديب ۽ فنڪار انھن وھمن ڪي عوام ۾ ڦھلائين ٿا. ڪين جيئن تہ ڳالھ ڪرڻ جو ڏانءُ ۽ ڏات آھي ۽ ھو ٻين ڪي ھڪدم متاثر ڪرڻ جا بادشاھ ٿين ٿا، تنھنڪري ھو پنھنجي ان گمراھ ۽ ھوائي سوچ ڪي عوام ۾ ڦھلائڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا. ھڪڙي ڏاھي جو قول آھي تہ ”پڙھيل احمق جاھل احمق ڪان وڌو احمق ٿئي ٿو.“ پڙھيلن جون ڦھلايل اھي گمراھيون ۽ وھم اڻ پڙھيلن جي ڦھلايل وھمن ۽ گمراھين ڪان وڌيڪ جھالت ۽ گمراھي ڦھلائين ٿيون.

## ادب ۽ فن جا عالمي ۽ آفاقي قدر

چڱيءَ طرح ويچار ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري ڏسبو تہ خبر پئجي ويندي تہ ادب ۽ فن جا عالمي ۽ آفاقي قدر ۽ اصول بہ حقيقت ۾ اھڙا قطعي ۽ آخري طرح عالمي ۽ آفاقي ناھن. نہ وري اھي ادبي ۽ فني ميدان ۾ ھلندڙ طبقاتي ويڙھ ۾ اھڙا ڪي غيرجانبدار قدر يا اصول ئي آھن.

ادب ۽ ثقافت جي ميدان ۾ سيني طبقن جي وچ ۾ مفادن جون ڪي ھڪجھڙايون آھن تہ ڪي تضاد بہ.

ادب ۽ فن جي عالمي ۽ آفاقي قدرن جا اصطلاح فقط محدود ۽ نسبتي معنیٰ ۾ صحيح ٿيندا. ھونئن نہ. انھن مان مراد مادي ۽ روحاني قدرن ۽ مفادن جون اھي ھڪجھڙايون آھن، جيڪي تاريخ جي ھر دور جي روشن خيال ادب جي وچ ۾ ھميشہ

رهيون آهن. پر انهن هڪجهڙاين کان سواءِ انهن جي وچ ۾ تضاد بہ سدائين موجود رهيا آهن. اهي هڪجهڙايون ۽ تضاد هر دور، هر سماجي نظام ۽ هر طبقي جي فني ۽ ادبي قدرن ۽ لاڙن جي وچ ۾ آهن. اڳئين دور جي روشن خيال، ترقي پسند ۽ انقلابي ادب ۽ فن جي وچ ۾ ساڳيءَ طرح هڪجهڙايون ۽ تضاد آهن.

ادبي ۽ ٻين سماجي قدرن جي آفاقيت انهن قدرن جي سماجي سيرت جو فقط هڪڙو پاسو، حقيقت جو فقط هڪڙو تہ ۽ پريان نظر ايندڙ ٻاهريون ڏيک آهي. اندروانڊر، حقيقت مختلف ٻلڪ ابتڙ آهي. ان حقيقت جو ٻيو ۽ وڌيڪ اهم پاسو انهن قدرن جو پاڻ ۾ ٽڪر ۽ مقابلو آهي.

آفاقيت صدين جي ادب جي پاڻ ۾ عام هڪجهڙائيءَ ۽ ميلاپ واري پاسي جي ترجماني ڪري ٿي. هر دور ۽ هر طبقي جي ترجماني ڪندڙ ادب ۾ پنهنجون پنهنجون نراليون ۽ خاص وصفون ۽ خاصيتون بہ آهن. اهي آفاقي قدرن جي پوش هيٺ لڪل آهن ۽ پنهنجي جاءِ تي موجود آهن. ان ڪري هر ادبي تخليق ساڳئي وقت آفاقي ادب ۽ قدرن جي ميلاپ ۽ پڻ انهن جي پاڻ ۾ ويڙهہ جو روپ ۽ سندن عموميت ۽ خصوصيت جي صورت آهي. انهن قدرن جي وچ ۾ هلندڙ ويڙهہ جو پاسو اول ۽ حاوي آهي ۽ ميلاپ ۽ هڪجهڙائيءَ جو پاسو ثانوي ۽ ماتحت آهي.

انهن مان ڪنهن بہ هڪ پاسي کي (Absolutize) ڪبو ۽ قطعي ۽ آخري سمجهبو تہ حقيقت جي پروڙ جو توازن بگڙي پوندو ۽ اسان جي ڄاڻ غلط ٿي پوندي.

ادبي قدرن جي آفاقيت بہ انساني سماجي قدرن جي آفاقيت (Universality) وانگر آهي. مثال طور انساني سماج جو اهو هڪڙو آفاقي قدر آهي تہ "بني آدم اعضائي يڪديگرند." "انسان هڪٻئي جا عضوا آهن." هڪ معنيٰ ۾، هڪ سطح ۽ هڪ حد تائين اها ڳالهہ صحيح آهي، پر اسين روزمره جي زندگيءَ خواهہ انساني تاريخ ۾ ڏسون ٿا تہ اهو قدر نسبتي آهي ۽ ڪلي ناهي، اهو فقط مخصوص حالتن ۽ حدن اندر صحيح آهي ۽ پنهنجي اندر ۾ اها بنيادي حقيقت لڪايو وينو آهي تہ هڪڙا انسان ٻين جا ماري آهن. مارين ۽ مرندڙن جي وچ ۾ جڳ روزازل کان وٺي جنگ هلي رهي آهي. جيستائين ان جنگ ۾ انسانن جي وڏي اڪثريت جي سوڀ نہ ٿي آهي، تيستائين آدم جا ٻچا هڪٻئي جا عضوا ٿي ئي ڪونہ ٿيندا.

طبقاتي سماج ۾ هر قسم جا آفاقي قدر تمام محدود معنيٰ رکن ٿا. في الحال اهي رڳو هڪ سماجي خواهش ۽ آدرش جي حقيقت رکن ٿا. جيئن تہ عالمي ۽ آفاقي قدرن جو تصور نسبتي تصور آهي قطعي ناهي، تنهنڪري انهن ۾ گهٽ وڌائي ٿيندي رهندي

آهي. سماج جا ڪيترا ”عالمي ۽ آفاقي“ قدر درحقيقت تنگ ۽ عارضي طبقاتي قدر ثابت ٿيا آهن. مثلاً اڳي اهو هڪڙو طيءِ ٿيل عالمي سماجي قدر سمجهيو هو تہ گولو ۽ غلام ذليل آهي، بي وفا آهي، نيچ آهي. ۽ ٻيا ڪئين ڀهاڪا ۽ چوٽيون ان ”عالمي آفاقي“ ”سچائيءَ“ جي تائيد ۾ چيل آهن. فردوسيءَ جهڙي ماڻهوءَ بہ چيو آهي:

”پرستار زاده نيايد بڪار!“

(گولي جو پٽ ڪنهن بہ ڪم نہ ايندو) ...

پنهنجي پر ۾، هن جي نظر ۾، ان ڪان وڏي دليلن ڪان بي نياز سچائي ٻي ٿي نٿي سگهي. پر اڄ اسان کي خبر آهي تہ ذليل، بي وفا ۽ نيچ دراصل ڪير هئا ۽ آهن ـــ غلامدار يا غلام!

جيئن جيئن انسان ترقي ڪندو هلي تيئن تيئن نوان عالمي ۽ آفاقي قدر نهندا رهن ٿا ۽ نهندا رهندا ۽ ڪي پراڻا رد ٿي ويندا رهن ٿا.

تنهن ڪان سواءِ انهن قدرن جي ظاهري شڪل صورت بظاهر ساڳي رهندي بہ انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم ۽ حقيقي استعمال ۾ هميشہ فرق بلڪ تضاد پئي رهيو آهي. هر طبقي، گروهہ هر ”آفاقي“ قدر کي پنهنجي خاص مفاد جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي ۽ ان موجب انهن جون فوقيتون (Priorities) مقرر پئي ڪيون اٿس.

## باب نائون

# دنيا کي ليک!

ڪوه تو ڪاڳر ڪورئين؟ وينو وجائين مس!
(لطيف)

امريڪا ۽ يورپ جا سماجي طور جاھل، ذھني مريض ۽ پاڻ پوڄيندڙ زوالي اديب ۽ فنڪار پنھنجي گندين ۽ سڙيل سوچن ۽ وھمن جي مُٺ ۾ جيڪا مانڌاٽي وجھيو بيٺا آھن تنھن افريقا، ايشيا ۽ لاطيني امريڪا جي سرمايہ دار طبقي ڌانھن مائل (پيٽ پريل توڙي بکين پانگ) اديبن کي بہ تمام گھڻو متاثر ڪيو آھي. انھن مان نيپال جي، سلمان رُشدي (مصنف ”آڌي رات جا ٻار“ وغيره) جھڙا تہ بين الاقوامي زوالي ۽ اوچنگاري برادريءَ جي مٿي جا موڙ بنجي ويا آھن.

تازو سلمان رُشدي جو انگريزي ناول (”آڌي رات جا ٻار“) ڇپيو آھي. يورپ ۽ امريڪا جو ورلو ڪو نامور ادبي رسالو يا اخبار رھيل آھي جنھن ھن ناول جي شان ۾ باقاعدي قصيدا نہ پڙھيا ھجن. بس مڙس ڳالھہ ڪريو مٿان تيو ڪريو پون! ڪاش اھو ”عالمي شاھڪار“ اردوءَ ۾ بہ ترجمو ٿئي ۽ ماڻھو ڏسن تہ اھي آھن ڪھڙيون چيزون جن ھھڙن حريفن کي حيران ڪيو آھي!

جاھل ڪان جاھل، سيڪڙات ڪان سيڪڙات ماڻھو بہ اھڙيون بيھوديون، اڻ تيٽيون، ھندستان جي تھذيب ۽ ثقافت سان ڪوبہ ميل نہ ڪائيندڙ ڳالھيون نہ لکي جھڙيون ھن ماڻھوءَ ويھي لکيون آھن! ھڪڙو باب پڙھبو تہ مٿو چڻ نڪاءُ ڏيئي ڦاٽڻ تي ھوندو. ايڏيون بور ڳالھيون، ايڏي خشڪ، چچريل، غلط ۽ بيھودي زبان! پنھنجي ڏاڏيءَ بابت، ماءُ بابت، پيڻ بابت، پڦيءَ بابت، اھڙيون بور ۽ بيھوديون ڳالھيون لکيون اٿس جو ھتي بابت ذرو ڄاڻ رکندڙ ماڻھو چوندو تہ ھن ماڻھو کي ھتي جي ثقافت ۽ تھذيب جي الف ـ ب جي بہ خبر ڪانھي.

## ڏاڏيءَ جو سڏاتورو پوٺو!

مثلاً لکي ٿو تہ ڏاڏيءَ جي وڏي زميندار پيءَ جي مرضي ٿي تہ منھنجو ڊاڪٽر ڏاڏو، جيڪو غريب ھو، تنھن کي پنھنجي ڌيءَ جو سڱ ڏي. سو ڏاڏي کي ريجھائڻ لاءِ

پنهنجي ڏيءُ کي هٿراڏو بيمار ڪري، چادر مان ٽُنگ ڪري، هڪڙي پاسي ڏاڏي کي بيهاريندو هو ۽ ٻئي پاسي ڏاڏيءَ کي. ڏاڏي کي چوندو هو ته ”تنگ مان هٿ وڌائي مريض تپاس.“ اهڙيءَ ريت ڏاڏي کي سندس عضوا هٿ لاهرائي ڏيکاريندو هو ته هو ڏسي ته مال نيڪ آهي! ڏاڏو پهرين ڏينهن جي تپاس خاص ڪري ڇاتين جي تپاس مان ئي مرض کي سمجهي ويو ۽ ڏاڏيءَ تي عاشق ٿي پيو پر زميندار صاحب ڇهه مهينا روبرو بيهي ڏيءَ جي ڇاتين ۽ ٻين عضون جي اها تپاس جاري رکرائي! هڪڙو مسلمان جاگيردار پاڙي جي هڪڙي ٻڪئي گهر جي ڊاڪٽري پاس ڪيل سيڪڙات کي پنهنجي سدا ملوڪ ڏيءَ ونڻ تي آماده ڪرڻ لاءِ ڇهه مهينا راتين جا پير پر بيهي پنهنجي ڏيءَ جون ڇاتيون مهٽارائيندو رهندو هو ۽ سو به هندستان ۾، اها ڳالهه فقط اهڙن ماڻهن جي دماغ ۾ اچي سگهي ٿي جن کي ڪا فني تخليق پيدا ڪرڻي ڪانهي، رڳو دماغ ۾ گڏ ٿيل ڪرفتي خارج ڪرڻي هجي.

ايشيا، افريقا ۽ لاطيني امريڪا جا ڪئين ٻيا اهڙا اديب به امريڪا ۽ يورپ جي زوالي ڪرفتيءَ جا ٽوڪرا مٿن تي رکيو پنهنجن ملڪن ۾ انهن جا هوڪا ڏيو مهاجديد اديب ٿيا ٻينا آهن.

## هندي ۽ اردو – ڏيرياڻيون ويرياڻيون – پر...!

هندي اردو هونئن ته پاڻ ۾ ڏيرياڻيون ويرياڻيون آهن پر زوالي اوچنگاري ادب جي پيدائش جي معاملي ۾ ٻئي جڻ سڳيون ٻلڪ جاڙيون ڀيڻون! هڪڙيءَ جو ڪنجهندڙ ڪرڪندڙ سڪٽي ڊِڊِ پٽ وارو ادب پڙهي وري ٻيءَ جو پڙهي ڏسو. ڇئو ته ڪر ساڳئي قلم مان نڪتل آهن! ساڳيو حال سنڌي ۽ پنجابيءَ جو آهي. بس ڳل ڳل سان لائي ڪٽو! ساڳي ڪنجهه ڪرڪ، ساڳيون ڪوڙيون ڊِڪون، ساڳيا پار ۽ تار و گهار، ساڳيا اڪري ترڪ تال، ساڳي بي معنيٰ پاروتي لفاظي، ساڳيون اڌ اکريون. سڀ پگهر مان شم، داد جا گهوريا، تيسمار خان. هيڏانهن به داد طلب لوٽو، هوڏانهن به، ته ڪير ڏسي ٿو الائي نه، ته ڀهڙيون ٻلائون اسان ماريون آهن!

پنهنجي پاڻ پوڄيندڙ، آدم بيزار، خسيس ذهنيت واري اندر جي گندگي جي تعريف ڪرڻ ۽ ڪرائڻ لاءِ هنن باهمي امداد جا عالمي، ملڪي ۽ مڪاني ادارا ٺاهيا آهن. جڻ شهر جي هرڪا مائي پنهنجي گهر جو گند ڪچرو گڏ ڪري شهر جي چوواٽي تي رکي، سڄي شهر ۾ پڙها گهمارائي ۽ ماڻهو گڏ ڪري، ان گند جي پاڻ به ويهي تعريف ڪري ۽ شهر وارن کان به تعريف ڪرائي.

پاڪستان ۾ اردو، پنجابي ۽ سنڌيءَ ۾ جيڪو وللي واويلائي ادب ٿو لکجي تنهن جي پيٺ ۾ اسان جي محترم بزرگ شاعر، غالب سنڌ حضرت فيض بخشاپوري صاحب جا غزل جڻ سادگيءَ، روانيءَ ۽ معنويت جا معراج ۽ سماجي شعور ۽ مقصد جا سمنڊ آهن.

## پنجابي ادب جا حال

پاڪستان جي دور ۾ جوشوا فضل الدين جي ناولن کي ڇڏي، باقي پنجابيءَ ۾ گذريل سالن تائين ڪل 18 ناول لکيا ويا، پنجابي تذڪره نگار عصمت الله زاهد جي چوڻ موجب انهن ۾ عبدالمجيد ڀٽي، سليم خان گمي ۽ احمد سليم جي ٽن ناولن کي ڇڏي، باقي 15 ناول 'نوان' ۽ 'علامتي' آهن يعني سوليءَ سنڌيءَ ۾ وللي واويلائي ادب جو چريو ڏاتورو آهن. فخر زمان جي ٻن ناولن "ست گواهے لوگ"، ۽ "اك مرے بندے دی کہانی" جون ملڪن ۾ پوڪارون آهن. چون ٿا ته هندستاني پنجاب جا پنجابي جديد زوالي اديب ۽ پڙهندڙ انهن ناولن پنيان چريا آهن ۽ اهي يونيورسٽيءَ جي ڪورس ۾ رکايا اٿن! اسان جا پڙهندڙ به جي اهي پڙهي ڏسن ها ته خبر پئجي وڃين ها ته برابر، پلان پليءَ جو ڇيهه ڪونهي!

## هند ۽ سنڌ جي وللي واويلائي زوالي برادري

هند ۽ سنڌ جي سنڌي زوالي اديبن جي تخليق کي پڙهي ماڻهو ته پائئي ته سندن سُج تي سيٺ ڦوڪ ۽ آڪڙ تي ڪلان يا سنڌي ادب جو جيڪو حال ڪيو اٿن تنهن تي ويهي روئان.

## ڏسٽا وائسٽا اديب به وللي واويلائي ٿي پيا آهن

ڏسندي ڏسندي چڱا ڀلا ڏسٽا وائسٽا سنڌي اديب "جيڏيان جهرمر لائي، ته ميڏا روح به نه رهيا!" واريءَ ڳالھ وانگر شعوري توڙي لاشعوري طرح وللي واويلائي اديب بنجي ويا. منجهانئن هاڻ مس مس وڃي ڪن مڙسن پير جهليا آهن. پر بدن مان بيماري اجا به صفا ڪانه ويئي اٿن.

## وللي واويلائي ادب جي ڦهلجڻ جا ڪارڻ

سرمايہ داريءَ دنيا ۾ هر شيءِ کي واپار جي جنس بنائي ڇڏيو آهي. ائڊورٽائيزنگ سرمايہ داريءَ جو اسم اعظم ڦيٽو آهي ۽ ان کي جڻ ”قم باذني“ جو اذن آهي. ائڊورٽائيزمينٽ يا جديد مشهوريءَ ذريعي اها هڪ پيري زهر کي بہ امرت مشهور ڪري، ماڻهن کي ان جو شائق ۽ خريدار بنائي سگهي ٿي.

ڪتاب سرمايہ داري نظام ۾ هڪ وڏي واپاري جنس آهي. ڪتاب لکائڻ ۽ وڪڻڻ هن دور جو اربن کربن جو هڪ تمام وڏو بزنس ۽ ڪاروبار آهي. ان ۾ اربن جو نفعو آهي. ان جي پبلسٽيءَ ۽ مشهوريءَ تي لک نہ پر ڪروڙ خرچ ڪيا وڃن ٿا. پبلسٽيءَ بنان عظيم ترين شاهڪارن کي ڪير ٽڪي تي بہ نہ پڇندو. پبلسٽيءَ سان گند جي دٻي ۾ اڇلائڻ جهڙا ڪتاب موتين جي ملھ وڪڻي سگهجن ٿا.

وللي واويلائي، جادوئي، ڪرامتي، جنس پرستي ۽ مارڌاڙ وارو ادب، سرمايہ دار سامراجين جو پنهنجو پيارو ادب آهي. هو جمهوري، عوامي، انقلابي ادب بدران ان ادب کي سڄيءَ دنيا جي عوام تي مڙهين ٿا.

## هٿراڌي جديد تنقيد نگاري ۽ جڙتو عظيم تنقيد نگار

”اچي پڳ مَ پس، اندر مڙيئي اگڙيون!“

هنن پنهنجي ادبي ڪاروبار جي ڪارخانن ۾ تنقيد جا جڙتو اصول ۽ قدر ۽ جڙتو عظيم تنقيدنگار پيدا ڪرائي ڇڏيا آهن ۽ سڄي جهان ۾ انهن کي مشهور بہ ڪري ڇڏيو اٿن. انهن جي مدد سان هنن جڙتو ”عظيم عالمي ادب“ ۽ بوگس ”عظيم عالمي ادب“ بہ تيار ڪرائي ڇڏيا آهن. انهن جي هٿراڌين ادبي ڪرامتن کي ملڪن ۾ اهڙو مشهور ڪرائي ڇڏيو ويو آهي، جو اڻ ڄاڻ ماڻهو انهن جا نالا ٻڌيو غش ٿيو وڃن. حالانڪ سرمايہ دار پبلسٽيءَ جي پيدا ڪيل انهن ادبي پيرن ۾ ايتري ڪرامت آهي جيتري عام رواجي نوڳي پيرن ۾.

## مخرج واريون تنقيدي عربيون فارسيون

اڄ اسان جي ملڪ ۾ جن يورپي ۽ آمريڪي عالمي ادبي پارکن ۽ مصنفن جون سندون پيش ڪيون وڃن ٿيون سي نہ حقيقي عالمي معيار جا پارکو آهن ۽ نہ وري

سڄي جهان ۾ عوام ۽ عوام دشمنن جي وچ ۾ هلندڙ سڀ طرفي ويڙهه ۾ غيرجانبدار آهن. جاچ ڪبي تہ خبر پئجي ويندي تہ اهي ادبي ڪانيءَ ڪرامت وارا بزرگ جيڪي ادبي معتبريءَ جا پڳڙ ٻڌيو، وڏي مخرج سان تنقيدي عربيون فارسيون پيا ڪن ۽ فتوائون پيا جاري فرمائين سي خيرن سان عالمي سرمايہ دار طبقي جي ڪنهن نہ ڪنهن ’پارٽيءَ‘ جي نقطي نظر جا ادبي ۽ فني ٻولڙيا ۽ دلال آهن. فن ۽ ادب جي ميدان ۾ عوام جي تاريخي عالمي مفادن جي ترجماني ڪرڻ جي ڀانءِ وٽن ڪاري رات آهي.

## مفروضن جي پيڙهہ تي ٻڌل فرضي سو ماڙ

زوالي ادبي ”ماهر“ نظريہ دان، پارڪو ۽ فيلسوف جيڪڏهن ڪنهن ڳالهہ ۾ سڀ ڪان ماهر آهن تہ اها آهي منهن جي پڪائي نڪ جي ڏاڍائي.

هڪڙو علمي ۽ سائنسي طرح بلڪل بي بنياد مفروضو تيار ڪري ان کي بار بار دهرائيندا. اهڙيءَ ريت پيڙهہ پڪي ڪري، وري ان مٿان ٻيو مفروضو، ان جي مٿان ٽيون، اُن مٿان چوٿون .... مفروضا در مفروضا، زٽ در زٽ .... تان جو هڪڙو فرضي سؤ ماڙ کڙو ڪري ڇڏيندا! ڪنڌ مٿي ڪري نهار تہ مٿي ۾ ڦيري پئجي ويندي! علمي حياءَ ۽ شرم جو نالو بہ نہ. ستر گز زبان، هٽراڏي جناتي ٻوليءَ ۾ ڇِر ڇِر، منهن تي رڪ چڙهيل، اکين مان ٽانڊا وسندڙ ـــ يا بي حيائي تيرا آسرا!

واويلائي ايڊيٽوريل پڙهبو تہ ڀانئبو تہ ڄڻ ڪو جبل ڦاٽي پيو آهي! حقيقتن ۽ دليلن بدران بي حقيقت لفاظيءَ جي گرم لاوا پيئي وسي! سئو زٽ في صفحي جي حساب سان آگ وسائيندا هلندا.

## ڀان پال سارتري بہ انهن منجهان

ڀان پال سارتري جي ادبي عظمت جون ملڪن ۾ پوڪارون آهن پر، جيئن اسين اڳ چئي آيا آهيون، الجزائر جي جنگ آزاديءَ جي تائيد ڪرڻ جي باوجود سندس عالمي نقطي نظر زوالي، مايوسي ڦهلائيندڙ ۽ بنيادي طرح رجعت پرست آهي.

هو وجوديت Existentialism جو علمبردار ليکيو وڃي ٿو. وجوديت جو ٻن اکرن ۾ مطلب آهي تہ زندگيءَ ۾ پنهنجي وجود جو حالتن آهر ڪو نہ ڪو انڌو منڊو ثبوت ڏيڻ. اها ڳالهہ ظاهري طرح زندگيءَ بابت مايوسي ڦهلائڻ کان الڳ آهي. پر حقيقت ۾ ٻنهي ڳالهين ۾ بنيادي طرح ڪوبہ فرق ڪونهي.

سارتري جو رينگٽ ٻہ ساڳيو ڪافڪا، البرٽو موراويا، ڪامو، ايلياس ڪئنيتي پارن وارو آهي تہ زندگي بي معنىٰ ۽ بي مقصد آهي. ان مان سواءِ مايوسيءَ ۽ تباهيءَ ۽ بربادي جي ٻيو ڪجھ بہ ورٺو سرٺو ڪونهي.

هنن جو چوڻ رڳو ايترو آهي تہ پنهنجي ذاتي پرم پريءَ لاءِ، زندگيءَ ۾ مڙيئي ڪنهن نہ ڪنهن سماجي برائيءَ کان انڪار ڪري يا ٻيءَ ڪنهن ريت اهو ثبوت ڇڏجي تہ هن بي مقصد دنيا ۾ اسين بہ آيا هئاسين ۽ رهي ويا هئاسين. سارتري جي سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل ۽ ڇپيل هڪڙي ڪهاڻي Wall ("ديوار" مترجم زرينہ بلوچ) "مهراڻ" ۾ ڇپيل هڪڙي ڪهاڻي ۾ تماهي مان سندس وجودي فلسفي جي نچوڙ جو سنڌي پڙهندڙ پورو اندازو لڳائي سگهن ٿا.

# ادب جو نوبل انعام – عالمي سرمايہ داريءَ جو ثقافتي هٿيار

هي اهو نوبل انعام آهي جنهن جي وسيلي سرمايہ داري دنيا اهڙن ماڻهن کي انعام ڏيئي مشهور ڪري ٿي، جي زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ وڏا ڪارناما سرانجام ڏين ٿا. سچ جي ملاوٽ بنان، ڪوڙ ڪهڙي ڪم جو؟ هن انعام جو هڪڙو حصو جائز نموني ڏيئي، ان جو دنيا ۾ ڏاڪو جمائي، ان تي عوام جو اعتماد پيدا ڪري، ان جي باقي حصي کي ناجائز سرمايہ پرست ۽ عوام دشمن مقصدن لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. ٿلهي ليکي، سائنسي ڪارنامن تي انعام اڪثر جائز نموني ۽ سماجي ڪارنامن تي انعام سرمايہ داري دنيا جي فائدي لاءِ حقيقي مستحقن بدران سرمايہ داريءَ جي دل گهرين کي ڏنا ويندا آهن، ۽ اهڙيءَ ريت عوام کان انهن ميدانن ۾ سندن اصل هيرا لڪائي، مٿن دشمنن جا جڙتو هيرا مڙهيا ويندا آهن.

برابر ڪڏهن ڪڏهن عظيم روسي اديب ميخائيل شولوخوف کي بہ انعام ڏين ٿا. ٽئگور کي بہ انعام مليو. پر اهڙيءَ ريت ان انعام جي ساک قائم ڪئي ويئي. تنهن کان سواءِ ٽئگور جو ادب سرمايہ دارن لاءِ اهڙو خاص خطرناڪ تہ ڪونهي! امن، شانتي ۽ پيار جي ڳالهين ۾، تصوف ۾، ڀڳوان جي ڀڳتيءَ ۾، سرمايہ داريءَ لاءِ ڪهڙو خطرو؟ خطرو تہ عوام ۾ سجاڳي آڻڻ جي ڳالهين ۾ آهي، جدوجهد ۾ آهي، ويڙھ ۾ آهي! انهن ڳالهين ڪرڻ واري عظيم عوامي ادب کي انعام نہ ملندو. ها پئسترنيڪ جهڙن عوام جي جدوجهد خلاف پنڌبون ۽ ڏچرپا ڪرڻ وارن کي، مايوسيءَ ۽ موت جا پيغام ڏيندڙ اديبن کي جام نوبل ادبي انعام!

# ڇڙواڳ ۽ مايوس طبقي جو ڇڙواڳ ۽ مايوس ادب

ڇوٽو وچولو طبقو ڇڙوچڙ آهي. بنهه وڏين تباهين کان بچيل ۽ وڏين ڪاميابين جي امڪانن کان محروم آهي. هن طبقي جي ماڻهن جا طبقاتي مطلب هن سماج ۾ پورا ٿي سگهن ئي نٿا. نه وري اهي انهن قوتن جي صحيح ۽ ڪامياب اڳواڻي ڪري سگهن ٿا، جيڪي هن سماج ۾ اهي بنيادي تبديليون آڻي سگهن ٿيون جن مان گهٽين تبديلين جي هن طبقي کي به سخت گهرج آهي.

ان ڪري هن طبقي جي ماڻهن جا خيال خودپرستيءَ تي ٻڌل، محدود ۽ سطحي آهن. ان طبقي جا ڪيترا اديب پنهنجي ادب ۾ اڪثر رڳو پنهنجي ئي طبقي جي انفرادي مصيبتن تي روج راڙو ڪن ٿا.

اڄ ٽينءَ دنيا جي ملڪن ۾ هن طبقي جا ٿي ابتڙ مفاد ٽن ڌار ڌار رستن وٺڻ سان پورا ٿي سگهن ٿا. وچان ڇوٽون رستو ڪونهي. پهريون ته هو پورهيت عوام جي اڳواڻي ڪري، جاگيرداري، سرمايه داري ۽ سامراج جي ڦرلٽ ۽ غلاميءَ جي ڄٽ کان عوام کي آزاد ڪرائي. ٻيو ته هو جاگيردارن، سرمايه دارن ۽ سامراجين جو پڇ لٽڪائو ۽ شڪاري ڪتو بڻجي انهن پاران عوام کي ڏاڙهي، ۽ ان جي عيوض مالڪن کان انعام طور ٽڪر وٺي کائي. ٽيون ته هو پورهيت عوام جي پٺ وٺي، سندن جدوجهد ۾ شريڪ ٿي، وٽن عزت ڀريو مقام حاصل ڪري. هو ٽئين رستي تي هلڻ ۾ پنهنجي بي عزتي ٿو سمجهي. پهرئين رستي جي منجهس جرئت ۽ لياقت ڪانهي.

تنهنڪري هو گهڻو ڪري ان ڪوشش ۾ آهي ته جاگيردار سرمايه دار حاڪم طبقن ۾ شامل ٿيان يا انهن جي ويجهڙائي ۽ سرپرستي حاصل ڪريان، انهن جهڙو ٿيان ۽ انهن سان گڏجي موجون ماڻيان.

دنيا جون حالتون ڪيترو به بدلجن پر ٽين دنيا جي ملڪن جي گهٽائيءَ ۾ ظاهري طرح ڇوٽي وچولي طبقي جي بالادستيءَ جا في الحال ڪي به امڪان نظر نٿا اچن.

ڇوٽڙو وچولو طبقو جيتري سماجي ترقي ڪري ٿو، جيترو عوام کان پري ان جي دشمن طبقن جي اوڏو رسي ٿو، اوترو اهو عوام دشمن طبقن جي تاريخي مقدر ۾ جيڪا شڪست زوال ۽ جيڪا تباهي ۽ ذلت لکيل آهي تنهن کي اوڏو رسي ٿو.

اڄ اهو ٽين دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ سماجي طرح خصي آهي، نه نر نه مادي. يا ٻٽي ڏينهن نر ته گهڻا ڏينهن مادي.

ان ڪري ڪيس پنهنجو ڪوبه گڏيل طبقاتي آئيندو نظر نٿو اچي ۽ هو انفراديت، اڪيلائپ، ڇڙواڳيءَ ۽ مايوسيءَ جو شڪار آهي. ان جو هڪ ئي علاج آهي ته هو

پورهيت عوام جي سمنڊ ۾ گڏجي انهن سان ملي هڪ ٿي وڃي ۽ انهن سان گڏجي انسان ذات جي گڏيل نجات لاءِ هلندڙ جدوجهد ۾ شريڪ ٿي، وڏيءَ مائٽيءَ وارو ٿي وڃي.

پر ان لاءِ گهڻي پاڳي هو تيار ڪونهي.

ان طبقي جو اديب ان انفراديت، اڪيلائپ، چڙواڳيءَ ۽ مايوسيءَ جو زهر پنهنجي ادب وسيلي سموري سماج ۾ ڦهلائي ٿو.

هونئن بہ نقل ڪرڻ انساني فطرت آهي. حاڪم طبقا وللي واويلائي ادب جي همت افزائي ڪن ٿا. ان ڪري هيٺين طبقن جا عام اديب، فيشن سمجهي، غلامانہ ذهنيت وچان ان جو نقل ڪن ٿا.

## وللي واويلائي ادب لکڻ سولو آهي

ان لاءِ ڪنهن بہ وڏي مشاهدي، ڪنهن بہ وڏيءَ ڄاڻ، فني ڪاريگريءَ ۽ تخليقي محنت جي درڪار ڪانهي. سڪڻي، مٿي ۾ سور وجهندڙ گهوڙا گهوڙا ۽ پخي برائي پخي ڪوبہ ماڻهو جنهن کي چار اکر لکڻ اچن ٿا سو بہ ڪري سگهي ٿو. نہ ٻوليءَ جي ۽ نہ گرامر جي گهڻي ڄاڻ هجڻ جو ايڏو لاچار آهي.

## پنهنجي خاص ٻولي ٺاهي ورتي اٿن

وللي واويلائي ادب پنهنجا خاص تصور، محاورا، علامتون ۽ ٻيا اظهار جا طريقا گهڙي، دنيائي سطح تي پنهنجي بي پناهہ پبلسٽيءَ جي وسيلن کي ڪم آڻي، ڦهلائي، عام ڪري ڇڏيا آهن. هاڻ جنهن کي "جديد" اديب ٿيڻو هجي سو تمام آسانيءَ سان "ٻاٻرا ڪنڊا" "صليب ڪلهي تي کڻي هلڻ" "چيهون چيهون ٿيل ذات" وغيره وغيره نهيل نڪيل فقرا ورجائي، "جديد" اديب ٿي سگهي ٿو.

## سستي شهرت جا فوري موقعا

هن ادب تي جيئن تہ پابندي ڪانهي. ڦورو طبقن طرفان ان تي ڪوبہ دٻاءُ ڪونهي، بلڪ اڻ سڌيءَ طرح ان جي همت افزائي ٿيندي آهي، تنهنڪري هن قسم جي ادب ذريعي بنا تڪليف ۽ خوف جي مفت جي شهرت ملي ٿي. غريب ملڪن ۾ بہ هن ادب سان واسطو رکندڙ ماڻهو اڪثر مٿين وچولن طبقن جا آهن. انهن جا هٿ وڏا آهن،

انهن جي اخبارن، رسالن ۽ ٻين پبلسٽيءَ جي ادارن تائين گهٽي رسائي آهي. سڪيا ستابا منجهن گهٽا آهن. ان ڪري ماڻهو انهن جي ٽولي ۾ شريڪ ٿي، هٿوهٿ ڪڇيو وڃي. جيڪي ٻنهه تار خرابيءَ ۾ وڃيو پون سي رات وچ ۾ ”عظيم جوان سال اديب“ مشهور ٿيو وڃن.

## باب ڏھون

# اڳوڻو يورپي ترقي پسند ادب

جتي ھنج ھئا، اتي ڪانگن ڪانگيرا ڪيا.
(وليداد)

ٻين ٻہ ڪيترين شين وانگر ھي جديد ادب بہ سرمايہ دار يورپ جي پيداوار آھي، اتي ئي سندس روايت جون پاڙون آھن ۽ اتان ئي اھو ٻيءَ دنيا ۾ پکڙيو آھي. ھن يورپي سماج جي ارتقا جي ھڪ خاص ڏاڪي تي جنم ورتو آھي. ساڳئي وقت اھو يورپ جي رجعت پرست ادب جي روايت جي سلسلي جي ھڪڙي ڪڙي بہ آھي.

يورپ جي ادب جي تاريخ ڪي ٿلهي ليکي پنجن وڏن دورن ۾ ورھائي سگھجي ٿو. انھن مان چوٿون ۽ پنجون دور گڏ ھلي رھيا آھن. چوٿون زوال طرف وڃي رھيو آھي ۽ پنجون اسري نسري ڪمال طرف وڌي رھيو آھي.

پھريون اُن جو دور قديم غلامدار، يونان ۽ روم جي علم ۽ عظمت جو دور آھي، جيڪو انساني تاريخ ۾ اڄ بہ بي مثال ۽ يگانو ليکجي ٿو. يوناني مدبر پيريڪليس جي حضرت عيسىٰ کان اٽڪل چار سؤ سال اڳي اٿينس جي شھر ۾ ڪيل جمھوريت ۽ ڊڪٽيٽرشپ جي پيٽ واري تقرير اڄ بہ پڙھندا تہ وات مان ”واھ واھ“ نڪري ويندي! معلوم ٿيندو تہ عقل ۽ تدبر، فصاحت ۽ بلاغت جو ھڪڙو درياھ پيو اڇلون ڏئي! ٿيوسيپيڊائيڊس جي پوليشيائي لڙاين جي تاريخ پڙھو. ھومر جا لافاني داستان ۽ سئفو شاعرياڻيءَ جي محبت جا گيت پڙھو. ائريسٽوفئنس جا ڊراما پڙھو. ان ڪي اڄ جي بھترين تخليق سان ڀيٽي ڏسو تہ خبر پوندي تہ يوناني علم ۽ ادب پنھنجو مٽ پاڻ ھئا. پئٿاگوراس، ائناڪساگوراس، ڊماڪرٽس، ھرئڪليٽس، سقراط، افلاطون جھڙا يگانا عالم، داناءَ فيلسوف ۽ سائنسدان يونان جا ئي دنيا کي ڏنل ھئا. تنھن کان پوءِ انھن سمورن تارن ۽ چنڊن جو سج، سڪندراعظم جو استاد ارسطو ھو جيڪو حضرت عيسىٰ کان 384 سال اڳ ڄمي، دنيا ۾ 62 سال رھي، لافاني بڻجي ويو. ھن لاءِ سندس وفات کان چوڏھن صديون پوءِ عظيم مسلمان داناءَ ابن رشد چيو، ”ارسطو سمورين سائنسن جو اول ۽ آخر آھي. ڪانئس اڳ ڪوبہ قابل ذڪر سائنسدان پيدا ڪونہ ٿيو ۽ ڪانئس پوءِ جي چوڏھن صدين ۾ ڪنھن بہ سندس تعليم ۾ ڪو خاص واڌارو ڪونہ ڪيو آھي ....

ارسطو عظيم ترين عالم آهي. خدا ڪيس بي مثال بنايو هو.“ ساڳيو رنگ جلد ئي پوءِ روم جو ٿيو. اتي سائنسدان ۽ فيلسوف تہ ايترا نہ ٿيا پر ٻين شعبن ۾ بي مثال عالم ۽ اديب ۽ ٻيا يگانا داناءَ پيدا ٿيا. سيسرو، پلني، جوليس سيذر وقت جي علم ۽ دانش جا ٻيا سوين جگمگائيندڙ چنڊ، تارا ٿيا.

تنهن کان پوءِ قرون وسطيٰ ۾ صدين جون صديون يورپ تي مذهبي جهالت، تنگ نظري، تعصب ۽ وحشي جبر جي رات ڇانيل رهي. اهو يورپي ادب جو ٻيو ۽ اونداهو دور هو.

## پلن جي پيٺان ٿلها ۽ ٿلهن جي پيٺان پلا!

پندرهين صديءَ ۾ اهو اونداهو دور اڃا ختم نہ ٿيو هو تہ ان دور جي پيٽ مان يورپي علم ۽ ادب جو ٽيون دور، جيڪو روشن دور هو، سو ڄائو ۽ سورهين صديءَ ۾ اسري نسري وهيءَ چڙهيو. پندرهين صديءَ واري يورپي جاگيرداري نظام جي پيٽ ۾ اهي اقتصادي، سياسي ۽ ثقافتي قوتون اسرڻ نسرڻ شروع ٿي ويون، جن اڳتي هلي، زبردست ويڙهيون ڪري، نيٺ کيس ختم ڪري، سندس جاءِ تي سرمايہ داري نظام کي قائم ڪيو. سورهين صديءَ کان ئي سرمايہ داري نظام جا بنياد پوڻ شروع ٿي ويا ۽ نيون اسرندڙ ترقي پسند سرمايہ دار قوتون مردار جاگيرداريءَ جي اقتصادي ۽ سياسي، ذهني ۽ روحاني بالادستيءَ، هڪ هٽيءَ ۽ آمريت جي قلعن کي ڊاهڻ ۾ جنبي ويون. جاگيرداري پنهنجا اکڙيل پير وري ڄمائڻ لاءِ بار بار جوابي حملا ڪندي رهي. تان جو اوڻويهين صديءَ جي اڌ تائين اهي سمورا حملا ناڪام ٿي ويا ۽ سرمايہ داري پوري يورپ تي ڇانئجي ويئي ۽ سڄيءَ دنيا جي مٿان ڇانئجڻ لڳي.

جيئن فوج جا ڪئين قسم هوندا آهن ـــ بحري، بري ۽ هوائي وغيره، تيئن ٻن سماجي نظامن وچ ۾ ٿيندڙ جنگ ۾ وڙهندڙ فوجون بہ طرحين طرحين قسمن جون هونديون آهن ـــ مادي ۽ روحاني، اقتصادي ۽ سياسي، ثقافتي ۽ نظرياتي، فوجي ۽ سفارتي وغيره.

جاگيردار ۽ سرمايہ دار سماجي نظامن جي وچ ۾ صدين تائين هلندڙ، هن ڌرتي ڌوڏيندڙ، شاهي جنگ ۾ سرمايہ داري لاڙا رکندڙ علم ۽ سائنس، ادب ۽ فن هڪ اهم قوت طور ڪم ڪيو. اهي نئين نظام جي لشڪر جي ثقافتي فوج هئا. اهو سڄو عرصو نين اسرندڙ ترقي پسند سرمايہ دار قوتن جي عقل ۽ سمجهہ کي وڌائيندا، سندن دلين ۽ روحن کي مضبوط ڪندا، ساڻن ٻانهن ٻيلي ٿيندا ۽ سندن سونهپ ڪندا رهيا.

اڄ بہ جيڪو بوڪيشو جي ڪهاڻين جي مجموعي ”ڊي ڪئميران“ ۽ بالزاڪ جي ”شرارت ڀريل ڪهاڻيون“ (Droll Stories) يا ماپاسان جون ڪهاڻيون ۽ اهڙيون ٻيون شوخ ۽ مزيدار ڪهاڻيون پڙهندو، تنهن جڻ جاگيرداري فرعونيت ۽ سندس روحاني چاڙتن جي منافق اڊمبر کان مرعوب ٿيڻ جي مرض خلاف حفاظتي ٽڪا هٽائي ڇڏيا! ان تي ڪنهن بہ جاهل فرعون، ۽ ڪنهن بہ مقدس منافق جي آڪڙ ۽ رعب تاب جو ۽ ڪنهن بہ ڪتابن سان لڏيل گڏهہ جي پُستين جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيندو!

دنيا جي ادب جي تاريخ ۾ جاگيرداري فرعونيت ۽ خاص ڪري دين ڌرم جي نيڪيدارن جي روحاني هڪ هٽي ۽ آمريت خلاف هي ڪو پهريون ادبي حملو ڪونہ هو. هن کان صديون اڳ عرب، ايران ۽ هندستان وغيره ۾ تصوف ۽ ڀڳتي لهر جي شاعرن انهن خلاف پنهنجا آواز بلند ڪيا هئا، جن جا پڙاڏا اڄ تائين پيا گونجن.

هر سني نئين شيءِ يا ڳالهہ جا خالق عوام ۽ عوام دوست ماڻهو هوندا آهن، ۽ عوام دشمن رجعت پرست اڪثر انهن جي هر ممڪن مخالفت ڪندا رهيا آهن. پر اڳتي هلي جڏهن اهي شيون يا ڳالهيون مقبول ٿي وينديون آهن، تڏهن عوام دشمن انهن جا هتراڌا وارث بنجي، انهن تي قبضو ڪري، انهن کي پنهنجو هٿيار بنائيندا رهيا آهن. صوفي شاعريءَ تي ڪنهن زماني کان وني حاڪم طبقن جو قبضو ٿي چڪو آهي، ۽ اهي ان کي پوني (پاليل فرمانبردار وهٽ وانگر) ڪريو پيا هلائين. ان ڪري جيئن يورپ جي موجوده سامراج پرست پاليل ۽ پوني ادب کي ڏسي ڪو مشڪل سان اندازو لڳائي سگهندو تہ اڳي ڪنهن زماني ۾ يورپ جي ادب ۾ ڪهڙا انقلابي جوهر هئا، تيئن صوفي شاعريءَ جي پوءِ جي حالتن کي ڏسي عام ماڻهو اهو اندازو لڳائي ڪونہ سگهندو تہ پنهنجي شروعاتي اوسر جي ترقي پسند دور ۾ ان ۾ ڪهڙيون بجليون ڀريل هيون، ان ڪهڙن طوفانن سان مقابلا ڪيا آهن ۽ مڪر، منافقي، تنگ نظري ۽ تعصب جا ڪهڙا ڪوٽ ڪيرايا آهن.

## مذهب جي آڙ ۾ هڪ هٽي ۽ روحاني آمريت

هر ٻيءَ شيءِ وانگر صوفي شاعري بہ ابتڙن جو ميلاپ هئي. ان ۾ ترقي پسند توڙي رجعت پرست عنصر پاڻ ۾ گڏ هئا ۽ پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا. ترقي پسند عنصر هي هو تہ ان وقت جي جاگيردار فرعونيت ۽ ان جي چاڙتي مذهبي نيڪيداري، هڪ هٽي ۽ روحاني آمريت خلاف جيڪا عوام جي دلين ۾ بي پناهہ نفرت هئي ۽ غصو هو، تنهن

جي ترجماني ڪندي هن جاگيردارن کي اڻ سڌي طرح ۽ سندس روحاني چاڙتن کي سڌيءَ طرح اگهاڙو ۽ ننگو ڪري ان تي ملامت جا تير وسايا.

## ”..... تہ پوءِ ڇا ڪجي؟“

هر ڪاروبار ۽ هر علم (Discipline) جي پنهنجي خاص، ڊڪيل ٻولي هوندي آهي، پنهنجو هڪ خاص علامتي ڪوڊ هوندو آهي. مثال طور واپاري اگهن گهٽجڻ جي ڳالهه ڪرڻ بدران ”بازار جي ڪرڻ“ جي ڳالهه ڪندا آهن. حالانڪ بازار پنهنجي جاءِ تي بيٺي هوندي آهي. شاعر ۽ عاشق، ٻيءَ ڪنهن ڳالهه بدران رڳو نرگسي نيڻن ۽ چانڊوڪي رات جون ڳالهيون ڪندا آهن، تيئن تصوف جي شاعري ڦورو ۽ ظالم جاگيرداري سماجي نظام لاءِ ”دنيا“ ۽ ”آسمان“ جون علامتون ڪم آنديون آهن. جيڪا لعنت ملامت، اميرن، خانن، نوابن، بادشاهن، سلطانن ۽ شهنشاهن ۽ سندن چاڙتن تي ۽ جنهن نظام انهن کي ملڪ جو مالڪ ڪيو آهي، تنهن تي وسائڻي هوندي اٿن، اها ”فلڪ ناهنجار“، ”فلڪ ڪج رفتار“، ”دنيائي دون“، ”چرخ گردون“، ”ستم پيشہ آسمان“ کي منهن ۾ ڪري، مٿن وسائيندا رهيا آهن.

”هي آسمان خراب آهي تہ پوءِ ڇا ڪجي؟“ ان جا جواب ٻن قسمن جا ڏنا ويا آهن. پهريون تہ ”گهٽ گوهي ڏيئي، ڪنهن نموني، پاڻ کي هن نظام جي اشڪنجي مان ڇڏائي، جيترو موقعو هٿ ڪري سگهو، اوتريون ماجون ماڻي ۽ عيش ڪري ونو!“ ٻيو آهي تہ ”دنيا کي ترڪ ڪري، پنهنجي اندر ۾ گهڙي وڃو ۽ ان کي اجاريو، هلڻ جي تياري ڪريو.“

هي ٻئي جواب حاڪم طبقن جي دل وڻان آهن. سماج جا بهترين دماغ ۽ دليون جيڪڏهن ساڻن مقابلي جو ميدان ڇڏي، ڀڄي وڃي، ذاتي موجون ماڻڻ يا گهر جي ڪنڊ ۾ اندر اجارڻ ۾ مصروف ٿي وڃن، تہ ٻيو ڦورو ۽ ظالمن کي ڇا کپي!

سواءِ هڪ اڌ استثنا جي، هنن شاعرن وٽ انهن ڪان سواءِ ٽيون صحيح جواب نہ هو ۽ نہ وري ان وقت ٿي ئي سگهيو ٿي. اهو صحيح جواب اڃا تاريخ جي ڪُکِ ۾ سرجيو ئي ڪونہ هو. ان جا مهانڊا اڃا ايندڙ زمانن جي اونداهن پاڇولن ۾ لڪل هئا. جاگيرداري نظام جا تاريخي ڏينهن اڃان پورا ڪونہ ٿيا هئا. ڪيس دسي دفن ڪرڻ واريون سماجي قوتون جيڪي، سماجي قانون مطابق، ان وقت، فقط سرمايہ داري قوتون ئي ٿي سگهيون ٿي، سي اڃان اسريون نسريون ئي ڪونہ هيون. ان لاءِ ڪين صديون گهربل هيون. هزارين سپ طرفين لڙاين ۾ ڪتيل سويون ۽ تجربا گهربل هئا.

والٽيئر، روسو، بالزاڪ ۽ ٻيا ارڙهين صديءَ جا يورپي سرمايہ دار اديب ۽ دانشور تاريخي ارتقا جي گهڻو متاهين ڏاڪي تي آيا. هو صدين جي اقتصادي ۽ سياسي، نظرياتي ۽ روحاني لڙاين جي هڪ ڊگهي سلسلي ۾ عوام طرفان حاصل ڪيل شاندار ڪاميابين کان پوءِ، عالمي ادب جي اسٽيج تي پيش ٿيا هئا. تاريخ هنن لاءِ هڪ اسٽيج اڳي ئي تيار ڪري، سينگاري ڇڏي هئي. وقت سندن انتظار ڪري رهيو هو.

هو سماج جا تماشائي، ان تي غيرجانبدار تبصرو ڪندڙ يا عوام جا سڪٽا همدرد بنجي ڪونہ آيا هئا. هو عوام جي دلين جي عدالت ۾، عوام جي مجرمن جي ڏوهن جا تفصيل ۽ ثبوت پيش ڪندڙ، سندن ڏوهہ ثابت ڪندڙ ۽ سندن جوڳي سزا تجويز ڪندڙ هئا. سندن اعلىٰ فنڪاريءَ واري ڳالهہ ۾، ان جي آواز ۽ انداز ۾، پنهنجن کي سڏ ۽ دشمنن کي للڪار هئي. ان ۾ سوب لاءِ توڙ تائين وڙهڻ جو اٽل ارادو ۽ ان جي حاصل ڪرڻ جو مڪمل يقين هو. هو هڪ نئين نظام ۽ نئين دور جا نقيب ۽ روشن سڀاڻ جي خوشخبري ڏيندڙ هئا.

## هرڻ هنيلا ٻيڻا سوچن!

حافظ شيرازيءَ حسرت ڀريون صدائون هنيون هيون:

بيا کہ قاعدہ آسمان بگردانيم
فلڪ راشڪگف بشگايم، و طرح نو باندازيم!

(اچو تہ هن دنيا جو نظام بدلايون – پراڻو جهان ڊاهي نئين جي پيڙهہ رکون!)

اهي صدائون پنهنجي زماني ۾، ”بوند بوند لئي پتڪي پتڪي، ٻوڙي ٻوڙي، ٽڪجي ٽڪجي، ڦان ٿي، پٽ تي ڇڙهيون هٽندڙ، ڪنهن واڊوڙيل، هنيلي هرڻ، جي پاٽيءَ لاءِ حسرت ڀري پڪار وانگر، هڪ پل لاءِ، وقت جي رڻ پٽ ۾ گونجي، تاريخ جي خلائن ۾ گم ٿي ويون.“ ڇئن صدين کان پوءِ هاڻ اهي صدائون ڌرتيءَ جي هڪڙي حصي ۾ تاريخ جو اٽل فرمان بنجي، ارڙهين صديءَ جي انقلابي ادب جي باهہ جهڙين لڪٽين جي ٻرندڙ لفظن منجهان، وقت جي فرعوني نظام ۽ ان جي علمبردارن کي گهوري رهيون هيون!

# پراڻو پاپي نظام

هر نئون طبقاتي نظام پنهنجي اوسر ۽ جوانيءَ وقت ترقي پسند ٿئي ٿو، ۽ سماج کي اڳتي ڌڪي ٿو. اڳتي هلي اهو پنهنجون سموريون ترقي پسند قوتون خرچ ڪري سڄو ٿي پوڙهو ۽ رجعت پرست بڻجي، سماج لاءِ "جيءَ جو جنجال" بڻجيو وڃي. ان وچ ۾ سنڌس پيٽ ۾ سرجيل نئون ترقي پسند نظام جنم وٺي ٿو جو بہ پنهنجي اوسر ۽ جوانيءَ وقت، اڳئين جي پيٽ ۾، ان جي اوسر ۽ جوانيءَ جي وقت کان بہ وڌيڪ، ترقي پسند ٿئي ٿو. نيٺ اهو بہ پوڙهو ٿي پوي ٿو ۽ سندس پيٽ مان نڪتل نئون نظام کيس ختم ڪري پاڻ ان جي جاءِ وٺي ٿو. غلام دار نظام بہ پنهنجي وقت آهر ترقي پسند هو. جڏهن اهو پوڙهو ۽ رجعت پرست ٿيو تڏهن نئين ترقي پسند جاگيردار نظام سندس جاءِ ورتي. ان جي پوڙهي ۽ رجعت پرست ٿيڻ بعد سرمايہ دار نظام سندس جاءِ ورتي جيڪو پنهنجي اوسر ۽ جواني جي وقت انهن ٻنهي کان سوين دفعا وڌيڪ ترقي پسند هو.

عيسوي پندرهين کان اوڻويهين صديءَ تائين اهو يورپ ۾ جاگيرداري نظام کي ڊاهي ان جي جاءِ وٺڻ جي لڙاين ۾ مشغول هو. نيٺ جاگيرداريءَ تي مڪمل سوڀ پائڻ کان پوءِ ان جي ڪنهن اسم اعظم جي ڦيٽي يا ڪنهن "قم باذني!" جي حڪم سان سماج جي پيداواري ۽ تخليقي قوتن جي پيرن ۾ پيل جاگيرداري زنجيرون ٽوڙي، انهن ۾ نئون ساهہ وجهي، ڪين اثاري ڪڙو ڪري، سموري سماج، سموري يورپ ۽ پوءِ آمريڪا ۾ اهو انقلاب آڻي ڇڏيو جنهن جو مثال اڳين سمورين صدين ۾ ڳولڻ اجايو آهي. ان ڇڻ هڪڙي جادوءَ جي لڪڙي گهمائي سڄي دنيا جو نقشو بدلائي ڇڏيو!

تان جو اوڻويهين صديءَ تائين وڏي ويجهي اهو پنهنجون بنيادي ترقي پسند صلاحيتون خرچ ڪري سماج لاءِ هڪڙي جور بڻجڻ شروع ٿيو. ان ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا کي ڦُري لٽي ڪنگال بنائي ڇڏيو. 1825ع ۾ سرمايہ داري نظام ۾ پهريون پيرو اقتصادي بحران آيو. هاڻ ڏهين پندرهين سال نئون ۽ اڳي کان وڌيڪ پيچيدو ۽ اونهو بحران اچي ٿو. اهو ٻن عظيم جنگين ذريعي دنيا کي تباهيءَ جي ڪناري تي آڻي چڪو آهي ٽيءَ لاءِ تياريون پيو ڪري. اڄان اهو جيئرو آهي. سندس نوان نوان سماجي معجزا ڏيکارڻ جي قوت بہ صفا ختم ڪانہ ٿي آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جو نئون انقلاب کيس اڃان بہ نوان ڊوز ڏيندو ٽڳائيندو اچي. اڃان بہ وٽس زبردست پيداواري ۽ تخليقي قوتون ۽ دولت جا اڻ ڪٽ خزانا آهن. سماج جي مختلف ميدانن ۾ سندس قبضا، برتريون، بالادستيون ۽ هڪ هٽيون ۽ بچت ۾ رکيل (رزرو) قوتون اڃان بہ موجود ۽ سلامت آهن.

# رت پياڪ ڏائڻ!

پر تاريخي ۽ مجموعي طرح، اهو هاڻ انساني سماج لاءِ هڪ مدي خارج ۽ مفت خور، اٿي تي چٽي، رت پياڪ پوڙهي ڏائڻ بنجي پيو آهي. ڪنهن زماني ۾ دنيا جي پيداواري ۽ تخليقي قوتن جي پيرن مان زنجيرون ڪڍڻ وارو هي نظام خود انهن لاءِ هڪ ارڙ بلا جيڏي زنجير بنجي چڪو آهي. اهو هينئر دنيا ۾ فقط ڦرلٽ، بي روزگاري، مهانگائي، بک، ڏڪار ۽ جنگ ڦهلائڻ وسيلي ئي ڪجهه عرصو وڌيڪ جيئرو رهي سگهي ٿو. هونئن نہ.

عالمي ڦرلٽ، هڪ هٽي ۽ عام تباهيءَ تي پاڙيندڙ، قبر جي ڪنڌيءَ تي پهتل، هن نظام وٽ زندگيءَ جي ڪنهن بہ ميدان ۾ سياست، اقتصاديت، علم، ادب ۽ فن وغيره جي ميدان ۾، هينئر ماڻهن ڪي آڇڻ لاءِ ڪابہ خوشي يا آئنده جي خوشخبري ڪانهي. اهو دنيا کي فقط مايوسي، عام تباهيءَ ۽ موت جو پيغام ئي آڇي سگهي ٿو. جهڙي سماجي نظام جي حالت اهڙا سندس غالب سماجي لاڙن جي ترجماني ۽ وڪالت ڪندڙ ادب جا افعال! جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا، جهڙو زوال پذير سرمايہ دار سامراجي نظام اهڙو سندس هي پيارو ٻچڙو يعني جديدي زوالي ادب.

# ٻہ ادب

جڏهن اوڻويهين صديءَ ڌاري سرمايہ داري نظام پنهنجي ترقي پسند فطرت بدلائي هڪ هٽي رجعت پرست سامراج ۾ تبديل ٿيڻ شروع ٿيو تڏهن بہ ڳالهيون ٿيون.

پهرين ڳالهہ تہ سرمايہ دار ادب ۾ رجعت پرست لاڙا زور وٺڻ لڳا ۽ حاوي ٿي ويا. ٻيو تہ سرمايہ داريءَ جي پيٽ اندر پورهيت انقلاب جون قوتون سرجڻ شروع ٿيون ۽ پورهيت ادب پيدا ٿيڻ شروع ٿيو. اهڙي طرح يورپي ادب جا بہ نوان دور يعني ان جو چوٿون ۽ پنجون تاريخي دور شروع ٿيا. هڪڙو زواليت پرست ۽ رجعت پرست سرمائيدار ادب جو دور جيڪو سرمايہ داريءَ جي زوال جو ماتم ڪري ٿو. ٻيو پورهيت ترقي پسند ۽ انقلابي ادب جو دور جيڪو پورهيت طبقي ۽ پورهيت انقلاب جي اسرڻ نسرڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ جي عڪاسي، ترجماني، مدد ۽ رهبري ڪري ٿو. هڪڙو مردار ماضيءَ جو ماتم ڪندڙ آهي ٻيو عوام جي روشن آئيندي جي آجيان ڪندڙ ۽ ان کي ڳائيندڙ وڄائيندڙ آهي.

هنن ٻنهي هڪٻئي جي ابتڙ ۽ مخالف ادبن جي سلسلي ۾، ويهين صديءَ جي پهرين چوٿائيءَ ۾ اهي ٻه اديب تخليق ۾ سرگرم هئا جيڪي انهن ٻنهي قسمن جي ادبن جا باني ۽ مکيہ علمبردار هئا ۽ انهن جي سڀ کان وڏي علامت بنيا. اهي ٻہ هئا ـــ گورڪي ۽ ڪافڪا. ڪافڪا 1924ع ۾ وفات ڪئي ۽ گورڪيءَ ڪجهه سال پوءِ. ڪافڪا سرمايہ دار زوال جو ترجمان ۽ ماتمي اديب هو ۽ گورڪي پورهيت انقلاب جي آجيان ڪندڙ، ان جا قصيدا ڳائيندڙ، ان جي مدد ۽ رهبري ڪندڙ ۽ ان پاران سر جون سٽون ڏيندڙ مجاهد انقلابي اديب هو. ٻيئي پنهنجي پنهنجي فن ۾ قابل هئا. هو ڳالهين ڪي منجهائڻ ۾ ۽ هي ان منجهيل سُٽ ڪي سنوارڻ ۾! ٻنهي قسمن جا اديب هند سنڌ ۽ دنيا جي هر هڪ ملڪ ۾ موجود آهن. جديدي ادب جي وبا جو باني ڪافڪا ليکيو ويندو آهي، ۽ وجوديت جي فلسفي جي ملاوت جي باوجود سارتري، آلبرٽو موراويا ۽ ڪامو ڪافڪا جا ئي خليفا آهن.

هونئن رجعت پرست جديد ادب جون پاڙون عالمي ادب جي تاريخ ۾ گهڻو هيٺ بہ ڏسي سگهجن ٿيون. اهو ايترو پراڻو آهي جيتري رجعت پرستي.

## نت نوان ٻهروپ

مغربي ادب جي تاريخ تي هڪڙي متاچري نظر وجهڻ سان ئي معلوم ٿي ويندو تہ نام نهاد "نئون" ۽ "جديد" ادب ڏاڏي آدم جي واري جي شيءِ آهي، ۽ نت نوان ٻهروپ ڪندو ۽ پاڻ تي نوان ليبل چنبڙائيندو، هر دور ۾ پاڻ ڪي "نئون" ثابت ڪرڻ جون ڪوششون ڪندو رهيو آهي. Neoterikos (نئين ڪان نئون)، Baroque (نمودي)، Parnassianism (قدامتي)، Metaphysical (مابعد الطبعياتي)، Impressionism (تاثرائيت)، Symbolism (علامتيت)، Hermetism (رهبانيت)، Futurism (مستقبليت)، Existentialism (وجوديت) وغيره وغيره ڪئين ٻهرپ، ڪئين ليبل، پر ڳالهہ اها ئي ساڳي پراڻي پاروتي. يعني عوام جي زندگيءَ جي حقيقتن کان ڀاڄ، انهن ڪي توڙڻ مروڙڻ، ادب ڪي قورو طبقن ۽ سندن حوارين جي هٿ جو هٿيار ۽ ماڻهن ڪي بطال ڪرڻ لاءِ چرش ۽ ڀنگ جهڙو نشو بنائڻ.

## Neoteric شاعري

"نئين ڪان نئين" جي رينگٽ ڪي ونون. اهو حضرت عيسىٰ جي جمڻ ڪان بہ گهڻو گهڻو اڳ شروع ٿيل رينگٽ آهي. قديم روم ۾ "حضرت عيسىٰ جي ڄمڻ ڪان 146 سال

اڳ (روم جي دشمن) ڪارٿيج ۽ ڪارنٿ جي (رومين هٿان) تباهيءَ ڪان پوءِ رومي اميرن ۾ خوشحاليءَ ۽ ٻاهرين حملن کان سلامتي حاصل ٿيڻ ڪري Odium (واندڪائي) جي مزن ماڻڻ ۽ (فقط) پاڻ کي خوش ڪرڻ واري ادب لاءِ ماحول پيدا ٿيو. ان ماحول ۾ شاعرن جو Neoterics نالي هڪڙو نئون ٽولو پيدا ٿيو جن 'نئين کان نئين' جي تلاش ۾ 'ادب برائي ادب' جي ذهنيت ڦهلائي".

17 صديءَ ۾ جڏهن يورپ ۾ سڌاري Reformation جي تحريڪ هلي ته ان جي مخالفت ۾ رجعت پرست قوتن "سڌاري جي مخالفت" Counter Reformation جي تحريڪ هلائي. ان رجعت پرست تحريڪ سڌارن جي حامي ادب جي مقابلي ۾ Baroque (نمودي) ادب پيدا ڪيو. "ان جا مکيه علمبردار اٽليءَ ۾ گيامبتيستا مرينو Giambatista Marino، اسپين ۾ لوئي دي گونگورا Louis de Gongora ۽ جرمنيءَ ۾ مارٽن اوپز Martin Opitz هئا. ان ادب جون مکيه وصفون هيون، علامت نگاري، لفاظي ۽ .... (سڪٽي) صنعت گري.

انگلنڊ ۾ رجعت پرست تحريڪ پادري شاعر جان ڊان جي Metaphysical (مابعدالطبعياتي) شاعريءَ جو روپ ورتو. ان شاعريءَ ۽ Baroque ادب ۾ ڪيئي هڪجهڙايون هيون.

اوڻويهين صديءَ ۾ فرانس ۾ رجعت پرست ادب کي Parnassianism واري ليبل هيٺ هلايو ويو. ان جو مشهور علمبردار چارلس باديلئر Charles Baudelaire هو. جنهن جي فتوىٰ هئي ته "جيڪا شيءِ فن ناهي سا بدصورت ۽ نڪمي آهي."

انهيءَ دور ۾ انهيءَ قسم جي ادب تي تاثراتي (Impressionist)، علامتي (Symbolist) ۽ ماورائي (Transcendentalist) ليبل چنبڙايا ويا. تاثراتي ليبل واري ادب جو باني اسٽيفن ملارمي Stephen Mallaarme هو. جرمن شاعر رلڪي Rilke علاميت جو وڏو علمبردار ليکيو ويو ٿي.

ماورائيت جو زور بہ حقيقي زندگيءَ جي ترجماني ڪرڻ بدران نام نهاد روحانيت ۽ اندر جي اڌمن جي ذڪر تي هو.

انهيءَ صديءَ جي آخر ۾ ٺئي اهي اديب حضرات پيدا ٿيا، جن جو نالو ٺئي هو Decadents (زواليت پرست). سندن مکيه نمائندو فرينچ شاعر جولس لافاگو Jules Lafergue هو.

ويهين صديءَ ۾ جڏهن اٽليءَ کي فاشزم جي ڪوڙهه وڪوڙي ويئي تڏهن فاشي اديبن Futurist (مستقبلي) ۽ Hermetic ,Ermelismo (رهباني) ليبلن هيٺ اهي فاشي ادبي

نظريا پيش ڪيا تہ ادب جو ڪم حال سان نہ مستقبل سان آهي. ٻيو تہ ادب ڪي ظاهري دنيا جي جهڳڙن سان واسطو توڙي تاريڪ الدنيا بنجي پنهنجو اندر اجارڻ گهرجي.

اظهاريت Expressionism جي ليبل هيٺ اهڙو ادب پيش ڪيو ويو جنهن ”زندگي ڪي عمل ۾ سرگرم حالت ۾ نہ پر خيالي پورن جي صورت ۾ پيش ڪيو.“

هن ئي صديءَ جي پهرين ڏاڪي ۾ ڪافڪا جو پوائٽن خوابن جهڙو ادب ماڻهن تي مڙهيو ويو. سندس ناول ”مقدمو“، ”قلعو“ جڻ ڪنهن ڀيانڪ خواب وانگر آهن، جن ۾ مايوسي ۽ خوف جو زهر ڦهلايو ويو آهي.

ياں پال سارتري پنهنجي وجوديت Existentialism جي نظريي جو نظرياتي اظهار پنهنجي ڪتابن ”هجڻ، نہ هجڻ“ ”Being and Nothingness“ وغيره ۽ ناولن ”مکيون“، ”گندا هٿ“، ”هارائيندڙ ڪٽي تو“ وغيره ۾ ڪيو آهي. ان نظريي جو مکيہ نُڪتو اهو مايوس بنائيندڙ خيال آهي تہ ”انسان ڪي آزاديءَ جي سزا مليل آهي“ ۽ ”سندس زندگي هڪڙو بي اثر جذبو آهي“.

ساڳيو حال Neo-experimentalism, Experimentalism, Dadaism, Surrealism, ۽ ٻين اهڙين قسمين قسمين ۽ روز روز بدلائجندڙ ليبلن واري ادب جو آهي. اهو ادب بہ عوام لاءِ بي معنيٰ ۽ ڪنهن بہ ڪم جو نہ هو.

ناول جي دنيا ۾ رجعت پرست ادب، خالص ناول (Pure Novel)، نئين ناول (New Novel)، علامتي ناول (Allegorical Novel)، ويندي ابتي ناول (Anti-Novel) جهڙا عوام جي زندگيءَ جي حقيقتن ۽ سندس سمجھ سان ڪوبہ واسطو نہ رکندڙ فضول ۽ بيهودا ابوبهر پيدا ڪيا.

اهڙن نام نهاد ”نون“ ناول نگارن، ناولن اندر، ڪنهن ڪهاڻي، پلاٽ، ڪردار، صورت، ڏانوَ، معنيٰ، زماني جي اڳ پٺ جي لحاظ، سوچ ۽ احساس جي تجزيي وغيره جي مذمت ڪئي. هنن حقيقتن ڪي سڙيل لاش وانگر بدبودار ڪري پيش ڪيو. (تاريخي) وقت جي حساب ڪتاب ڪي تڏي چڏيائون. منجهن جيڪي وجي بچيو سي هئا سڪتا اکر، جن مان ڪن عالم فاضل اڪابر پڙهندڙن ڪي پنهنجو ناول پاڻ جوڙڻو هو. (ناول ۾) ناول نگار جو، سنئون سڌو، پڙهندڙن سان خطاب ڪري ڳالھ ڪرڻ، عيب نهرايو ويو.

ٻولي ناقص آهي. گرامر جي ضرورت ڪانهي. ان ڪري گرامر جي چيلھ ڀڃي، ابتي ٻولي لکجي، سا ڳالھ بہ پراڻي آهي. آسٽريا جي تاثراتي جرمن شاعر هگووان هاف مئنسٽل Hugo Von Hofmannsthal 1902ع ۾ پنهنجي مضمون ”لارڊ چئدوس جو خط“ ۾ اعلان ڪيو تہ ”انساني ٻولي منهنجي جذبن جو اظهار ڪرڻ کان قاصر آهي“.

رجعت پرست فن ۽ ادب جا اهي نخرا رڳو ڪي مغرب تائين بہ محدود ڪونہ هئا. اهو هڪڙو عالمي تاريخي لقاءُ آهي. مثال طور ”مان اديب آهيان، منهنجي ذميواري فقط پاڻ سان سچائي آهي. عوام جاهل آهي. اهي منهنجي ڳالهہ سمجهن نہ سمجهن، تنهن سان منهنجو ڪوبہ واسطو ڪونهي“ ـ اها ڳالهہ جهڙي مغرب ۾ تهڙي مشرق ۾ ڪئي ويندي پئي رهي آهي.

اڄ کان ٽي سؤ سال اڳ جي منگ گهراڻي جي چيني اديب يوئان هنگ تائو Yuan Hung Tao اعلان ڪيو هو تہ هو ”جهڙن تهڙن عام ماڻهن سان گڏ مُرڪي يا روئي نٿو سگهي .... سٺي اديب جو مکيہ فرض آهي .... (فقط) پاڻ سان سچو رهڻ“.

سورهين صديءَ جي چيني اديبن تان يوئان چون Tian Yiian-chun ۽ چنگ هسنگ Chung Hsing ”چيني گرامر جي قاعدن جي پوئواري ڪرڻ کان سواءِ ادب تخليق ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون“. پر قصو نہ هليو.

# باب يارهون

# ’هڻ ٿي فريدا! شاد ول....‘

هُڻ ٿـي فـريدا! شاد ول
ڏکـڙين کـون نا کر ياد ول
جهـوکـان تيسـن آباد ول
ايها نئن نہ وهسي هک مٽي. (خواجہ فريد)

(فريد! هاڻ وري خوش ٿي
ڏکڙن کي وري ياد نہ کر
پنهنجون وستيون وري آباد ٿي ويندي‌ون
زماني جي نئين هاڻ رڳو هڪڙي پاسي کانہ وهندي!)

## عالمي عوامي مقابلي جو نئون نرالو تاريخي دور

ڌرتيءَ جي ڏيئن ۽ پٽن ڪڏهن بہ وس پڄندي ڦورو ۽ ظالم تـوراين جي ڦرلٽ ۽ ظلم کي قبول نہ ڪيو آهي ۽ انهن کان پنهنجي جان ڇڏائڻ لاءِ ساٽن ملهون ۽ مقابلا ڪرڻ بند نہ ڪيا آهن.

## باغي رت جي جٻ مٻ جرڪندڙ ليڪ

حضرت عيسيٰ جي ڄمڻ کان اٽڪل بہ سؤ سال اڳ، چيني غلامدارن جي ڦورو ۽ ظالم راڄ جي خلاف چين شينگ ۽ ووڪانگ جي اڳواڻيءَ هيٺ ڪامياب هاري بغاوت کان گهٽو گهٽو اڳ کان وٺي، حضرت عيسيٰ کان منـي صدي اڳ رومـي غـلام اسپارٽئڪس جي اڳواڻي هيٺ بن لکن غلامن جي ناڪام بغاوت تائين ۽ ان کان وٺي اڄ تائين جي هزارين سالن جي عرصي ۾ هر ملڪ جا ڪئين حق پرست، انصاف پسند، ڦريل ماريل ماڻهو اڪيلي سر توڙي ٻين سان گڏجي هر قسم جي ڦورن ۽ ظالمن خلاف هر ميدان ۾، هر هٿيار، هر وسيلي ۽ هر طريقي سان هزارين لکين ڪروڙين ننڍيون توڙي وڏيون بغاوتون ۽ مقابلا ڪندا، وڙهندا، مرندا ماريندا رهيا آهن. فتح توڙي

شڪست جي حالت ۾ هو ڪين ڪمزور ڪندا، پوئتي هٽائيندا، اڪثر سندن اقتدار ۽ بالادستي، ڏاڍ ۽ جبر جي تختن کي ٺُڪي ٺُڪي، پاڙان ڪائي ڪائي، اونڌا ڪندا ۽ مجموعي طور ڦرلٽ ۽ ظلم جي نظامن کي اندران کوکلو ڪندا رهيا آهن. ابن مريم کان وٺي فاطمہ جي لال تائين، سقراط کان برونو تائين، منصور کان سرمد ۽ صوفي شهيد تائين، اسپارٽئڪس کان لومبا تائين، دودي ۽ دريا خان، هوشو ۽ هيمونءَ کان جولس فيوچڪ ۽ وان ٽروئي تائين ۽ ان کان پوءِ اڄ جي انساني تاريخ جي ڪهاڻي درحقيقت انصاف پسند ۽ حق پرست انسانن طرفان ڦرلٽ ۽ ظلم جي راڄ آڏو آڻ مڃڻ کان انڪار ۽ ان سان سر جون سٽون ڏيڻ جي، سورهيائيءَ جي سرهاڻين ڀري ڳاڙهي ريٽي ڪهاڻي آهي. بدر کان ڪربلا تائين، اروڙ ۽ وڳهہ ڪوٽ کان مياڻي ۽ دبي تائين، اسٽالن گراڊ کان ڊين بين ڦو ۽ بيروت تائين حق پرست باغي رت جي هڪڙي روشن جڳ مڳ جڳ مڳ جرڪندڙ ليڪ دنيا جي سمورن ملڪن ۽ سمورن ڪنڊن کي پاڻ ۾ ڳنڍيندي، سمورن زمانن، مڪانن کي لتاڙيندي اچي اسان تائين پهتي آهي. اها رت جي ليڪ اسان جو هڪڙو وڏي ۾ وڏو روحاني ۽ ثقافتي مقدس ورثو آهي. دنيا جو ڪوبہ چنگيز يا هلاڪو، يزيد يا حجاج، تيمور يا نادر شاهہ هٽلر يا مسوليني ان رت ۾ سمايل حق پرست بغاوت ۽ مقابلي جي شعلن کي وسائي نہ سگهيو آهي. حق پرست بغاوتون ۽ مقابلا اڄ تائين جاري آهن ۽ توڙ تائين جاري رهندا.

عوام جي ڦرلٽ ۽ ظلم سان لڳاتار مقابلن ڪئين ڇٽ پٽن سان هٽي ڇڏيا پر بنيادي سماجي سببن جي ڪري، هن کان اڳ هرهنڌ ۽ هر دور ۾ هڪڙي ڦورو ۽ ظالم ٽورائيءَ جي تختي اونڌي ڪرڻ کان پوءِ ان جي جاءِ تي اقتدار عوام جي اڪثريت جي هٿن ۾ نہ پر ڪنهن ٻي ڦورو ۽ ظالم ٽورائيءَ جي هٿن ۾ ئي اچي ٿي سگهيو. هڪڙي ڦورو ۽ ظالم نظام جي جڳهہ فقط ٻيو ڦورو ۽ ظالم نظام ئي والاري ٿي سگهيو.

هزارين سالن جي لکين ڪروڙين ويڙهين جو نتيجو هميشہ ساڳيو اهو نڪرندي نڪرندي، نيٺ اڄ اسان جي دور ۾ اها سياڳي منزل اچي سهڙي آهي، جڏهن هڪڙي ڦورو ۽ ظالم ٽورائيءَ جي جاءِ تي خود مظلوم ۽ محڪوم پورهيت گهڻائي سماج ۽ ان جي هر شيءِ جي مالڪ ٿي سگهي ٿي. هيترن ڦورو ۽ ظالم نظامن جي جاءِ تي هڪ حق پرست ۽ انصاف پسند سماجي نظام والاري سگهي ٿو. ناانصافين ۽ ظلمن جي هڪڙي ڊگهي ۽ ظاهري طرح نہ ڪٽندڙ ٻاٽ اونداهي رات کان پوءِ ڏرتيءَ جي حلالي ۽ ڪرمي ڏيئن پٽن کي پنهنجو ورثو ۽ پنهنجو حق نيٺ ملي سگهي ٿو ۽ آهستي آهستي، ڏاڪي بہ ڏاڪي ملي رهيو آهي. گذريل اڌ صديءَ کان ٿورڙي وڌيڪ عرصي ۾ ڌرتي جي ٽئين

حصي تان ڦورو ۽ ظالم ڌورايون ۽ سنڌ لٽ سردار آقا، دنيا جا سامراجي، بي عزت ٿي موچڙا کائي ڀڄڻ تي چڪا آهن. اڄ اتي انهن ملڪن جي مالڪ اڳوٽن معتبرن جي جنس دوا لاءِ به ڪانه ٿي ملي سگهي. سنڌ شان شوڪت ۽ جاهه جلال جا نشان يا ته قبرن ۾ ساڻن گڏ پوريل آهن يا پوتخانن ۽ عجائب گهرن ۾ ماڻهن جي عبرت لاءِ رکيا آهن.

اڄ هڪ طرف سڄي دنيا جا محنتي، محروم، مظلوم ۽ محڪوم ماڻهو ته ٻئي طرف سنڌ دشمن دنيائي سامراج ۽ سنڌ ملڪ جا چاڙتا ڦورو ۽ ظالم پنهنجي پنهنجي الڳ ڪئمپ قائم ڪريو، هڪٻئي سان اکيون اکين سان ملايو، مقابلي جي ميدان ۾ دوبدو ٿيا بينا آهن. هن ڪان اڳ تاريخ ۾ ائين ڪڏهن به ڪونه ٿيو آهي. هيءَ اڄ تائين جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو ۽ سڀ ڪان وڌيڪ فيصلو ڪندڙ مقابلو آهي. انسان ذات جي روشن آئيندي جو سمورو دارومدار ان مقابلي ۾ سوڀ پائڻ تي آهي.

سمورين ڪوتين ۽ ڪمزورين جي باوجود، دنيا جو عوام، ڪڏهن اڻ لکي نموني رڙهندو ته ڪڏهن ڊرامائي انداز ۾ زبردست چال ڏيندو، پنهنجي عظيم منزل مقصود ڏانهن وڌي رهيو آهي. تاريخ جي اڻ ٽر قلم، نه ميٽجي سگهندڙ روشن اکرن ۾، سنڌ نرڙن تي ”سوڀ“ ۽ سنڌ دشمن جي نرڙ تي ”شڪست“ جا لفظ اکيري چڏيا آهن. ان لکئي کي ڪوبه متائي نٿو سگهي.

توڙي هلين تکڙو، توڙي هلين وک،
پر لکئي منجهان لِک، ذرو ضايع نه ٿئي.
(لطيف)

# نوان ۽ اڻ ڀڄل فرض

هي نسبتاً نئون ۽ نرالو عالمي دور دنيا جي ادب ۽ فن کي اڳي جي ڀيٽ ۾ نوان ۽ اڻ ڀڄل فرض ٿو سونپي.

اڄ دنيا جي انقلابي عوام جي ادبي، فني ۽ ثقافتي فوج سنڌس سموري انقلابي عوامي فوج جو هڪ سورهيه ۽ سوڀارو لشڪر آهي جنهن جي جهنڊن تي ”ڄاڻ، سمجهه، روشني، محبت، جدوجهد ۽ سورهيائي“ جا لفظ سوني پاٽيءَ ۾ اُڪريل آهن. هن لشڪر بنان، دنيا جا عوام هرگز ڄٽادار سوڀ حاصل ڪري نٿا سگهن.

اڄ جو سچو پچو نئون عالمي ادب ۽ فن دنيا تي رڳو تنقيد نه ٿو ڪري، ان کي ڊاهي نئين سر اڏڻ ۾ به پاڻهن ڀيلي ٿيو بينو آهي. اهو ڪنهن هڪڙي فرد يا ٽولي بدران

ڌرتيءَ جي ڏيئن ۽ پٽن جي زبردست اڪثريت جي ڏکن، سکن، اميدن ۽ انديشن، لڙڪن ۽ مرڪن، سپنن ۽ ساپيائن جي اهڙي باشعور ۽ بامقصد فنڪارانہ ۽ اثرائتي ترجماني ٿو ڪري جو اهو سنڌن بهتر آئيندي واسطي جدوجهد جي واٽ جو سونهون، سنڌن ٻانهن جو ٻل، دلين جو سهارو ۽ اکين جي روشني ثابت ٿي رهيو آهي.

## نئون اعليٰ عوامي ادب تخليق ڪرڻ لاءِ ڀرپور سائنسي سماجي ڄاڻ ۽ سمجهہ هن دور ۾ ئي ميسر آهي

فطرت سان گڏ انساني سماج ۽ انساني سوچ بابت صحيح ڄاڻ، ٿورو طبقن جي سخت مخالفت جي باوجود، گذريل صدين ۾ ”ٿڙيءَ ٿڙيءَ تلاءُ“ وانگر آهستي آهستي گڏ ٿي، وڌي ويجهي، نيٺ گذريل صديءَ ۾ هڪ باقاعدي علم ۽ سائنس جي رتبي کي اچي رسي آهي. اها هاڻ ئي ان پوزيشن ۾ آئي آهي جو سماج ۽ انساني سوچ (جنهن مان ادب، فن، علم ۽ سائنس وغيره پيدا ٿيا آهن) بابت اڻ ڄاڻائي، ڌُڪيبازي ۽ نسوري ڪوڙ، زٽ ۽ گمراهيءَ تي ٻڌل ڳالهين سان صحيح معنيٰ ۾ مقابلو ڪري سگهي.

انسانن جي اڪثريت اڃان تائين انهن ڳالهين بابت صحيح ڄاڻ ۽ سمجهہ حاصل ڪري نہ سگهي آهي. پر ان جو هڪ حصو ان ڏينهن کان ٻاهر نڪري چڪو آهي. هاڻ اديبن، عالمن، دانشورن توڙي عام ماڻهن لاءِ اهو ممڪن ٿي پيو آهي تہ جيڪڏهن هو چاهين ۽ پوري اورچائيءَ ۽ ثابت قدميءَ سان ڏکي جدوجهد ڪن تہ انساني سماج، انساني سوچ ۽ انهن جي پيداوار (ادب، فن ۽ علم وغيره) بابت صحيح ۽ پڪي پختي ڄاڻ حاصل ڪري سگهن ٿا.

## زندگيءَ جي هيڪڙائي، نرالائي، پيچيدگي، سڀ طرفائي، وسعت ۽ گهرائيءَ جو ترجمان ادب

عام طرح ادب ۾ زندگيءَ کي سماجي طرح هڪ هنڌ بيٺل، اڻ چرندڙ، چڙوچڙ ۽ هڪٻئي کان ڌار سماجي لقائن، روپن ۽ حالتن جي صورت ۾ ڏيکاريو ويو آهي ۽ نہ پاڻ ۾ ڳنڍيل، هڪٻئي مان پيدا ٿيندڙ، هڪٻئي تي دارومدار رکندڙ، هڪٻئي کي متاثر ڪندڙ، هڪٻئي ۾ پيئل ۽ هر وقت چرندڙ پرندڙ ۽ بدلجندڙ نظامن جي سلسلي جي روپ ۾. ان ادب جو ڏوهہ ڪونہ هو. اهو گهٽي ڀاڳي سائنسي عالمي تاريخي نقطي نظر

۽ سائنسي سماجي ڄاڻ ۽ سمجھ جي روشنيءَ ۾ ڪيل زندگيءَ جي سڀ طرفي، اونهي ۽ وسيع مطالعي ۽ مشاهدي جي پيداوار نہ هو.

هن دور جو عوامي ادب ان ڳالھ ۾ اڳين عوامي ادبن کان گھڻو اڳتي آهي.

اهو زندگي ۽ سماج کي صحيح عالمي تاريخي نقطي نگاھ کان، سائنسي سماجي ڄاڻ ۽ سمجھ جي روشنيءَ ۾، سندن سموري زمان ۽ مڪان جي هيڪڙائي ۽ وحدت، لاڳاپي ۽ تسلسل، داورمدار ۽ باهمي اثراندازي، هڪٻئي ۾ سمايل هجڻ ۽ لڳاتار چرپر، تبديليءَ جي صورتن ۾ سندن سمورن رنگن روپن ۾، سطح، رفتار ۽ رخ جي لڳاتار تبديليءَ سان، سندن پنهنجو پاڻ کي بظاهر دهرائيندو رهڻ، پر حقيقت ۾ ڏاڪي بہ ڏاڪي، هيٺان کان مٿي ويندڙ حالت ۾، ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

## اڄ جي عوامي ادب ۽ هاڻوڪي عوامي ادب ۾ فرق

اڳ عوام دشمن نظامن جي مقابلي ۾ نئين نظام قائم ڪرڻ جو واضح تصور موجود ڪونہ هو. ان نئين نظام کي قائم ڪرڻ واريون قوتون، انهن جون تنظيمون، سوچيل سمجھيل طيءِ ٿيل مقصد ۽ پروگرام موجود ۽ معلوم ڪونہ هئا. ان ڪري ان دور جي عوام جي گھڻگھري ادب لاءِ اهو ئي ڪافي سمجھيو ويندو هو تہ اهو رائج قورو ۽ ظالم سماجي نظام جي ڏار ڏار، چڙوچڙ ڳالهين ۽ سندس مشينريءَ جي ڏار ڏار پرزن جي، بنان واضح مقصدن جي، عام اوگھڙ ۽ مخالفت ڪري، مظلومن تي ٿيندڙ ظلمن ڏانهن ڌيان ڇڪائي ۽ وچولن ۽ مٿين طبقن جي دلين ۾ مظلوم لاءِ قياس ۽ همدردي ۽ ظالمن لاءِ نفرت پيدا ڪري. ان ادب کي اجوڪي سماجي ٻوليءَ ۾ سڌارڪ ادب سڏي سگھجي ٿو.

پر هي صدي ٻي صدي آهي. هيءَ صدي پراڻن نظامن خلاف نہ رڳو نفرت جاڳائڻ، مظلومن لاءِ همدردي پيدا ڪرڻ جي صدي آهي پر انهن سان مظلوم عوام طرفان منظم نموني ڊگھي ۽ اڻانگي، مرڻ جيئڻ جي ويڙھ ڪري ڪين ڊاهي نيست نابود ڪري سندن جاءِ تي هڪڙو انصاف پريو عاليشان نئون نظام قائم ڪرڻ جي صدي پڻ آهي. ان ڪري هن دور ۾ عوام جي گھڻگھري ادب جا فرض اڳوڻي سڌارڪ ادب جي ڀيٽ ۾ انقلابي آهن. اهو پراڻي عوام دوست ادب جو نقل نٿو ڪري سگھي ۽ اوستائين محدود رهي نٿو سگھي. هُن ۽ هن ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.

اڳوڻي دور ۾ اديبن ۽ فنڪارن جو دنيا کي بدلائڻ جي اڻ لکي جدوجهد ۾ ڪردار تمام گھٽ اثرائتو، جهڪو ۽ اڻ لکو هو. هن دور ۾ سندن ڪردار نهايت نمايان ۽

اثرائتو آهي. ان ڪري اڳوڻن دورن جي عوام جي گهٽگهرن اديبن ۽ فنڪارن جي سماجي ذميوارين ۽ فرض ۽ اهميت ۽ هاڻوڪن عوام جي گهٽگهرن اديبن ۽ فنڪارن جي ذميوارين ۽ فرضن ۽ اهميت ۾ ٻه زمين آسمان جو فرق آهي.

# باب ٻارهون

## نوان هيرا!

ننڍو تہ کوهہ وکين آهي وترو
وجيو ڪاک ڪنڌين ۾، پهس پکي جئن پوءِ
ان ڪُرَ سندو ڪوءِ، ميو مانو نہ ٿئي!

(لطيف)

موکي متارن جا، ننڍا ڪيمَ نهار
ساماٽا سري ڏٿي، اڃا اڳڻ ڏار
ناٽو ڪيمَ نهار! سر پڻ ڏيندا ست ۾!

(لطيف)

ڪڏهن نہ اهڙا، جهڙا هيل!
مون وٽ باک ـ ٻنا رابيل!

(اياز)

هر دور جو ادب ۽ فن رڳو حقيقتن جو نہ پر خوابن ۽ خيالن جو بہ ترجمان رهيو آهي. حقيقت پسند ادب جو مطلب بہ مشيني ۽ لڪير جي فقيري وارو نہ وڻڻ گهرجي. جڏهن ادب ۾ پيش ڪيل خواب ۽ خيال حقيقتن مان پيدا ٿيل آهن ۽ سياڻي جي حقيقتن جي عڪاسي ڪن ٿا تڏهن اهي ادب جي حقيقت پسنديءَ کي گهٽائين نٿا، وڌائين ٿا.

هر دور ۾ ادب ۽ فن ماڻهن جي زندگين جي حقيقتن توڙي خيالن ۽ خوابن جي ترجماني ڪندي سندن دل گهريا ۽ دل گهريون ڳالهيون پيش ڪيون آهن. زندگيءَ جي حقيقت مان ڪچو اڻ گهڙيو مواد وٺي، ان کي گهڙي سنواري، حقيقت کان گهڻو گهڻو وڌيڪ خوبصورت ۽ اثرائتو بنائي پيش ڪرڻ ادب ۽ فن جو بنيادي ڪم پئي رهيو آهي.

وڏاءُ، مفروضا ۽ سينگار ادب جي جان آهن. ماڻهن جي سونهن، سخاوت، بهادري، ڪرامت، طاقت ۽ چالاڪيءَ بابت هرقسم جون صفا فرضي ۽ بنهہ گهٽي وڌاءَ واريون، ڪهاڻيون ۽ داستان، عالمي ادب جو حصو آهن. اهڙن زبردست واقعن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جي نہ ڪڏهن ٿيا ۽ نہ انهن حالتن ۾ ٿي سگهيا ٿي.

اهڙا وسيلا ۽ اهڙيون شيون ۽ قوتون فرضي طرح موجود ڪري ورتيون ويون آهن، جيڪي اجان ڌرتيءَ تي تصور ۾ بہ مس اچي تي سگهيون.

مثلاً الف ليلىٰ ۽ ٻين داستانن ۾ اسم اعظم، اڏند کٽولي، ساموندي گهوڙا ۽ اچوڪين جاسوسي، سائنسي ۽ خلائي ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ ذڪر ڪيل خيالي اوزار، هٿيار، مشينون، قوتون ۽ جڳهون وغيره.

## ”هاڻ هيرا نہ ٿين“

جڏهن سرمايہ دار طبقو اسري، وڌي، ويجهي رهيو هو ۽ جڏهن اهو ترقي پسند هو ۽ وڏا ۽ شاندار ڪارناما سرانجام ڏيئي سگهيو ٿي، تڏهن ان ادب ۾ پنهنجي طبقي جي نقطي نظر کان زبردست هيرا ۽ هيروئنون پيش ڪيون، عوام وٽ انهن ڏينهن ۾ طبقاتي سمجهہ ڪانہ هئي، عالمي تاريخ ۾ سندن ڪردار درحقيقت ڪيڏو زبردست هو سا ڪين خبر ڪانہ هئي. تڏهن هنن جاگيردار ۽ سرمايہ دار طبقي جي عالمي ۽ سماجي نقطي نظر ۽ موقف کان تخليق ڪيل هيرن ۽ هيروئنن کي ئي پنهنجا هيرا ۽ هيروئنون تسليم ڪيو ٿي ۽ انهن جو مثال ورتو ٿي.

## ”گناهہ ٿيندو!“

هاڻ جڏهن جاگيردار تہ نهيو خود سرمايہ دار طبقي جي عالمي ڪردار ۽ اهميت ۾ زبردست زوال آيو آهي ۽ سندن سورهيائي ۽ شان جا ڏينهن پورا ٿي ويا آهن ۽ عوام جي سورهيائي ۽ شان جا ڏينهن شروع ٿي ويا آهن ۽ اهو وقت اچي ويو آهي جو ادب ۽ فن ۾ ڦورو طبقن جي سورمن بدران عوام مان سرجندڙ نون سچن پچن سورمن ۽ سورمين جا ڳڻ ڳايا وڃن، تڏهن زوال پذير سرمايہ دار ادب هڪدم پلٽو ڪاڌو آهي تہ ”ادب ۾ سورمن ۽ سورمين جي ڪابہ ضرورت ڪانهي! اها پراڻي ڳالهہ آهي. دراصل زندگيءَ ۾ ڪي ساراهہ لائق ڪارناما هوندا ئي ڪونهن. هن دور ۾ ڪهاڻيءَ بدران اَڪهاڻي لکڻ ۽ ناول بدران اَناول (Anti-Navel) لکڻ گهرجي.“ مطلب تہ جڏهن راند ۾ ٻين جي کٽڻ جو وارو اچي تہ راند بند! ڇو ”راند بدعت آهي. شريعت ۾ ناجائز آهي! گناهہ ٿيندو!“

هيستائين عالمي ادب ۾ گهڻي قدر هيرا غلامدار، جاگيردار، سرمايہ دار يا بنهہ گهٽو ڇيهہ ٿيو تہ لاچار وچولي سفيدپوش طبقي جي سوچ ۽ سمجهہ، خيالن ۽ خوابن مطابق تخليق ڪيا ويندا رهيا آهن. جان عالم، ممتاز دمساز، شهزادو اندري، تارزن،

سپرمئن جھڙا ھزارين لکين ڪردار ۽ ھيرا انھن سوچن، خيالن ۽ خوابن مطابق پيدا ڪيا ويندا رھيا آھن. انھن جي جواب ۾ عوام منجھان ھيرا بہ آھن. مثلاً ڪپرڙو چور، وتايو فقير، ملا نصيرالدين وغيره پر اھي استثنائون آھن. خود انھن جي سوچ بہ وقت جي حڪمران سوچ جي دائري اندر آھي، ٻاھر ڪانھي.

ٻئي طرف اڳوڻي ترقي پسند ادب جا ھيرا آھن اھي سماج جا ڌڪاريل، ڪنا، قابل نفرت ماڻھو جن جي دل ۽ روح ۾ ڪا شيءِ آھي جا گندي تيڻ کان بچي ويئي آھي.

پر اھي ڪردار بہ عوام منجھان مثالي ڪردار ناھن. اھي صرف عوام جي پستيءَ جا، جھالت جا، مظلوميت جا ۽ بيوسيءَ جا نمائندا آھن. جيئن اسان چئي چڪا آھيون، عوام رڳو پستي ۽ جھالت ناھن، مظلوميت ۽ بيوسي ناھن. عوام ھر پستي، جھالت، مظلوميت ۽ بيوسيءَ جي باوجود لکن ڪروڙن خوبين، گڻن ۽ قوتن جون کاڻيون ۽ ڀنڊار آھن. کاڻيون کوٽي ۽ ڀنڊار کولي ڏسبو تہ، ڪچي ۽ اڻ گھڙيل حالت ۾ ئي سھي، حقيقي سمجھہ، عقل، ھمت، سونھن، سچائي، عظمت ۽ سورھيائي جا اصل خزانا عوام وٽ ئي آھن ۽ نہ سندن دشمنن وٽ.

## عوامي ادب جا اڻوٺا ھيرا ۽ ھاٺوڪا ھيرا

چيخوف، منٽو ۽ ڪرشن چندر وغيره ترقي پسند اديبن، جاگيردار ۽ سرمايہ دار نقطي نگاھ وارن جڙتو ھيرن بدران عوام مان ھيرا تخليق ڪري پيش ڪيا.

انھن ھيرن مان گھڻا ظاھري صورت ۾ غريب بدمعاش ھئا، پليل گمراھ، بي وقوف ۽ ظالم ھئا، گندي زبان استعمال ڪندا ھئا ۽ اڪثر گندا ڪم ڪندا ھئا. پر انھن فنڪارن ڏيکاريو تہ انھن جي انسانيت مڪمل طرح مري ڪانہ ويئي ھئي. سندن زندگين جي رک ۾ شرافت جون ڪئين چڻنگون لڪل ھيون. اھي ظاھري اڇن اجرن ۽ اندر جي ڪارن منافقن ۽ مڪارن کان دل جا وڌيڪ صاف ۽ سٿرا اڇا اجرا انسان ھئا.

پر زندگيءَ جي، خاص ڪري اڄ جي زندگيءَ جي، رڳو اھا حقيقت ڪانھي تہ ڪارين دلين ۽ اڇن اجرن ڪپڙن وارن ماڻھن سان گڏوگڏ ميرن ۽ ڦاٽل ڪپڙن وارا ۽ اڇين صاف سٿرين دلين وارا ماڻھو بہ موجود آھن پر زندگيءَ جي غالب حقيقت اھا آھي تہ اڳ بہ ھميشہ اھڙا ماڻھو موجود رھيا آھن ۽ ھن دور ۾ تہ خاص ڪري اھڙا گھڻا ماڻھو موجود آھن جيڪي نہ رڳو ظاھري سٺن ۽ اندر جي خراب ماڻھن جي ڀيٽ ۾ گھڻ خراب بلڪ بھتر انسان ھئا ۽ آھن جيڪي ظاھري سٺن ۽ اندر جي خراب ماڻھن جي بلڪل ابتڙ ھئا ۽ آھن. اھي خراب روپ ۾ چڱيرڙا ماڻھو نہ پر سٺي روپ ۾ سٺا انسان ھئا ۽ آھن.

جيڪي اندر بہ عظيم هئا ۽ آهن ۽ ٻاهر بہ شاندار هئا ۽ آهن. اڄوڪي دور ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ اهڙا ڪوڙ ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي زندگين کي ڀرپور نموني ماڻڻ لاءِ، انسانيت جي اعلىٰ ترين آدرشن لاءِ، مظلوم ماڻهن جي تقدير لاءِ هڪ نئون جهان اڏڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي وقف ڪريو وينا آهن، هرڪو پنهنجي جاءِ تي حق ۽ سچ جي هڪڙي مُني ٿيو بيٺو آهي. هو روز تلاش، جاکوڙ، سهپ، قرباني ۽ سورهيائي جا اهڙا بي انداز اڻ لکا توڙي ظاهر، ننڍڙا توڙي وڏا ڪارناما سرانجام پيا ڏين جو جيڪڏهن هي دور اڳين دور وانگر هجي ها تہ ماڻهو کين رشي مني ۽ اوليا بلڪ ان کان بہ وڌيڪ درجو ڏيئي سندن پير چمن ها.

## پل پل هڪ ڪارنامو

تنهن کان سواءِ عوام منجهان عام مرد ۽ عورتون، ٻار ۽ ٻڍا جيڪي پهاڙ جهڙيون زندگيون گذاريندا رهيا آهن تن جو هڪ هڪ پل سهپ جاکوڙ، تخليق ۽ سورهيائيءَ جو ڪارنامو پئي رهيو آهي. هر زندگي هڪ معجزو آهي. هڪڙي رن زال، ولر يتيم ٻارن جو، هڪڙو مڙس، لشڪر ويرين جو، هڪڙو پساھ ۽ محرومين، بيمارين، ڏکن، اڻ هوندن، خوفن جا ڪٽڪ! رستمن ۽ سهرابن جا داستان، حالتن آهر، هنن داستانن جي پيٽ ۾ ڦڪا ۽ خسيس آهن.

عوام ۾ حالتن آهر اهڙا اهڙا حرفتي، چالاڪ، قابل ۽ ڏاها ماڻهو پيا آهن، اهڙا اهڙا تخليقي ذهن رکندڙ ۽ ڪاريگر ماڻهو پيا آهن، اهڙا اهڙا اڻ موٽ، مٿير ۽ قنڌار مرد، عورتون ۽ ٻار پيا آهن جو انهن جي پيٽ ۾ ادبي پَٽن ۽ مگٽهارن طرفان ماڻهن تي ٿاڦيل ڦورو ۽ ظالم طبقن ۽ سندن حوارين ۽ پچ لٽڪائوئن جا هيرا چڻ تہ ڏوڙ ۽ ڦلهيار آهن.

جيئن اسين ڳالھ ڪري آيا آهيون تہ ادب رڳو فوٽوگرافري ڪونهي. اهو خالق ۽ سينگاريندڙ بہ آهي. نئين عوامي ادب کي عوام جي سچن پچن سٺن اعلىٰ ۽ سورهيہ ڪردارن جي ڪچي سون کي چمڪائي ۽ گهڙي ان مان ادبي ۽ فني ڪرشما پيدا ڪري ڏيکارڻا آهن.

انقلابي ادب کي بہ اهو حق هئڻ گهرجي بلڪ سندس ڪم هئڻ گهرجي تہ عوام کي پنهنجو پاڻ ۾ وڌيڪ اعتماد ڏيڻ، کيس آئنده جون تصويرون اڳوات ڏيکارڻ ۽ سندن جدوجهد کي تيزتر ڪرڻ لاءِ اهو سٺن، روشن خيال ۽ انقلابي ماڻهن، ۽ تحريڪن بابت دستوري وڏاءَ، مفروضن ۽ سينگار کان ڪم وٺي، کين اهڙو سيبتو، سٺو، روشن خيال،

سجاڳ، سمجهو، ڏاهو، متحد، متحرڪ، ڳهَڻ ڳُٽو، سڀ طرفو ويڙهو، سورهيه ۽ شاندار ڪري پيش ڪرڻ جهڙا اجا هو حقيقت ۾ نه ٿي سگهيا آهن.

اهڙو ماحول، اهڙيون حالتون، اهڙا فرد، اهڙا گروهه اهڙيون تنظيمون، اهڙا ڪارناما، اهڙيون ڪاميابيون اڄ ئي چٽي پيش ڪرڻ گهرجن، جن اڃان وجود حاصل نه ڪيو آهي ۽ سڀاڻ وجود ۾ ايندڀون.

اهڙا روشن ۽ بلند خيال، مائٽ، اهڙا پائر ۽ پيٽون، اهڙا دوست، اهڙا ساٿي، اهڙا اعلىٰ عاشق ۽ معشوق، اهڙا بلند پائي جا انساني ناتا ادب ۽ فن وسيلي تخليق ڪري ڏيکاري جي عوام لاءِ مثالي بنجن ۽ ڪين به اهڙو ٿيڻ لاءِ هرڪائين.

عوام ڪي بنهه وڏيون نه ته ننڍيون ننڍيون ۽ وچٽريون ڪاميابيون حاصل ڪندو ڏيکاريو وڃي. اسان جا هيرا محبت ۾، علم ۾، پورهئي ۾، جدوجهد ۾، انقلاب ۾، پاڻ ڪي بدلائڻ ۾، نئون مثالي انسان ٿيڻ ۾ بين هزارين ڳالهين ۾، ڪامياب ٿي سگهن ٿا ۽ ڪجهه ٿيا به آهن. گهربل حالتون تخيل جي مدد سان تخليق ڪري سگهجن ٿيون.

سونهاري صبح جون جهلڪيون اڄ ئي ماڻهن کي پسائي، ڪين متس موهت ڪري، انهن جي وڏيل ڪوشش سان، ان صبح کي وڏيڪ ويجهو آڻڻ گهرجي.

## پير حقيقتن جي زمين تان کڄي نه وڃن!

ان سموري عمل جي دوران اديب جا پير پنهنجي دور ۽ سماج جي بنيادي حقيقتن جي ڌرتيءَ تي مضبوطيءَ سان ڪتل هجن.

حقيقت ۽ فنڪاريءَ جو پاڻ ۾ لاڳاپو ۽ توازن اهڙو آهي جهڙو ٻوڙ ۽ مصالحي جو. بنا مصالحي جي ٻوڙ به ڪونه نهندو ۽ حد ڪان وڌيڪ لوڻ ۽ مرچ وارو ٻوڙ به ٻوڙ نه ٿيو! اهو ڪم وڏي قابليت، توازن ۽ ڪاريگريءَ جو آهي.

آهستي آهستي ۽ ڏاڪي به ڏاڪي اهي ڳالهيون محنت سان سکي وڃبيون، غلطيون ٿينديون ۽ ضرور ٿينديون، ماڻهو به ڪلندا پر غلطيون درست ڪري سگهجن ٿيون ۽ ماڻهن جي ڪِل کي تحسين ۾ بدلائي سگهجي ٿو.

## عوامي نقطي نگاهه، عوامي موقف يا بيهڪ

نئون عوامي ادب زندگيءَ جي هر حقيقت کي سرمايه دار يا جاگيردار يا سامراجي يا خود سفيدپوش ۽ وچولي طبقي جي نقطي نگاهه جي بدران باخبر ۽ باشعور پورهيت

عوام جي نقطي نگاهه سان ڏسندو، سمجهندو ۽ پيش ڪندو. اهو ادب پاڻ کي انهيءَ عوام جي پوزيشن ۾ وجهي انهي موقف ڪان دنيا کي ڏسندو.

اهڙي ريت اهو رڳو پورهيت عوام بابت ادب نہ هوندو پر ان سان گڏ پورهيت عوام جي نقطي نگاهه ۽ موقف وارو ادب بہ هوندو. پورهيت نقطي نگاهه ۽ بيهڪ يا موقف اهو جيڪو هن دور جي سڀ کان ترقي يافتہ انقلابي پورهيت نظريي جي روشنيءَ ۾ بنيو هجي ۽ نہ اڻ ڄاڻ، بي سمجهہ ۽ پرمتڙي پورهيت سوچ ۽ سمجهہ جي اوندهہ ۾.

## قومي عوامي جمهوري سامراج دشمن انقلابي ادب

اهو ادب قومي هوندو چو تہ اهو قومي برابريءَ جو علمبردار ۽ قومي ڦرلٽ ۽ جبر جو جاني دشمن هوندو. اهو عوام جي وڏي گهڻائي لاءِ هوندو ۽ نہ رڳو ٿورڙن پريلن پيٽن لاءِ يا رڳو سفيدپوشن لاءِ. اهو عوام جي حقن ۽ جمهوريت جو حامي ۽ فسطائيت ۽ سامراج جو دشمن هوندو. اهو عوام جي زندگيءَ کي، هن دنيا کي بنيادي ۽ مڪمل طرح بدلائڻ جو علمبردار هوندو ۽ نہ رڳو ان تي افسوس ڪرڻ ۽ ان ۾ ڪجهہ نيون چتيون هڻڻ جو.

## سولو، عام فهم جو ادب

اهو ادب ڪوشش ڪري سولو، آسان ۽ ماڻهن کي سمجهہ ۾ اچڻ جهڙو هوندو تہ جيئن اهو عوام جي وڏي گهڻائيءَ کي سولائيءَ سان سمجهہ ۾ اچي سگهي ۽ اهي ان مان پنهنجي زندگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ نئين روشني ۽ سگهہ حاصل ڪري سگهن.

## رڳو ڪهاڻيون نہ، ناول بہ لکڻ گهرجن

سنڌي ادب ۾ گهڻو ڪري رڳو ڪهاڻين جي پرمار آهي. ناول جي سخت اڻاٺ آهي.

عام طرح ڪهاڻي گهڙيءَ جو چٽڪو آهي. اها زندگيءَ جي فقط ڪنهن هڪ اڌ ڪردار، واقعي، تاثر ۽ پل جي ڳالهہ آهي. اها زندگيءَ جي گهڻ پاسائيءَ کي نظرانداز ڪري ٿي. عام طرح ناول جو دائرو وسيع آهي. ان ۾ اڪثر ڊگهن عرصن، گهڻن واقعن ۽ گهڻن ڪردارن جي ڳالهہ هوندي آهي. اهو ڪهاڻيءَ جي ڀيٽ ۾ زندگيءَ جي

گوناگونيءَ، گهرائي، پيچيدگيءَ، ڊيگهه ۽ ويڪر، بلندي ۽ پستيءَ جي وڏيڪ ڪاميابيءَ سان ترجماني ڪري ٿو.

ڪهاڻيءَ جي ڀيٽ ۾ ناول لاءِ وڏيڪ وسيع ۽ گهرو، تجربيڪار ۽ بالغ فن ۽ سوچ گهرجي. ان لاءِ زندگيءَ جو ڪو نہ ڪو منظم فلسفو گهرجي ٿو.

چيو وڃي ٿو تہ ماڻهن وٽ ناولن لاءِ وقت ڪونهي. ان ڪري ڪهاڻيون وڏيڪ ڪارگر ۽ مقبول آهن؟ ڪو پڇي تہ اهي ڪهڙا ماڻهو آهن جن وٽ دلچسپ ۽ من موهيندڙ ناولن لاءِ وقت ڪونهي؟ آمريڪا ۽ يورپ ۾ ڪي اهڙا ماڻهو هجن تہ ڀلي باقي اسان وٽ تہ هرويرو اهڙي رات ڪانہ پيئي آهي! اسان وٽ تہ ماڻهو اڃان بہ وڏي ذوق شوق سان گل بڪاولي، ممتاز دمساز، الف ليلىٰ، جان عالم، ليلىٰ مجني، شيرين فرهاد، سسئي پنهون، مومل راڻي وغيره جا داستان پيا پڙهن. پڙهن تا تہ رکڻ تي دل نٿي ٿئين! اڄ ٻهراڙين ۾ گهر گهر پڙهيل وينا آهن. ماڻهن جي باشعور ۽ بامقصد پسند وٽان ناول هجن تہ ماڻهو ٻئي پاسي لوڻو بہ ڪونہ هڻندا.

جن اديبن کي ناول لکڻ جو ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏانءُ هجي ۽ وٽن عوام جي بامقصد ۽ باشعور پسند جي ڪا ڳالهہ، ڪو پلاٽ هجي تہ انهن کي گهٽي ۾ گهٽو ڌيان ان پاسي ڏيڻ گهرجي. بالغ نظر اديبن کي موجوده حالتن ۾ ناول لکڻ ئي جڳائي ٿو.

آهين جي مڙس، ڪَل تون ڏُرس، گهڙ منجهہ تار، ڏي تاريون،
ڇاڪي ٿو ڇوڪرن جئن، ننڍڙي پاڻيءَ ۾ ڪرين ڇپ ڇپ!

(خليفو گل)

## ماضيءَ جي ادب ڏانهن رويو

ماضيءَ جي ادب ڏانهن نئين ادب جو رويو ”خذما صفادع ماڪدر“ (جيڪو چڱو آهي سو هٿ ڪريو، جيڪو خراب آهي تنهن کي ڇڏيو.) وارو هئڻ گهرجي.

ان ادب کي تنقيدي نموني ڪتب آڻڻو آهي. هر تخليق جي سٺين ڳالهين کي پرائڻو آهي برين عوام دشمن ڳالهين ۽ سوچن کان بچڻو آهي ۽ انهن کي رد ڪرڻو آهي.

اڻويهين صديءَ جي مشهور جرمن اديب ۽ شاعر هينرڪ هائين Heinrich Heine جي ڳالهہ کي بہ ڌيان ۾ رکڻو آهي تہ ”هر دور جڏهن نوان خيال حاصل ڪري ٿو تڏهن هو

انهن نون خيالن سان گڏ نيون اکيون به حاصل ڪري ٿو. ان ڪري اڳين زمانن جي ذهني تخليقن ۾ ڪيس گهٽيون ئي نيون ڳالهيون نظر اچن ٿيون.“

## پـ ڪسوٽيون

ماضي جي ادب کي اڄ ڪهڙي ڪسوٽيءَ تي پرکجي؟

ڪسوٽيون ٻه هئڻ گهرجن، نه رڳو اها هڪڙي جيڪا عام طرح ٿيندي رهي آهي.

اها عام ڪسوٽي اها آهي ته اهو ادب جنهن دور ۽ ماحول ۾ خلقيو ويو هو انهن جي مجموعي حالتن ۾ ترقي پسند هو يا رجعت پرست.

ٻي ڪسوٽي اها آهي تـه اهـو اڳوڻو ترقي پسند ادب اڄ جي دور ۽ حالتن ۾ ڪيتري حد تائين ترقي پسند رهجي ويو آهي؟ اڄ جي ترقي پسند سوچن سان ڪيتري قدر هم آهنگ آهي؟

هومر، هوريس، ورجل، ڪاليداس، شيڪسپيئر وغيره پنهنجي دور ۾ تـه سبحان الله هئا. اڄ تائين سندن ڏاڪون آهن. پر انهن جون سوچون اڄ جي حساب سان ڪيتري قدر ترقي پسند ۽ عوام دوست آهن، سو حساب اڄ نئين سر لڳائڻو پوندو ۽ ايندڙ هر دور ۾ اهو سلسلو جاري رکڻو آهي.

انهن ٻنهي ڪسوٽين تي پرکڻ کان پوءِ، ماضيءَ جي اعليٰ ادب جو باخبر ۽ باشعور عوام جي نقطي نگاهه کان جيڪو رتبو وڃي بيهي سو مقرر ۽ قائم رکڻ گهرجي.

## دنيا جي اڳوڻي توڙي اڄوڪي اعليٰ عوامي ادب جي ڀوڳولا ڪريو!

عالمي ادبي پبلسٽي، خريد فروخت، ڇپائي ۽ ترجمي ۽ تنقيد تي سرمايه دار سامراجي طبقن جي قبضي هئڻ ڪري ۽ ٽين دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ عوامي ادب خلاف ڪات ڪهاڙا ڪنيل هئڻ ڪري ٽين دنيا جي ملڪن ۾ جيڪو اڳوڻو توڙي اڄوڪو اعليٰ ادب اصلوڪي صورت ۾ يا ترجمن جي صورت ۾ اچي ٿو ۽ جيڪو پڙهايو وڃي ٿو سو درحقيقت دنيا جو پراڻو ۽ نئون بهترين ادبي مال ڪونهي.

مرزا قليچ بيگ جو مثال وٺو. هن تي اسان کي جائز طرح فخر ۽ ناز آهي ۽ رهندو. پر هن جيڪي ترجما ڪيا سي شيڪسپيئر کي ڇڏي ٻيا ڇا ان زماني جي عالمي

ادب جا نمائندگي ڪندڙ ادب جا ترجما هئا؟ نہ. گلن جي ٿوڪري وغيره ناول ايستائين تخليق ٿيل اعليٰ ادب ۾ شامل ٿي نہ هئا. رڳو ايترو ياد رکڻ ٿي ڪافي نہ ٿيندو تہ يورپ جو جڳ مشهور سرمايہ دار جمهوري انقلابي ادب خاص ڪري عظيم فرينچ انقلاب کان اڳ جو انقلابي ادب، مرزا صاحب جي زماني کان اڌ صدي اڳ موجود ٿي چڪو هو! حقيقي اعليٰ ادب انگريز سنڌ ۾ اچڻ ٿي ڪونہ ڏين ها. ترجمي ڪرائڻ جو تہ سوال ئي پيدا نٿي ٿيو.

اڄڪلھ جيڪو آمريڪا، يورپ ۽ ٽين دنيا جي ملڪن جو ”چونڊ ادب“ ترجمو ٿي اسان اڳيان اچي ٿو تنهنجو گهڻو حصو يا بنھ ولللي واويلائي زوالي گند ڪچرو آهي يا غيرعوامي، غيرانقلابي خسيس قسم جو، بي مقصد ۽ گهٽ فني معيار جو ادب آهي. خود پورهيت اقتدار وارن ملڪن جي ٻولين مان جيڪو ادب ترجمو ڪري سنڌيءَ ۾ آڻجي ٿو سو بہ گهڻا پيرا پراڻو سرمايہ دار دور جو وللي واويلائي ادب هوندو آهي! حالانڪ اڄ عالمي ادب آسمان جي بلندين کي ڇهيو بيٺو آهي!

ڏڪيءَ ٿوءِ ڏڪار، ٽوٽي وسن مينهڙا (لطيف)

ان ڪري اسان کي گذريل ٽوڙي هاٽوڪي ادب جو نئين سر مطالعو ڪري ان مان چونڊ ادب ترجما ۽ تلخيصون ڪري سنڌيءَ ۾ آڻڻ گهرجي. دنيا جي اعليٰ عوامي ادب ۾ نہ رڳو سرمايہ دار دنيا جو اعليٰ عوامي ادب پر پورهيت نظام وارن ملڪن جي اعليٰ عوامي ادب کي بہ شامل ڪرڻ گهرجي.

## اڄوڪي ترقي پسند ادب ڏانهن رويو

اڄوڪو ترقي پسند ادب، نہ سمورو پورهيت انقلابي ادب آهي ۽ نہ صحيح ۽ ڀرپور معنيٰ ۾ ترقي پسند ادب آهي. ان ادب جي باخبر ۽ باشعور پورهيت عوام جي عالمي نقطي نظر، سماجي سمجھ ۽ پروڙ، انقلابي عوامي موقف جي دوربينيءَ ۽ خوردبينيءَ سان ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ گهرجي. ان جي حقيقي ترقي پسند جزن ۽ رجعت پرست جزن کي الڳ ڪري، ان ادب ڏانهن ان حساب سان رويو قائم ڪرڻ گهرجي.

# نئين اسرندڙ عوامي ۽ پورهيت ادب ۽ فن جي همت افزائي ڪجي

هر طبقي جي نمائندگي ڪندڙن ۾ سنا ۽ خراب اديب ۽ فنڪار ٿين ٿا. هرڪو چاهيندو ته جيڪا به تخليق پيش ٿئي سا ٻين ڳالهين سان گڏ فني طرح به اعلىٰ درجي جي هجي.

عام طرح سرمايه دار ۽ ٽين دنيا جي ملڪن ۾ عوامي اديبن جي ڀيٽ ۾ جاگيردار، سرمايه دار، رجعت پرست ۽ سامراج پرست لاڙا رکندڙ اديب فني طرح وڌيڪ تجربيڪار، قابل ۽ مقبول آهن.

پورهيت عوامي ادب جي انهن ملڪن ۾ اجان چڻ شروعات آهي. هر ٻي نئين شيءِ وانگر اهو ادب به شروع شروع ۾ ڪچو ڦڪو هوندو. عوامي اديبن جو فرض ٿيندو ته هو ٻين ڳالهين سان گڏ فن جي پختگيءَ تي به خاص ڌيان ڏين ۽ ڏاڪي به ڏاڪي ان جو معيار وڌائين.

ٻئي طرف عوام جو به فرض آهي ته عوام دشمن يا غيرعوامي ادب جي ڀيٽ ۾ ڪچي ڦڪي اسرندڙ نئين عوامي ۽ پورهيت ادب جي همت افزائي ڪن ته جيئن اهو سندن مدد ۽ همت افزائيءَ سان جلد از جلد پنهنجو معيار اوچي ۾ اوچو ڪري عوام دشمن ۽ غيرعوامي ادب کان ان ڳالهه ۾ گوءِ ڪٽي وڃي.

دراصل پس پيش صحيح عظيم عالمي ادب اهو پورهيت ادب ئي ٿيندو جو ته اهو ئي ڌرتيءَ جي ڏين پٽن جي وڏي اڪثريت جي جذبن ۽ صلاحيتن جي ترجماني ڪري ٿو. جڏهن اهو اسان وٽ وهيءَ چڙهندو تڏهن اهي رنگ ڪري ڏيکاريندو جو ماڻهن کي اڳيون خبرون وسري وينديون.

راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي جي ناهه ڪو!

سنڌ ۾ اڄ به ٿورن وڏن اديبن ۽ شاعرن کي ڇڏي، ٻين گھڻن کي اسان جا نوان اسرندڙ پورهيت اديب ۽ شاعر اَشي ڪَشي ملهون ماريو بيٺا آهن! اجان ته ڪٿي ڳالهه پيئي آهي!

## عام ٿورو پڙھيل غريب ماڻھو بہ اديب ٿي سگھن ٿا ۽ ضرور ٿين

حقيقي عوامي ادب تڏھن تخليق ٿيندو جڏھن خود شھري ٺوڙي ٻھراڙيءَ جا ڏکن ڏڌل، ماريل پيڙيل غريب ماڻھو قلم ھٿ ۾ کڻندا.

جتي باھ ٻري اھا جاءِ جلي
ڪھڙا سيڪ پاڙي واليان نون!

خوشيءَ جي ڳالھ آھي جو سنڌ ۾ ڪئين پورھيت ماڻھو چڱا شاعر ۽ اديب ٿي ويا آھن. ادبي رسالن وارن کي کپي تہ انھن جي ھمت شڪني نہ، ھمت افزائي ڪن. خاص ڪري آتم ڪھاڻيءَ جي ميدان ۾ پورھيت ماڻھن سان ڪو ٻيو مقابلو ڪري ڪونہ سگھندو. ھر ٿوري گھڻي پڙھيل، غريب پورھيت ماڻھوءَ کي، پنھنجي آتم ڪھاڻي لکي ٻين کي پڙھي ٻڌائڻ گھرجي. جيڪي وڏيڪ سنيون ھجن تن کي ڇپائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گھرجي.

## فوري اشاعت نہ ٿئي تہ پرواھہ ڪانھي

ھونئن تہ ادب آھي ئي ڇپجڻ لاءِ پر ڪي حالتون اھڙيون بہ ٿينديون آھن جن ۾ جيڪي لکڻ ضروري آھي سو في الحال ڪن سببن جي ڪري ڇپجي نہ سگھندو آھي. اھڙين حالتن ۾ لازم آھي تہ صحيح عوامي ادب جي تخليق جيتريقدر ممڪن ٿي سگھي، ھر حالت ۾ جاري رھي، چاھي اھو ھڪدم ڇپجي سگھي يا نہ.
دنيا جا ڪي تمام وڏا شاھڪار فوري طرح ڇپجي نہ سگھيا، اڳئين زماني ۾ پريسون ۽ اخبارون ڪونہ ھيون. قلمي نسخن تيار ڪرڻ لاءِ ھزارين رپيا خرچ ۽ ڪئين سال وقت لڳي ويندو ھو. ڪي ڪتاب تہ ماڻھن لکي ٿيھ ٿيھ سال رکي ڇڏيا، پوءِ شايع ڪيا. سائنسدان ڪاپرنيڪس پنھنجو جڳ مشھور سائنسي شاھڪار ”آسماني جسمن جي حرڪت جا قاعدا“ مرڻ کان ٿورو اڳ ۽ لکڻ کان 30 سال پوءِ شايع ڪرائڻ جي اجازت ڏني!

## عوام دشمن ادب تي تنقيد ڪريو!

ادب بابت عام ماڻھن جو اھو رويو پئي رھيو آھي تہ ماڻھن کي جيڪو وڻي سو ادب تخليق ڪن. وڻندو تہ پڙھنداسين نہ تہ نہ پڙھنداسين. اھو رويو نقصانڪار آھي. اڄ

هر مسئلو عوام جو مسئلو آهي. اهي زمانا ويا جڏهن عوام هن ڌرتيءَ کان لاوارث ۽ لاتعلق هو. هاڻ هر ڪم سان سنڌس واسطو آهي. عوام ئي وارث ۽ مالڪ ٿيو آهي هر ڳالهه جو.

سوچڻ گهرجي تہ عوامي ادب تي عوام دشمن جا چاڙتا ڪيڏا نہ چتا چچرات تا ڪن! ڪهڙن ڪهڙن بيهودن دليلن ۽ حجتن جا ڏنبا تا اُلارين! ڪيڏيون نہ اکيون ٽا ڦوٽارين! ڪيڏو نہ مرڻ مارائڻ لاءِ تيار ٿي تا وڃن! ان جو سبب اهو آهي تہ ادب ۽ فن وانگر، ادبي ۽ فني تنقيد ۽ پرک بہ، طبقاتي مفادن، لاڙن ۽ ذهني، فڪري، جذباتي، روين ۽ عادتن کان هرگز بالاتر ڪانهي. اها بہ ادبي ۽ فني ميدان هڪ طبقاتي هٿيار طور ڪتب ايندي رهي آهي.

## ”بادا بي ميار“ نہ ٿيو!

اهڙي حالت ۾ جا اسين عوام دشمن ادب ڏسي ”بادا بي ميار“ ٿيا وينا هجون، ڇڻ الائي ڪنهن جي بازار پئي لڳي؟ نہ! عوام اڳيان جيڪا هڪ هڪ سٽ بازار ۾ پيش ٿئي ٿي تنهن جي اسان کي پوري پوري ڇڪاس وٺڻ گهرجي تہ اسان جي دشمن سٽ آهي يا دوست سٽ.

ظاهر آهي ادبي پرک جا معيار پنهنجا آهن. ان لاءِ ڪجهہ ڄاڻ، تجربو ۽ هنر گهرجي. پر هرويرو تنقيد اهڙي ”جُوج بلائِي“ بہ ڪانهي، جو ماڻهو ڊپ کان ويجهو بہ نہ وڃينس! گهٽو ڪري تہ ”سُر ڪنيو راڳ پروڙيو“ ۽ ”ڪرمِي پٽ پينگهن ۾ پڌرا“ واري ڳالهہ وانگر ماڻهو گهڻين حالتن ۾، گهڻو ڪري، اٽندي ئي سمجهي ويندو تہ ماکي آهي يا زهر. واقعي ادب آهي يا نلهي ولل ۽ يخي برائي يخي.

تنهن کان سواءِ اسان جي سڄاڻ ترقي پسند پارکن کي بہ پنهنجو ڪم وڌيڪ وسيع، گهرو ۽ تيز ڪرڻ گهرجي. کين پنهنجي ادبي نظرياتي پيڙهہ وڌيڪ پختي ڪرڻ گهرجي. خاص ڪري سائنسي فلسفي تي گهري دسترس ۽ مڪمل عبور حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي روشنيءَ ۾ ادب ۽ ثقافت بابت جڙتو سامراجي نظرين جون پاڙون پٽڻ گهرجن.

جڙتو ”نئين ادب ۽ فن“ جي پاڙ پٽڻ ۽ سچي نئين ادب ۽ فن کي زور وٺائڻ، ادب ۽ فن جي ميدان ۾ اڄ جي دور جو هڪڙو اهڙو اهم ترين ۽ مقدس ترين عوامي فرض آهي.

●●●

# جهان کي ڏيو مبارڪون

(رسول بخش پليجو)

جهان کي ڏيو مبارڪون اسين پيا ڪاهيندا اچون،
نون سرن ۾ زندگيءَ جا گيت ڳائيندا اچون،
نئين زمين تي هڪ نئون جهان بنائيندا اچون،
نئين جهان ۾ ڏام ڏوم ساڻ ڇائيندا اچون.

حيات جو هيءُ حڪم آ ته ڏاهيو پوءِ ٿاهيو،
دباءَ ڦر رهزنيءَ جا ڪيل سڀ بگاڙيو،
خزان کي جو پناهه ڏي سو باغ ئي اُجاڙيو،
خزان سان گڏ خزان جو گهر ٻه پيا جلائيندا اچون.

اجهو هو نڪتو ڀڪندڙ جلوس آفتاب جو،
پيو آ ليڙون ليڙون ٿيو ڪفن انڌيري رات جو،
نشان نظر اچي پيو صاف منزل نجات جو،
۽ ٻوڏ وچ جيان وڏي پيو قافلو حيات جو،
قيامتون قيامتن پنيان اُٿاريندا اچون.

جو سج آسمان تي هو زمين تي جڳمڳائيندو،
۽ چنڊ پڻ لهي اچي قدم تي سر جهڪائيندو،
بهشت جنتن جو خواب نيٺ رنگ لائيندو،
بهار نيٺ مرڪندو ۽ حسن گيت ڳائيندو،
اٿو ته آسمان کي زمين تي لاهيندا اچون.

(1962ع ۾ لکيل)

★★★★★★★★★★★★★

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books